189
26.7.81
لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

ايڊيٽر: غلام محمد گرامي

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

ڏهسالہ خاص نمبر — حصو پهريون

١٩٥٥ — ١٩٦٥ع

# مهراڻ

جلد ١٤]

[نمبر ١–٢

ملڻ جو هنڌ:

١. سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، ٣- سيول لائينس، حيدرآباد (سنڌ).
٢. سنڌ جا سڀيئي وڏا ڪتب فروش.

**قيمت ٣-٠٠ رپيا**

**اشتهار في صفحو ١٠٠ رپيا**

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

Printed and Published by Shaikh Ali Mohammed, Member Sindhi Adabi Board,
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book stall,
3- Civil lines, Hyderabad Sind

# فهرست

## شعر


مخدوم محمد زمان "طالب المولا" — بيت (ص ٢١-٢٤).

شيخ اياز — غزل (ص ٢٥-٣٢).

تنوير عباسي — غزل (ص ٣٣-٣٤)، گيت (ص ٣٤)، وائي (ص ٣٤-٣٥)، نظم (ص ٣٥-٣٨).

امداد حسيني — نظم (ص ٣٩-٤٤)، آزاد نظم (ص ٤٥)، غزل (٤٦-٤٩)، قطعا (ص ٥٠)، ترائيل (ص ٥٠).

نارائڻ شيام — وايون (ص ٥١).

هري دلگير — وايون (ص ٥٢-٥٣)، بيت (ص ٥٣).

گوورڌن محبوباڻي — گيت (ص ٥٤-٥٩)، ڪافي (ص ٥٩)، لولي (ص ٥٩-٦٠).

مولوي احمد ملاح — غزل (ص ٦١-٦٣).

مولوي خير محمد نظاماڻي — غزل (ص ٦٤).

عبدالڪريم گدائي — گيت (ص ٦٥)، نظم (ص ٦٦).

نياز همايوني — نظم (ص ٦٧-٧١).

بردو سنڌي — گيت (ص ٧٢).

محسن عباسي — بيت (ص ٧٣)، گيت (ص ٧٣-٧٤).

ذوالفقار راشدي — دوها (ص ٧٥-٧٦)، غزل (ص ٧٧).

قمر شهباز — وايون (ص ٧٨-٧٩)، گيت (ص ٧٩)، آزاد نظم (ص ٧٩-٨٠)، غزل (ص ٨٠-٨١).

سروپچندر "شاد" — وايون (ص ٨٢-٨٤)، گيت (ص ٨٤-٨٥).

محسن ڪڪڙائي — نظم (ص ٨٦)، قطعا (ص ٨٧).

"وفا" ناٿنشاهي — قطعا (ص ٨٨-٩٠)، غزل (ص ٩٠).

"آثم" ناٿنشاهي — نظم (ص ٩١-٩٢)، رباعيون (ص ٩٢).

"راز" ناٿنشاهي — قطعا (ص ٩٣)، گيت (ص ٩٤).

"استاد" بخاري — نظم (ص ٩٥)، قطعا (ص ٩٥-٩٦)، رباعيون (ص ٩٦).

عبدالڪريم "ڪريم" پلي — غزل (ص ٩٧)، گيت (ص ٩٧-٩٨)، ڪافي (ص ٩٨).

ولي محمد "وفا" — غزل (ص ٩٩-١٠٠).

عبدالجبار "شام" — دوها (ص ١٠١)، وائي (ص ١٠١).

ڊاڪٽر "خادم" سدارنگاڻي— نظم (ص ۱۰۲).
موتي پرڪاش— ترائيل (ص ۱۰۳)، غزل (ص ۱۰۳-۱۰۴).
محمد علي "جوهر"— غزل (ص ۱۰۵).
"گل" سلطان ڪوٽي— غزل (ص ۱۰۶).
"مجذوب" عمرڪوٽي— غزل (ص ۱۰۷).
"نشتر" ناٿنشاهي— غزل (ص ۱۰۸).
احمد خان "آصف"— غزل (ص ۱۰۹)، قطعا (ص ۱۰۹-۱۱۰)، وائي (ص ۱۱۰).
احمد خان "اختر"— ڪافي (ص ۱۱۱)، وائي (ص ۱۱۱)، گيت (ص ۱۱۲)، دوها (ص ۱۱۲).
سليم ڳاڙهوي— غزل (ص ۱۱۳-۱۱۴)، نظم (ص ۱۱۴).
نديم انصاري— غزل (ص ۱۱۵).
مولوي "ماعر" نوآبادي— قطعا (ص ۱۱۶).
حسين بخش "خادم"— ڪافيون (ص ۱۱۷-۱۱۸)، بيت (ص ۱۱۸).
مولوي رحيم بخش "قمر"— ڪافيون (ص ۱۱۹-۱۲۰).
علي بخش "رضا"— (ص ۱۲۱-۱۲۲).
محمد خان "غني"— بيت (ص ۱۲۳).
"مشتاق" سچاروي— غزل (ص ۱۲۵)، ڪافي (ص ۱۲۵).
ڪمل "پياسي"— گيت (ص ۱۲۶-۱۲۸).
"سام" جشنگاڻي— (ص ۱۲۹-۱۳۰)، ڪافي (ص ۱۳۰).
ميوو خان "موج"— ڪافي (ص ۱۳۱)، قطعا (ص ۱۳۲).
قيوم "طراز"— غزل (ص ۱۳۳)، گيت (ص ۱۳۳).
تاج بلوچ— غزل (ص ۱۳۴-۱۳۵).
شعبان "بخت"— نظم (ص ۱۳۶-۱۳۷)، غزل (ص ۱۳۷-۱۳۸)، گيت (ص ۱۳۸).
رشيد "ارشد"— غزل (ص ۱۳۹).
نعيم دريشاڻي— غزل (ص ۱۴۰-۱۴۱)، نظم (۱۴۱-۱۴۲)، هيڪو (ص ۱۴۲-۱۴۳).
"پروانو" ڀٽي— غزل (ص ۱۴۴)، نظم (۱۴۴-۱۴۵)، قطعا (ص ۱۴۵-۱۴۶).
ظفر ڪاظمي— غزل (ص ۱۴۷)، بيت (ص ۱۴۷).
فتاح ملڪ— نظم (ص ۱۴۸-۱۵۰)، گيت (ص ۱۵۰).
شمشيرالحيدري— آزاد نظم (ص ۱۵۱).

## غير ملڪي ٻولين جي شاعري

(۱) ڪرسٽاف ٽيج جو نظم "ميدان جنگ" (جرمني)، سنڌيڪار رسول بخش پليجو.
(۲) خليل جبران جا ست گيت (عربي)، سنڌيڪار محمد نواز "محزون".

## افسانا


١. هي جيوَن، هي سپنا — علي بابا (ص ١٦٣-١٦٨).
٢. راند — نظير شيخ (ص ١٦٩-١٧٤)
٣. ديوار (ترجمو) — ژان پال سارتر
سنڌيڪار: زرينہ بلوچ (ص ١٧٥-١٩٤)


## ناٽڪ


آخري رات — ممتاز مرزا (ص ١٩٥-٢١٢)


## مقالا


١. جديد دور ۾ بين الاقوامي تعاون جو مسئلو — اي. ڪي. بروهي
سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو ۽ سومار علي
(ص ٢١٥-٢٣٨).
٢. صوفي صادق فقير — راج محمد ٻلي (ص ٢٣٩-)
٣. سامي زبانون — پروفيسر واء. ايس. طاهر علي (ص ٢٨٤-٢٩٦)
—"مهراڻ" جا موتي
—"آديسي اٿي ويا..."
—تبصرا




”...اوهان جو فڪر آزاد آهي، تنهنڪري اوهين پنهنجي تاثرات کي نهايت آزاديءَ سان لکو، ۽ پنهنجي ماحول کي آزاد نموني ۾ متاثر ڪري، پنهنجن گرانقدر خيالن کي ظاهر ڪريو: ڪنهن به خوف يا ڪنهن به مصلحت کي اڳيان آڻي، پنهنجي ذهن کي ملوث ۽ ڪُند نه ڪريو. آءٌ پنهنجي طرفان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته اهو ممڪن آهي ته ذاتي ۽ انفرادي طور تي منهنجو اوهان سان اختلاف ٿي پوي — حتاڪ احتجاج به ڪري سگهان ٿو — پر ان سان گڏوگڏ، اهو يقين پڻ ڏياريان ٿو ته مان اوهان جي حقن جي حفاظت ڪندس، بشرطيڪ اهو وطن عزيز جي مفاد جي خلاف نه هوندو.“

(ف. م. صدر محمد ايوب خان جو، ”پاڪستان رائٽرس گلڊ“ جي ٻئي ساليانيءَ اجلاس جي موقعي تي، پاڪستاني اديبن کي پيغام: ٣١- جنوري ١٩٦٠ع، ڊاڪا.)

# گذارش

’مهراڻ‘ جو هي ضخيم پرچو، پنهنجي ترتيب جي خيال کان، اڳين دستوري پرچن جي مقابلي ۾، جا جدت ۽ ندرت رکي ٿو، اها ظاهر آهي.

’مهراڻ‘ جو پيو دور، ١٩٥٥ع کان شروع ٿيو: اڄ کيس ڏهه سال گذري چڪا آهن: ڏهن سالن جي طويل عرصي ۾ مهراڻ پنهنجي حال آهر، سنڌي ادب جي جا به خدمت ڪئي آهي، اها فراموش ڪرڻ جهڙي نه آهي.

’مهراڻ‘ نه فقط سنڌي ادب ۽ علائقائي ادب ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. پر محقق ۽ ناقدن کيس عالمي ادب ۾ پڻ نمايان اعزاز بخشيو آهي. اصل ۾ اهو اعزاز ۽ شرف انهن سنڌي عالمن، اديبن، شاعرن، افسانه نگارن ۽ ڊرامه نويس دوستن جو مرهون منت آهي. جن بناڪنهن معاوضي يا رسمي ۽ زباني اعتراف جي، پنهنجا شاهڪار وقت بوقت پئي عنايت ڪيا آهن. اسان سنڌن، دل جي گهراين سان، احسانمند آهيون. اميد آهي ته انهن مخلص ۽ باحوصله دوستن جو مهراڻ سان ساٿ توڙ تائين قائم رهندو.

’مهراڻ‘ جو هيءُ پرچو، ”ڏهه ساله جشن مهراڻ“ جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جيئن عالمي ادب جي مشهور ۽ مقبول رسالن جا ڏهه ساله، پنجويهه ساله، پنجاهه ۽ سؤ ساله جشن ملهايا ويندا آهن، تيئن ’مهراڻ‘ جي ڏهه ساله جشن جون تياريون به مڪمل ٿي چڪيون هيون.

ان سلسلي ۾ ’مهراڻ‘ سان تعلق رکندڙ اديبن ۽ عالمن، شاعرن ۽ فنڪارن کي هڪ هنڌ گڏ ٿي، پنهنجي ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ ۽ اصلاح لاءِ هڪ سٺو موقعو ملي ها. هو پاڻ ۾ ملي، خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهن ها. هڪٻئي جي فن ۽ مطالعي مان مستفيد ٿي سگهن ها. هن دور جي نازڪ ۽ اهم عالمي ۽ ادبي صورتحال تي تبصرو ڪري سگهن ها. سنڌي ادب جي گذريل ڏهن سالن جي نظرياتي ۽ فني ترقيءَ يا ڪمي بيشيءَ جو ناقدانه جائزو وٺي سگهن ها. پنهنجي سنڌي ادب جي فني ڪوتاهين جي نشاندهي ڪري سگهن ها. اهو سنڌي ادب، جو پنهنجي هيئت، مواد ۽ فني حيثيت جي ڪري، اردوءَ کان سواءِ، باقي سڀني علائقائي زبانن — يعني پنجابي، بلوچي، پشتو، براهوئي ۽ سرائڪيءَ — کان نه فقط وڌيڪ شهرت يافته آهي، پر ان سان گڏ فني سرمايي، توڙي خيالن جي تنوّع، توڙي مواد ۽ هيئت جي جديد تجربات جي حيثيت سان، گهڻو بلند ٿي چڪو آهي: ان جي اصلاح ۽ ارتقاءَ لاءِ، ڪنهن صحتمند ماحول ۾ ويهي، اسان جا اديب ۽ شاعر، ڪجهه سوچي سگهن ها ۽ هڪٻئي کي سمجهي سگهڻ جي ڪوشش ڪن ها.

ان 'جشن مهراڻ' جي سلسلي ۾، سنڌي جديد ۽ قديم ڪتابن جي نمائش، پراڻن مخطوطن جي نمائش، هڪ معياري محفل مشاعره، هڪ ناٽڪ، هڪ ميوزڪ ڪانفرنس، هڪ سيمينار ۽ محفل انتقاد جو انتظام پڻ ڪيل هو. ان کان سواءِ سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جي نمائندگي ڪندڙ 'آثار ۽ علامات' کي پڻ پيش ڪيو وڃي ها. مردن سان گڏ عورتن جي ادبي گڏجاڻي ۽ ٻارڙن جي ميلي ۽ نمائش جو پڻ انتظام رٿا هيٺ آيل هو. شرڪاءِ جشن ۾ جتي سنڌي اديب ۽ سنڌي سامعين هجن ها، اتي اردو، پنجابي، پشتو، بلوچي ۽ سرائڪي، زبانن جي وڏن وڏن عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي شرڪت جو پڻ فيصلو ٿي چڪو هو. بهرحال، اهو جشن سنڌي ادب جي تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ زرين باب بنجي ها.

پر، 'تدبير ڪند بنده، تقدير ڪند خنده' وانگر، اهو سارو مقصد هاڻي فوت ٿي چڪو آهي.
'اي بسا آرزو ڪه خاڪ شده!'

انسان ويچارو پنهنجي وس آهر، ڪيئي انسنا ٺـو گهڙي ۽ ڪيئي معاملا ٺـو رٿي، پر قدرت جو مصلحت شناس نظام ان ساري مانداڻ کي هڪ پَل ۾ ختم ڪيو ڇڏي. اهو ساڳيو حال 'جشن مهراڻ' متعلق ٿي چڪو آهي. ممڪن آهي ته حالتن جي سازگار ٿيڻ تي اهو جشن اڳتي هلي ملهايو وڃي.

ان سلسلي ۾، رسالي 'مهراڻ' جو هڪ ضخيم ۽ مصوّر نمبر پڻ شايع ڪرڻو هو. مهراڻ جي 'جشن ڏهه ساله نمبر' جي ترتيب ۽ رٿا ۾ قديم ۽ جديد علم ۽ فن تي هڪ نمايان ۽ معياري انتخاب پيش ڪرڻ جي رٿ هئي. ان نمبر ۾ جتي موجوده عالمن ۽ اديبن، فنڪارن ۽ شاعرن جا معياري شهه پارا ڏيڻا هئا، اتي 'مهراڻ' رسالي جي قديم ۽ جديد دورن جي بهترين علمي ۽ ادبي، تاريخي ۽ مذهبي، تنقيدي ۽ فڪري مقالن جو نچوڙ پڻ پيش ڪرڻو هو. ان ۾ دستور موجب، نظم جو حصو، افسانا ۽ مقالا ۽ ٻيا سڀ دستوري عنوان پيش ڪرڻا هئا. اهو نمبر گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار صفحن تي مشتمل رٿيو ويو هو. ان ۾ بهترين تاريخي ۽ تهذيبي تصويرن جو انتخاب پڻ ڏيڻو هو.

جڏهن ته ڪافي وقت کان 'مهراڻ' جي ان جامع ۽ معياري ڏهه ساله رسالي جي ڇپائي شروع ٿي چڪي هئي ۽ رٿيل ضخيم نمبر جو جڻ ته اڌ ڀاڱو کن ڇپائيءَ هيٺ اچي چڪو هو، تنهنڪري جشن مهراڻ جي في الحال ملتوي ٿيڻ هوندي به ان 'مهراڻ نمبر' تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي، ۽ ان ڏهه ساله نمبر جو پهريون حصو ناظرين ڪرام جي هٿن ۾ آهي.

ان وچ ۾ بورڊ جي طرفان، رسالي 'مهراڻ' کي خالص علمي رسالي جي صورت ۾، جناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولا، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جي نگرانيءَ ۾ شايع ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي ۽ ان هدايت جي تعميل نئين سال ١٩٦٦ع کان وٺي عمل ۾ اچي آهي. في الحال 'مهراڻ' جي تيار ٿيل ۽ ڇپيل مواد کي، جناب چيئرمن صاحب جي نظرثانيءَ کان پوءِ، دستوري ترتيب هيٺ شايع ڪرڻ جي اجازت ملي چڪي آهي.

هن ٻهرئين حصي ۾ ترتيب جي لحاظ سان به ڪافي تبديلي ڪئي ويئي آهي. نظم جي حصي ۾، سنڌي شاعرن جي نمائنده ۽ معياري ڪلام ڪي ججهي انداز ۾، ۽ هڪ ئي هنڌ ڏنو ويو آهي. ۽ ان سان گڏ، افسانا ۽ علمي مقالا پڻ ڏنا ويا آهن ۽ ٻيا دستوري عنوان به پيش ڪيا ويا آهن.

'مهراڻ نمبر' جي ٻئي حصي ۾، مهراڻ جي قديم ۽ جديد دورن مان فقط علمي مقالات جو انتخاب ڏنو ويو آهي. جو ٻڻ ڇپائيءَ هيٺ آهي. اميد آهي ته 'مهراڻ' جي ڏهه ساله جشن جي التوا ۽ ان جي باقي ٻين سڀني تقريبات جو نعم البدل، 'مهراڻ' جا هي به ضخيم نمبر ٿيندا، جي پنهنجي علمي ۽ فني معيار جي لحاظ سان اڳتي هلي، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ نمايان حيثيت حاصل ڪندا. الله تعاليٰ کان دعا آهي ته شال اسان جي ناچيز علمي خدمتن کي قبوليت جو شرف عطا فرمائي — آمين.

'مهراڻ' جي خالص علمي حيثيت جي اشاعت ۾ اميد آهي تـه اسان جي محب وطن ۽ سنڌي ادب جي عالمن ۽ محققن جو تعاون، دستور موجب 'مهراڻ' سان قائم رهندو ايندو.

'مهراڻ' جي خالص علمي مجلد جي ترتيب ۽ مواد جي معيار لاءِ ٻين ترقي يافته ٻولين ۽ خاص طرح قومي ٻولي اردوءَ جا علمي رسالا سامهون رهندا. ان سلسلي ۾، برصغير هند و پاڪ ۾ 'معارف' اعظم ڳڙهه، 'برهان' ندوة المصنفين، دهلي، 'اردو' انجمن ترقي اردو، ڪراچي، 'ثقافت' لاهور، 'نگار' ڪراچي، 'اقبال رويو' ڪراچي، 'الرحيم' حيدرآباد، 'العلم' ڪراچي، 'بصائر' ڪراچي، 'نصرت' لاهور، 'علم' لاهور، 'علم و فکر' عليڳڙهه، 'اردو نامه' ڪراچي، وغيره جا تالا وٺي سگهجن ٿا، جن ۾ نظم ۽ افسانن کان سواءِ باقي علم ۽ فن جي هر موضوع تي محققانه ۽ معلومات افزا مقالا شايع ٿين ٿا.

بهرحال، 'مهراڻ' ۾ خالص ادبي، علمي، تاريخي ۽ تهذيبي قسم جي مواد کان سواءِ، ٻيو ڪو به اختلافي يا تنقيدي مسئلو زيربحث نه آندو ويندو — پوءِ اهو مذهبي هجي توڙي ادبي هجي. اميد ته علم ۽ فن جي هر پهلوءَ تي، اسان جا سنڌي اهل قلم احباب، دستور موجب، مواد موڪلڻ جي مهرباني ڪندا رهندا.

آخر ۾ 'مهراڻ' جي علمي مواد متعلق، محض پنهنجن لائق عالمن ۽ اديبن جي لاءِ هڪ مشوري يا خبر طور، مختصر نموني ۾ هڪڙو خاڪو پيش ٿا ڪريون:

(۱) ڪنهن به عالم ۽ فاضل شخصيت جي سوانح ۽ علمي ڪارنامن تي جامع ۽ معلومات افزا تاريخي جائزو:

مثلاً سنڌ جي ڪنهن قديم ولي الله، شاعر ۽ بزرگ جا ڪي علمي آثار محفوظ هجن، ڪتاب هجن، بياض هجن، ڪن علمي مسئلن تي ڪا ڳالهه ٻولهه هجي، ڪن تاريخي مسئلن سان تعلق رکندڙ مسئلا هجن، ڪن تاريخي واقعن سان سندن سڌو يا اڻ سڌو ڪو تعلق هجي — ته پوءِ انهن جا ڪارناما تاريخي ۽ تحقيقي انداز ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا. جيئن مخدوم نوح،

مخدوم بلال، مخدوم معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شاهه عنايت صوفي (جهوڪ شريف)، سلطان الاولياء لواري شريف، وغيره.

(٢) سنڌ جي تاريخ ۽ ان جو قديم، تهذيبي ۽ علمي ورثو — اهو موضوع نهايت جاندار، معلومات افزا ۽ وسيع آهي. ان جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ تي تحقيقي مقالا لکي سگهجن ٿا.

(٣) سنڌ جا آثار قديمه: ان سلسلي ۾ سنڌ جي مدفون دڙن ۽ پڙن تي، کاڪن ۽ تصويرن سان مفصل مضمون ڏيئي سگهجن ٿا. انهن مان لڌل شين جي، دنيا جي ٻين تهذيبي آثارن سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. ان طرح واديءَ سنڌ جي تهذيبي عظمت کي نروار ڪري سگهجي ٿو.

(٤) سنڌي زبان جي لساني خصوصيت: هي موضوع به وسيع ۽ معلومات افزا آهي. ان موضوع تي سنڌي ٻوليءَ توڙي پاڪستان جي ٻين علائقائي ٻولين جي محاورات، اصطلاحات ۽ لغت ۽ قديم ادب تي لکي سگهجي ٿو.

(٥) مسلم دنيا جي ڪنهن ملڪ جو معلومات افزا جائزو: ان ۾ انڊونيشيا، ايران، سعودي عرب، عراق، شرق اردن، شام، مصر، آلجيريا، ٽيونس، الجزائر وغيره ملڪ اچي وڃن ٿا. انهن جي تهذيبي، تاريخي، لساني، علمي، ادبي ۽ ملڪي مسئلن تي معلومات افزا مقالا لکي سگهجن ٿا.

(٦) اسلامي تاريخ جي ڪنهن وڏي جليل القدر، عالم ۽ مُصلح جي سيرت ۽ علمي ڪارنامن تي سيرحاصل تبصرو. مثلاً غزالي، ابن تيميه، رومي، سعدي، مجدد الف ثاني، شاهه ولي الله، سر سيد احمد، جمال الدين افغاني، مولانا عبيدالله سنڌي، علامه مشرقي، علامه اقبال، علامه عبده مصري وغيره، — — پر مذهبي ۽ عقائد جي اختلافي بحث کان سواءِ.

(٧) سائنس: هي موضوع پنهنجي افاديت جي لحاظ سان نهايت وسيع آهي. ان سلسلي ۾ سائنسي نظريات ۽ ايجادات تي لکي سگهجي ٿو — ويندي ائٽم بم، هيڊروجن بم، راڪيٽ، خلائي سيارن وغيره تائين، پر ايترو خيال رهندو جيئن ڪو مذهبي اختلافي مسئلو نه پيدا ٿئي.

(٨) فلسفو: فلسفي جي تشريح، فلسفي جي ارتقا، مختلف ملڪن ۾ فلسفي جي تعليم: يونان، روم، هند، مصر، چين ۾ فلسفي جي تعليم ۽ ارتقا: يورپ جا فلسفيانه اسڪول، مشهور فيلسوف، جديد فلسفي جا مهندار — جئن هيگل، ڪانٽ، برڪلي، اسپونزا، برگسان، شوپنهائر — وغيره

ان سلسلي ۾ مسلم فلسفي تي جامع مقالا لکي سگهجن ٿا. ۽ عربن جي فلسفيانه افڪار ۽ فيلسوفن ابن رشد اندلسي، ابن مسڪويه، ابن باجه، يعقوب الڪندي، جابر بن حيان، بوعلي سينا، جهڙن عظيم فيلسوفن ۽ مفڪرن تي ڪافي مواد موجود آهي. ان طرح مغربي فلسفي جو مسلم فلسفي جي روشنيءَ ۾ تنقيدي مطالعو به پيش ڪري سگهجي ٿو.

(٩) تصوّف: هي به نهايت وسيع موضوع آهي. تصوف جي تاريخ ۽ ارتقا تي ۽ ڪنهن به وڏي صوفيءَ جي سيرت ۽ تعليمات تي يا ان جي ملفوظات تي تحقيقي نموني ۾ لکي سگهجي ٿو.

(١٠) اسلام جديد دور ۾: هي موضوع نهايت اهم آهي. ان ۾ پڌائڻو آهي ته هن جديد دور ۾ انسان جي فڪري، ۽ تهذيبي مشڪلاتن جو حل 'اسلام' ۾ آهي. ان موضوع تي، مذهبي اختلافي بحث کان سواءِ، خالص تحقيقي ۽ علمي انداز ۾ گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو.

هي چند اشارا آهن. اميد ته اسان جا سنڌي اديب ۽ عالم ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي لکڻ شروع ڪندا.

ان سلسلي ۾ سنڌي ادب جي قديم ۽ جديد دورن سان واسطو رکندڙ مطالع جي صاحبن کي خاص طرح سان گذارش ڪريون ٿا ته هو پنهنجي خداداد مطالعي ۽ غور و فڪر جي نتيجن کان سنڌي ادب کي روشناس ڪن ۽ سنڌي ادب ۾ ادب عاليه جو اضافو ڪن. اهو به هرڪنهن اهل نظر کي علم آهي ته اسان جي سنڌي ادب ۾، ان قسم جي معياري ۽ عالمي ادب جي تمام گهڻي ضرورت آهي. اسان وٽ دينيات، تاريخ، تصوف، تهذيب و تمدن، لسانيات ۽ معاشيات، سائنس ۽ فلسفي تي اگر ڪي معياري ڪتاب آهن به، ته به اهي ڳاڻ ڳڻيا ئي آهن. انهن جو محدود ذخيرو سنڌي ٻوليءَ جهڙيءَ سدا شاهوڪار زبان لاءِ ڪافي نه آهي.

پيو ته هر دور ۾ اديبن ۽ عالمن لاءِ ڪي تاريخي تقاضائون پڻ پيدا ٿين ٿيون. هن سائنسي ۽ ائٽمي دور ۾ سنڌي ادب جون اهي ئي تقاضائون آهن ته ان جي دامن کي علم ۽ دانش جي بي بها گوهرن سان مالا مال ڪيو وڃي. مختلف علمي مسئلن تي دل کولي لکيو وڃي، پنهنجي ٻوليءَ جي علمي ذخيري ۾ هر روز نئون نئون اضافو ڪيو وڃي.

اميد ته اسان جا اهلِ نظر ۽ صاحبِ بصيرت عالم ۽ فاضل ماڻهو، هن اهم علمي مسئلي ڏانهن توجهه فرمائيندا ۽ پنهنجي علمي نگارشات سان 'مهراڻ' کي مستفيد ٿيڻ جو موقعو ڏيندا — والسلام. — غ. م. گ.

# شيخ اياز

## غزل

●

هيءَ سَنَن نه ڏينديءَ چَنَن، اٿي ڏس، ڪوئي آيو آ پيارا!
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن آيايو آ پيارا:

جنهن وقت چراغِ شام ٻري، ۽ ميخاني ۾ جام ڀري،
تنهن وقت اسان جو هند ڀري، پنهنجو ٻه ڀرايو آ پيارا!

جنهن وقت اسان جي تند ٽٽي، ۽ ساز ٽٽي آواز جهڪي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڊ ڪڍي، جو آيو، ڳايو آ پيارا!

ڏس ڏس، ماڻهوءَ جي مٽيءَ ڪي مون ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڳوهي،
ڪهڙو نه لٽايو آ پيارا، ڇا جام بڻايو آ پيارا!

ڪنهن ڪاريءَ ڇڪ تي رات ڪٽي، ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽي،
اينءَ وقت ڪٽيو، اينءَ عمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا!

هي ڪارو ڪارونيار ته ڏس، هو ڏورانهون ڏهڪار ته ڏس،
مون ڪيڏي جر جي جهاڳ مٿان، هي ديپ جلايو آ پيارا!

آ چوڏاري مهراڻ مٿو، جنهن جو نه ٿيو، جنهن جو نه پتو،
هي روح جزيرو حيرت جو، جنهن منجهه سمايو آ پيارا!

ڪنهن ڪونه ڏٺو، ڪنهن ڪونه ڏٺو، ڪنهن ڪنهن ڪي ڪاريءَ رات ڪٽو،
جنهن لاءِ ستارن ساهه ڏنو، هي صبح سوايو آ پيارا!

هيرا ته ڏسو، ڪنڪر نه هٿو، ايندو نه وري هي ونجارو،
ڪجهه ڏات ڏسو، ڀو بات ڪريو، هي شور اجايو آ پيارا!

●

ساري شهر وسايا پنهنجي، جن سان چڪناچُور هُيو،
پوءِ به هن ئي نعرا ماريا، مُڙس ته ڪو منصور هُيو!

وَستيءَ وَستيءَ، واهڻ واهڻ، گيت اسان جي گونج ڪئي،
چانڊوڪيءَ ۾ چنگ وڳو ٿي، رات پرينءَ جو پُور هيو.

ڪالهه ونا جي ويراني ۾ ڪهڙي هرني آج مُئي؟
سچ ازل جي اک لڳو ٿي، آن ۾ ايڏو نُور هيو.

صحرا صحرا هن جو من هو، دريا دريا نين هيا،
پل جو پانڌيڙو آيو هو، ويٺو هن کي دور هيو.

ڏينهن-ٽتي جو آيو آهين، اڳ ۾ آئين ڇو نه، "اياز"،
ڇپري ڇپري ڇانوَ هئي، جنهن وقت ليمن ۾ ٻُور هيو.

●

وري عشق بازي — اڙي دل! اڙي دل!
ائين ئي مجازي — اڙي دل! اڙي دل!

وري روپ روپا، وري گَنج ڪاوا،
نئين دلنوازي، اڙي دل! اڙي دل!

سدا سانگ تنهنجا، نوان نانگ تنهنجا،
کهرين چوٽ تازي، اڙي دل! اڙي دل!

سدائين پئي ڪوچهٔ شيشه گر ۾،
ڪرين سنگ بازي، اڙي دل! اڙي دل!

ٿيون لذرِ خيّام تن جون ٿناطون،
نه رومي نه رازي، اڙي دل! اڙي دل!

پڪارون پڪارون، نمائيون نهارون،
نه ڪر بي نيازي، اڙي دل! اڙي دل!

ٿيا روڪ تو تي، نه سونا نه سينا،
عجب بي نيازي، اڙي دل! اڙي دل!

پلو ٿيئي، "اياز" اڄ پنهنجي هٿاتي تو ڪان،
نئين دلگدازي، اڙي دل! اڙي دل!

●

اکيون آرزوئون، اکيون التجائون،
اکيون يار تنهنجون صدين جون صدائون.

نہ ڄاڻان ائين ڇو آڏيءَ آڌ ويهي،
اسان جا اکيچار کونڌر کُنائون.

نہ معلوم سرمست ڪنهن حال ۾ ها،
لتاڙي ويا هو خدايون خدائون.

اسان ڏي ڀہ آليو ميان هيءَ مينا،
گهڙيءَ لاءِ گهنگهور آهن گهٽائون.

سڄاتيي نہ سائلَ، خدا خوش رکيئي،
وڃون ٿا ڪري ديس توکي دعائون.

اهو چنگ چارڻَ امانت اٿيئي،
مٿان سِر سوا پيون ڪرين ڪي صدائون!

وسي ڀينگ پنيور ۾ سال سارا،
"اياز" اچ ڪريون ڪنهن پنهونءَ جون پچائون.

●

ڀري جام پنهنجا، پياڪو، اچو!
ڏکيو هوش جو ناهہ ڏاڪو، اچو!

اچو، رُت ڦري آ، پروڪو پئون،
وري چنڊ پاتو لياڪو، اچو!

ٽڙيو آهہ ڏاڙهون، ڪيڙيو آ بسنت،
ڦٽو ڦَٽ، ٽٽو آهہ ٽاڪو، اچو!

ڪيو آهہ سينگار سوريءَ، "اياز"،
دلين ۾ ڀيو آهي ڌاڪو، اچو!

●

اي دل نہ ڪاٺ ڏوڪو، اڄ، پيءُ ھي پروڪو،
ساغرَ وچان ڏسي ٿو، ھيءَ ڪائنات ڪوڪو.

گھر گھر، گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ تون گھنڊ ٿو وڄائين،
اي مَي فروشَ تنھنجو ھر ھنڌ آھہ ھوڪو.

اڄ رات شبنمي آ، ڇو جام ۾ ڪمي آ؟
ھن وقت ڪاڏھ ناھي سون تي ميار، لوڪو!

ھي ناز جون نھارون تو اڳ ۾ آزمايون،
شايد جٽاءُ ڪن اڄ، اي عشقَ ڪاٺ ڏوڪو!

ھي تُند تيز طوفان، مان پار ڪيئن پھچان،
سوچيو تہ ناخدائو، آھي ڪو آسرو ڪو!

تيسين "اياز" ھن کي پورو ٻَسي نہ سگھندين،
جيسين کُلي نہ جاني، ڪو جيءَ ۾ جھروڪو.

●

ھي پربو پنيور ڇا ڪافي نہ آھي؟
اي چري! ڪنھن ڏي وڃي ٿي ڪيچ ڪاھي؟

سانوٽيون گذري ويون، تو ديہر لاتي،
آءُ، ٻر اڄ رات ڪا رمِ جھمِ نہ آھي.

شھر سارو ڇو وسائي ٿو سيروٽا؟
ڏس تہ ڪوئي عشق جو ڪافر تہ ناھي!

دور ھوندي دور ناھين، مُور ناھين،
ھونئن تنھا ميڪشيءَ کي ڪير چاھي؟

رات ٻنھنجي تات آھي، اي "اياز"،
چنڊ سارو منڊ، ويٺو ناھہ ناھي.

●

جامِ مَي مون لاءِ، مستيءَ جا خدائو، مان ٻہ ھان!
مان ٻہ ھان گھنگھور، ترسو، اي گھٽائو، مان ٻہ ھان!

ڪيچ سون سان پيچ پاتو، مان بہ آھيان ڪوھيار،
ڪوئي خالي آھي ڪَرھي تي ڪجائو؟ مان ٻہ ھان!

مون ٻه پورب ۾ پرينءَ وٽ آهه پنهنجي دل ڇڏي،
يادگيري يار جي ڪا، اي هوائو، مان ٻه هان!

●

ميلي ۾ تون تنها تنها ڪنهن کي ڳولين ٿو؟
اک ۾ ڳوڙها، هٿ ۾ گجرا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

سرسوتيءَ جي مندر پرسان ٻيڙو واجهائين،
ڪنهن لئه ترسي تنهنجي وِينا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

تنهجون اکڙيون ڀو ڀر آجايون، تَلُ ترايون سَوَ،
هرڻيءَ جهڙا منهنجا هردا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

سانجهيءَ ٿاڻي ڪارا ڪڇي آکيري آيا،
پرڙا ڪولي، پيارَ پڪيڙا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

سارو جيوَن مايا سپنو، تنهن ۾ سَوَ سپنا،
او سپنا، سپني جا سپنا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

پير پٽيءَ تي ناهي تنهنجو، ڪهڙو تنهنجو ماڳ،
رستي مان نڪتا سَوَ رستا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

او رکوالا! ڪوٺين ڇو تو مي جيوَن جي رک،
آڌي اکنيءَ جهڙي آشا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

اونهاري جو سج تون ناهي، آهه ازل جي اک،
هاءِ، ڇڏي ڇن جا ڇانورڙا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

دانهون ٿو درياهه ڪري، پُڌ پُڌ ڪُن ڪُن جا ڪڙڪا،
ٻيڙيءَ ٻيڙيءَ ۾، او ٻوڙا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

ڪاري رات، ڪتيءَ ڏي ڪرڪي ڪاني ڪولج اڏي،
پيارا، تون ٻه تڪيندي تارا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

پونمَ رات پرينءَ جي چِٽَڪَ،
ويڙهي ويٺي سارا ڏکَ.

مان ۽ منهنجي تند تنوارَ، تو ۾ ڇاهي جهونا جهِڪَ.
چارڻ سو، جو چنگ سوا، لاهي سڀ لاڳاپا لِڪَ.
ڪرڪو ڪرڪو، راتڙيون! واريامي تي آيا وِڪَ.
ڪونہ ڇڏيندي ڪاري نند، ڪوڙو چنڊ، ستارا ٺِڪَ.
آهہ ڪٿي هو چِت جو چور، جنهن جا ڇِڪَ ڇِڪَ سهسين سِڪَ.
تنهن کي کوڙي ڪانڊ، "اياز"، نڪتي مُند ڇڏي مارِڪَ.

●

ڪائي ڏيل تہ ڪائي ڏاک، سوڻيءَ سهڻيءَ پنهنجي ساک.
جرڪي تو جڻ ڪوئلَ ڪنٺ، باھ لڳي وڻي، نڪتي ٻاک.
آيري سهسين سونا پڙچ، وِرچيا واريءَ تي ويساک.
ٻني جي کهنبي کي ڏي ٻَن، پنهنجي لوئي، پنهنجي لاک.
مرلو پنهنجو سنگ، "اياز"، هن جون اکڙيون ڪائي آک.

●

اهڙا پيارا آندا پوهَہ،
سيءُ نہ لاتو ڪنهن بہ ڪوهَہ.

ڳاڙها ڳيرو، تون ڪيڏانهن؟
ڪينئي روجهہ، رُلايا روهَہ.

آيري آلهي ساڳيو سج،
سامهون ساڳيا ڪارا ڪوهَہ.

ڇو هي ڳُل ڳُل گيت ڏنا،
مون کي پاند پري پاپوهَہ!

سَرتيون پرتيون ساحل کي،
آءُ، گهَرُو ۽ ڇوليءَ ڇوهَہ.

آءُ ڪرائيءَ ڏانهن ڪَرڙا،
تون ٿي لچڪي ويندين، لوهَہ!

# تنوير عباسي

## غزل

●

ڪنهن پيرهہ اسان کي ڀاليو هو، هن رات اسان کي روليو آ،
تہ بہ اونداهين جي قيدن ۾، در آزادين جو کوليو آ.

ڪنهن جيءُ جهنجهوڙي جاڳايو، جو روح بہ ڀامو آٿلايو،
ڪنهن سيرانديءَ کان آهي سڏيو، ڪنهن پيارمان ڀهہ ڀهہ ڀوليو آ.

جو لال وڃائي وينس مان، سو ڪيئن لڀي، سو ڪيئن لڀي،
مون راتيون رت جي ڳوڙهن ۾، روئي تنهن کي ڀئي ڳوليو آ.

ڏس واريءَ تي ٽي باک ڦٽي، ڏس اوڀر کي ٽي لاک لڳي،
ڏس مارڳ تي ٽي ماڪ وسي، هي صبح تہ تو مون ڳوليو آ.

جنهن سون جا سيڪا ڀت آڇلي، مهراڻ جي مٽي ڀنهنجي ڪئي،
سو ماڻهو مون کي پيارو آ، سو ماڻهو منهنجو ڍوليو آ.

اڄ هيٺا ڀاڻ وهيٺا ٽي، هن ڪارونڀار کان آڪرن ٽا،
هن وقت ڇتين ڇولين وانگر ڀئي جن جو من ڇاڇوليو آ.

●

جيوَن ناهہ جوا، او مپرين، دلڙي ناهي داءُ،
ڀنڌ اٿائو، واريءَسي جو ڪوئي سڏ نہ سماءُ.

سک جي گهڙي ساعت آئي صدين جو سوداءُ،
هرڪو گهايل، ڪيئن ڪري هٿ ڪنهن تي ڪو کهڪاءُ.

سوريءَ جي ڀرتان ٿو ڀڏجي ڀرين جو ڀڙلاءُ،
اڃي آڏيءَ تي آڏجي ويندين، آءُ، نہ ڪر ڍپ ڍاءُ.

هائو، آءٌ نٿو ڄاڻان، آهيان ڪير الائي مان!

آهيان هڪڙو ڄنرو ساهه،    ڪا ٻي ساهي وٽ ناهيان.
مان ڪوئي تنبور نه هان،    جيئن وڄائين تيئن وڄان.
مون کي پنهنجي موسيقي،    مون کي پنهنجا راڳ نوان.
ايئن نه منهنجي آڏو آءُ،    ڇڏ ته وٺي جيئن تيئن وڄان.
منهنجا پنهنجا راڳ ته ٻڌ،    توکي پو ڏس ڪيئن ٿو وڻان.

## گيت

## اِهي اُنهيءَ جا پار

ڇيٽ جو چولو آهي جنهن کي، سُوسيءَ جي سلوار،
پلو ميان، اِهي انهيءَ جا پار.

مانهو مانهن جهڙو، جنهن جا گلڙن جهڙا پار—
پلو ميان، گلڙن جهڙا پار.

جنهن جي آڏو ڦڪا تين ٿا سورهن ئي سينگار—
پلو ميان، سورهن ئي سينگار.

هوڏ پري آ لوڏ انهيءَ جي، ڪيڏ پري ڪيڪار—
پلو ميان، ڪيڏ پري ڪيڪار.

اکيون انهيءَ جون ٻرن مشالا، پرورن دونهين ڏار—
پلو ميان، پرورن دونهين ڏار.

ڇاتيءَ مان ٿي ڦاٽي جواني، اکين مان آٿلي پيار—
پلو ميان، اکين مان آٿلي پيار.

## وائي

هتي ته سڀڪجهه آهي، سپرين، اڃا ڪجهه ٻه هجي!
سڪ حقيقت، سونهن حقيقت، هت ڪجهه ڪوڙو ناهي:
اڃا ڪجهه ٻه هجي.
ڪن مانهن ۾ ڪجهه ته آهي، جو من ٿو تن کي چاهي:
اڃا ڪجهه ٻه هجي.
سونهن پرڻي سنسار سان هي من لاڳاپا ڪيئن لاهي:
اڃا ڪجهه ٻه هجي.

هيءَ بازي آ اهڙي، جنهن جو ڪو بازيگر ناهي:
اُڪتي ڪجهه به هجي.
حسن ڪي جيڪو عڪس ڇوي ٿو، چاڙهيو ان کي ڦاهي:
اُڪتي ڪجهه به هجي.
اُڪتي هوندو جو ڪجهه، هوندو، هي به ته هاڻي آهي:
اُڪتي ڪجهه به هجي.

نظم

## ذرتي

۽ ڪاڪا ذرتي اهڙي آ،
جو هاريو، ڇُهندي ويندي آ،
مظلوم جو رت، ظالم جو ست،
۽ دردوندن جا لڙڪ گرم؛
ظالم ايڏا، جيڏا پربت،
هن ذرتيءَ تي جي هٽن ٿا دم:
سڀ پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪري،
پو اُبِٿن ٿي مٽائڻ پوش ذري،
جيئن مُردي تي وجهبو آ ڪفن.
هن ۾ نه ٻُجهي سگهجن دانهون،
هن ۾ نه اثر ڪن ٿيون آهون:
هن ذرتيءَ ڪي آ اهڙي فضا،
اجگر جان وات پٽي جيڪا،
سڀ ڪوڪون گهندي ويندي آ.
هيءَ ذرتي نود مثال آهي-
سِنو چيريو، سوسٽ نه ڪندي،
ماڙيوس ته چپ چپ پٽي سڙندي!
هيءَ ذرتي ڪا بيحس آهي،
هن ذرتيءَ ڪي ڪا دل ناهي؛
هيءَ ذرتي انود جي ڪنڌ ڪائي،
هر چيز وجي جيڪا ڪائي؛

يا ٻوٽل ٻاٽي آهي ڪو،
جنهن ۾ نہ لهر ۽ ڪو لوڏو،
جنهن تي نہ ٽٽي ظاهر ليڪو:
هت ڀيڙ ڪري ٿي ٻاهہ ٻري،
ٻر هن ڪي سيڪ ذرو نہ اچي!
هيءَ ڌرتي آهي عجب ڌرتي،
نہ ٽپي نہ ٿري، نہ ڪلي نہ رُئي،
نہ وڙهي نہ جهڙي، نہ جئي نہ مري.
هن ڌرتيءَ جي هڪ ڳالهہ عجب،
جو سهندي آئي ايذا غضب:
جي جيئري ناهہ، مُئي ناهي-
اڄ تائين آڻ مڃي ناهي!

## ڪاغذ جو گل

ڪاغذ جو گل، ڪوڙو ڪوڙو،
ڪِرڻن سان سينو سهائي،
جُڳ جُڳن جا بينو آهي،
جهڙو هو، اهڙو ئي اهڙو.

ڪومل ۽ نازڪ رابيل،
ويچارو، سچ وارو، سرهو،
گهڙي پلڪ ڪان پوءِ ڪومائي،
سچ سدائين ٿئي ٿو ارهو.

ڪوڙ ڪِلي ۽ سچ شرمائي،
وقت بہ سچ جو ويري آهي:
ايئن ڇو آهي؟
ايئن ڇو آهي؟

## مان

گگهہ اونداهيءَ رات جو مينو
وچ جو چمڪو ٿي چيريندس،
(ممڪن آ تہ ڪري بہ پوان مان)
پر هڪ پيرو اڪ چنيندس:

پو، اي منهنجا ديس اونداها،
تنهنجي قسمت، تنهنجي قسمت!
منهنجي ڪن جي ڪيڪر ڪان ڀو،
ڪوئي توکي ٻجهي نه ٻجهي،
مون جيان ڪوئي لڄي نه لڄي،
آءُ ته پنهنجو پاڻ ملهايان!

## خاموشي

ها، في الحال،
مون ٻتيءَ جي ڄڀيءَ مثال،
منهنجي چپ تي خاموشي آ،
پر ان ۾ مون ڀاهه ڀري آ،
جنهن سان پنهنجي ديس جا ويري،
چپ چپ ساڙي ڪندس ڪيري!
آخرڪار —
خاموشي ناهي بيڪار.

## ماڻهو ۽ تارا

ماڻهو مون کان ڪيڏو دور،
۽ هي تارا ڪيڏا اوري —
جڻ ڪنهن منهنجو روشن روح،
اڇليو آهه ڀڃي ۽ ڀوري:
تارا منهنجي روح جا ڀورا،
ماڻهو روشن روح جا قاتل.

## پڙاڏو ۽ سڏ

جيسين آهيان حال حيات،
تيسين موت نه ڪندو مات.

موت مڃيوسين آهه حقيقت،
پر ٻه حياتي ڪوڙ ته ناهي؛
ماس هڏن تي، رت رڳن ۾،
ماڻهو آخر ڏوڙ ته ناهي!

مينهن وسـاون جـهـڙا چـهـڙا،
گـل جـي پنکڙيـن جـان کـڙا،
خـواب نـہ آهـن، خواب نہ آهن،
مـاڻهـو جـي مهتاب نـہ آهـن،
سـهڻـا آهـن، پـيـارا آهـن،
دوسـت آهـن، دل وارا آهـن.

منهنجو پـيـار چـريـائـي منهنجي،
وهـم نـہ آهـي، نـاهـہ گـمان؛
منهنجون اميدون، منهنجون آسون،
منهنجا دک تـن جا درمـان:
منهنجا سک کو سـپـنـو ناهـن،
منهنجا ڏک کـو پـاڇـو نـاهـن.

ناهيان وهـمـي، ناهيان وهـمـي،
منهنجي خوشي ناهي خـوش فهمي؛
مـان، ۽ جو مون سان گـڏ آهي،
نـاهـہ پـڙاڏو، پـر سـڏ آهـي:
مـان ۽ منهنجي سـاري دنـيـا،
اندريـن، بـاهـر واري دنـيـا،
عـکـس نـہ آهـي، حقيقت آهـي،
عـکـس نـہ آهـي، حقيقت آهـي!



## امداد حسيني

نظم

# حملو

وقتَ، شبخون هڻي، تيره شبيءَ جو خنجر،
دهر جي سينهءِ بيدار ۾، ڌبضي تائين،
حسبِ معمول هنيو، صرف ڪري سڀ طاقت؛
روني ۽ چپ ٿي وني گنبدِ مسجد ۾ اذان؛
مُورتي ٻُڌ جي ميوزم ۾ هڻي اونڌي منهن؛
بانسري ٽڪرا هڻي، چپ هنا نوحا نغما؛
زهر کي پي ويو يونان جو ڏاهو انسان.
هڪڙي ماتا اچي دروازهٔ گرجا جي اڳيان،
گند ڪچري ۾ ڇڏي ويئي خطا جو ٻالڪ.

...

شهر جي لاش تان ڦٽجي وئي ڪاري چادر،
۽ وڪوڙي وئي هر روح کي تاريڪيءَ قبر؛
هر طرف ڪاهي پيا درد ۽ تنهائيءَ جا ديوَ؛
۽ گهٽين کي انهن ويساهه وسوڙل سمجهي،
آيا ويرانيءَ جا ڏاڙيل ۽ خاموشيءَ جا چور:
سرد ۽ تيز هوائن ٿي ڪڙا ڪڙڪايا،
نہ ڪو انسان بہ ٿئي شهر جي ماتم ۾ شريڪ،
نہ ڪي چيخون بہ هجن جشنِ جهنم ۾ شريڪ!
در و ديوار جي خاموشيءَ کي ٽوڙڻ خاطر،
صرف ٽاور جي ٽڪائن ٿي مٿو ٽڪرايو؛
بيوهہ چوواٽي تي ٻمنا رهيا انڌا سگنل،
پنهنجوئي ماس پٽيندا رهيا پاڳل ڪتا.

...

# گهر جي ياد

ڪنهن تہ ورتو هو ڪٿي منهنجي وطن جو نالو!
جهڙو ڪنهن مال پٺاري جي ڇڙي جو آواز،
جيڪو ڏڻ ڪان ڇڄي ٻيلي ۾ رُلي، ڀٽڪي، ٽڪجي،
رات جي جانورن ۾ وڃي ڪاڇي ۾ ڪڇي:
دمُ سهي، مست ۽ آواره هوا جو جهونو،
ان ڇڙي ڪي بہ ائين زخم جيان ڇيڙيندو،
گذري گذري وڃي ڪا ياد ڏياري دل کي—
ها اها ياد، جا ڪنهن وقت بہ وسري ڪالهي،
ها اها ياد، جا اندي جي اگيان لٽ آهي.

ڪنهن تہ ورتو هو ڪٿي منهنجي وطن جو نالو!
جهڙو ديوار جي ڀاڻيءَ ۾ ڪيرڻ جو آواز،
دور ڪان ويجهو اچي ياد ڏياري سون کي،
منهنجو گهر، ها، منهنجو گهر، جنهن جون دريون کلنديون ٿي،
صبح ڪمري ۾ اچي منهنجون اکيون چمندو هو:
جنهن جي ديوار تي آراستہ هيون تصويرون،
منهنجي يارن جون، عزيزن جون، ابن ڏاڏن جون:
جنهن جا دروازا هر آئي وئي تي ڪُلندا هئا:
منهنجو گهر، جنهن جي اگڻ ۾ ٿي ورهائيندي وَتي،
ٽالهہ هر طرح جي خوشبو جا پري بادِ صبا:
اهڙي ماحول ۾ هڪ نرم ڪَلي ٿي نپني،
بيخبر کلندي رهي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾:
رات جي پوئين پهر چنڊ لٿو، ماڪ رُني،
پوءِ پُسندي رهي، پُسندي رهي ڌرتيءَ جي ڇُتي...
سامهين گهر جي دريءَ مان نڪو اکڙيون سُرڪيون،
نڪو درمان ٿيو ڪنهن دوست جي چهري جو طلوع!

# 'ماريا'

ٻوري ٽائيم تي، وارڊ ٻارهين جي،
سخت ديوار تي ٻري ٻيو بلب.

نرس آئي نئين، ڊيوٽيءَ تي —
'ماريا'، جنهن جو روپ مريم جو؛
'ماريا'، جنهن جو قد صليب جو قد؛
'ماريا'، جنهن جو جسم يروشلم.

وارڊ ٻارهين نمبر جا سڀئي مريض،
هن کي چاهن ٿا، هن کي پيار ٿا ڪن،
هن جو هروقت انتظار ٿا ڪن،
پوءِ به سڀ پنهنجي من رکڻ خاطر،
مون کي سرگوشيءَ ۾ چيو ٿا ڏين:
'ماريا' ونشيا اٿئي، شاعر!
هن جو من ميرو آهي، تن اجرو،
الگ تي اوڍيل ڪفن اجرو!

رات آئي ته ڊائريءَ ۾ لکيم:
نرس، ڏاڍي سٻاجهڙائيءَ سان،
مرڪندي مرڪندي، مريضن کي
زهر پياري وئي دوائن جو؛
ننڊ جون گوريون ورهائي وئي،
واري واري سان هڪڙو هڪڙو مريض،
بستري جي ڪفن ۾ ليٽي پيو.

ننڊ جي گورين جا سپنا ڇا؟
صرف آواز منهنجي چوڌاري،
سڀ ڀڳل ساز منهنجي چوڌاري —
اهي آواز منهنجو پيڇو ڪندا،
هيٺري ٻنڌ تي هليا آيا،
اهي آواز ڪو ٻڌي ته ٻڌي:
'ماريا'، جيڪا 'ماريا' آهي،
ونشيا آهي، ونشيا آهي!

## نئون شعر

رات جي پوئين پهر، چنڊ جيان،
منهنجي جهوليءَ ۾ جهُلي پيو آهين؛
مون تي ڪنهن بند ٿيل در وانگي،
پاڻ ئي پاڻ کُلي پيو آهين؛
ٽوٽ ڌرتيءَ جي کُليل سيني تي،
ڇولين وانگي ڇُلي پيو آهين؛
صبح جي وير ٿڌيءَ هير جيان،
منهنجي هستيءَ تي گهُلي پيو آهين؛
مون تي امرت جا پيالا اوتي،
منهنجي سڀ زهر کي پي ويو آهين:
پنهنجي هٿ سان منهنجي ڪاپيءَ جي مٿان،
هڪ نئون شعر لکي ويو آهين!

## تاريخ

رسالن جي صفحن تي سونا حروف،
ڪتابن جي ڪاغذ تي زرين اصول؛
وَرَق در وَرَق آيتون آيتون،
صحيفن جو سينن تي آهي نزول:
ستارن کان ڪلهه رات آيا سلام،
ڀڪڙجي پيا بستين ۾ رسول.

ڪلهن تي کڻي زندگيءَ جو صليب،
جلوسن جا مهندار هلندا رهيا؛
آيي ڳاٽ هر شاخ جي دار تي،
گلابن جي صورت ۾ کلندا رهيا؛
قلم ٿي ويون آڱريون آڱريون،
لکڻ وارا تاريخ لکندا رهيا!

## ستارا

نماشام جو،
ھڪي ڳنھنجي آکيري ڏاڍھن،
ڍور ڳنھنجن وٿاڻن تي،
ڳورھيت ڳنھنجن گھرن ڏانھن
واپس وريا ھئي، تڏھن
ڳوٺ جي ھر گھٽيءَ ۾
رڳو ڌوڙ ئي ڌوڙ ھئي.
جڏھن ڌوڙ ٿورو جھڪي ٿي، تڏھن
آسمان تي
ستارن کي روشن ٿيئي
ڪيترو وقت ٿيو ھوا

## منھنجو دشمن

ڪالھ ھڪ دوست مليو،
مون کي چيئين ڳالھ تہ ٻڌ:
ھيترا گيت لکيئي،
پاڻ کي مشھور ڪيئي، نيڪ ڪيئي:
توکي شاباس ھجي، ملڪ جا شاعر صاحب!
چنڊ تارن تي لکيئي،
يار جي وارن تي لکيئي،—
پيا تو اھڙو بہ ڪڏھن گيت لکيو آھ ڀلا،
جنھن مان ڪو انگ ڏکي،
پيٽ ڀري کائي سگھي؟

# غزل

●

روئي روئي ڳل ڳاڙها ٿيا ڀانئجي،
اڄ وري هن ڪي هلي ٻرچانئجي!

هو نه ايندو، ڏينهن ٽيندو ڪو نه ڪو،
ڪيستائين رات ڪي ترسائجي!

دل ته هڪڙي داءُ ۾ جيتي وئين،
هاڻ تون ٿي چئه ته ڇا هارائجي!

سڀ رُنل آهن اسان ڪان، سڀ رُنل،
ڪنهن ڪي ٻڪو لاهجي، ٻرچانئجي!

دل ۾ آهن ڪيتريون ئي ڳالهيون،
تون نه ڳالهائين ته ڇا ڳالهائجي!

هن گهٽيءَ ۾، منهنجي گهر جي سامهون،
هڪ لڦون فتنو ٿيو سامائجي!

اڄ ته ڪيڏون عشق جي هوليءَ جي راند،
رنگ ۽ خوشبوءِ ٿئي ورڪائجي.

منهنجي ٻانهن ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڇو،
ايترو گهٻرائجي، شرمائجي!

سڀ ستل آهن هتي، سڀئي سُتل،
ڪنهن ڪي ڪنهن کي ننڊ مان جاڳائجي!

ڪنهن تبسم جو ڦهارونئي سهي،
ڪو غزل جو شعر ٿي فرمائجي.

ستمري ڌُهري ڳچيءَ ۾ ڀانئجي،
اڄ هٿن ڀمرن تي ميندي لائجي!

موت جي ٻرڏيهه ۾، اي هموطن،
زندگيءَ جو گيت شايد ڳائجي!

●

عيد جو چنڊ تہ لاهيان، جو نهارين مون کي!
مان ويل وقت تہ لاهيان، جو ڪارين مون کي!

تنهنجي تصوير تہ لاهيان جو ڏسيو پيئي ڏسين،
تنهنجو آئينو تہ لاهيان جو آجارين مون کي!

آءُ کو زخم تہ لاهيان جو ڇٽي جهٽ ۾ پوان،
آءُ ڪا ياد تہ لاهيان جو وسارين مون کي!

ڪنهن مشڪل ۾ جيان لوڙهي تہ ڇڏيئي لهرن ۾،
مون کي پر ڇني تون ڇو لٽو تارين مون کي!

ڪين نہ پيو سوچ جي ساگر ۾ ٻڏان ۽ اڀڙان،
ڇو لہ آگر مان جهلي پار اڪارين مون کي!

مي پيارين يا ڪٺي زهر پيارين مون کي،
هن جيئڻ کان تہ سٺو آهہ تہ ماريـن مون کي!

صبح رخسار جي منزل جو مسافر آهيان،
ڇو نٿو رات جو پاسي ۾ سمهارين مون کي!

دانهن سمجهي ٿو دٻائين مون کي دل ئي دل ۾،
ڇو نہ لڙڪن جيان رخسار تان هارين مون کي!

تنهنجي پيرن ۾ پيل آهيان، غريب آهيان مان،
تون سهارو ڏئي، اي ڪاش، آٿارين مون کي!

رات جي پوئين پهر توکي اگر ياد اچان،
تہ متان سارين مون کي، ها، متان سارين مون کي!

ايڏو چالاڪ نہ ٿي، ايترو هشيار نہ ٿي،
آءُ "امداد" تہ ناهيان جو ڏتارين مون کي!

●

بس اهو معشوق آهي دلربا،
جو ڪٿي آهي صنم ۽ ڪٿ خدا.

هاڻ تنهنجي جسم جي هر پيچ راهہ،
راهہ جو هر موڙ آهي بيوفا.

هر درو ديوار سان ٽڪرائجي،
ماٺ ٿي وئي هڪڙي پنوءَ جي صدا.

هيڏي ساري حسن جي هن شهر ۾،
ڪير آهي، جيڪو آهي باوفا!

پاڻ سيني ڪان ڀري آهيون، ڀري،
مسجدون آهن، نہ پنهنجا ميڪدا.

●

دل جي هرڪنهن درد کي دل ۾ لڪاءِ،
جهوم جهوم، اي زندگي، ڪجهہ مسڪراءِ.

ڪوئي اهڙو گيت ڳائي، ڳائڻا!
جيءَ کي جهوري وجهي، سا ڌُن ٻڌاءِ.

سنڌ جو مهراڻ آهي موج ۾،
تون الهيءَ دريا ۾ اڇلي پاڻ پاءِ.

وقت ۽ حالات جي ڪا راڳڻي،
تون لئو ڳائين نہ ڳاءِ، ڪجهہ تہ ڳاءِ!

●

تون ڀڃين ٿو، مون کي ڪهڙو آهہ غم —
زندگيءَ جهڙو ٻہ ڪو هوندو ستم!.

هاءِ، تو واري جوانيءَ جو ستم،
هاءِ، تنهنجي جسم جو هر زير و بم!

اي تمنائن جا صبحِ زر لگار!
اي سنڌم تقدير جي شامِ الم!

ڪير آهي جيڪو آهي امن سان؟
ڪم آهي، جنهن کي ناهي ڪوبہ غم؟

درد کان مجبور ٿي، لاچار ٿي،
پنهنجي سيني ۾ هنيم پنهنجو قلم!

## قطعا

( ١ )

جام جام ۾ ڀرجي ڀرجي زهر ملي ٿيو زهر،
طاق طاق تي ڏيئي ڏيئي ۾ خون ٻري ٿيو خون:
شهر شهر ۾ نگر نگر ۾ ٻـوءِ ٻـــ هر فنڪار،
حسن عشق جو صفحي صفحي تي لکي ٿيو مضمون.

( ٢ )

هن رات جي وکڙي ۾ لٽيو ڪير، ڦُريو ڪير،
ڪنهن دانهن ڪئي، ڪير رُنو، ڪير هو گهايل:
تـولاءِ ۽ مـون لاءِ تـہ هـر راهـگـذر ۾،
هر موڙ تي ڌاڙيل ۽ هـر چوڪ تـي قاتل!

( ٣ )

جيڪي چوڻو هجي، سرگوشي جي انداز ۾ چئو،
جيڪي ٻُڌڻو هجي، ٿڙڻي ٻڌو، ڪجهہ نہ ڪُڇو:
ماٺ ٿـي ماٺ ۾ تـارن سان سمهو ۽ جاڳو،
شمع وانگر ٿي اجهامو ۽ جلو، ڪجهہ نہ ڪُڇو!

## ترائيل

# غبار

مون کي ڪنهن دوست يا همدم جي ضرور ڪانهي،
آءٌ تنهائـي ۾ ڪجهہ دير روئـڻ ٿـو چـاهـيـان:
مون کي ڪنهن جي بہ جوانيءَ سان شڪايت ڪانهي،
مون کي ڪنهن دوست يا همدم جي ضرورت ڪانهي.

توکي مون سان ۽ مون کي توسان محبت ڪانهي —
انهيءَ عـنـوان سـان هـڪ گيت لـکڻ ٿـو چاهيان:
مون کي ڪنهن دوست يا همدم جي شڪايت ڪانهي،
آءٌ تنهائـي ۾ ڪجهہ ديـر روئـڻ ٿو چـاهـيـان!

## نارائڻ شيام

### وايون

(١)

چانڊوڪيءَ جو چاهه، ڪنهن نه ڇُهي رابيل کي!
مهڪي اڄ ڀي رُوپ ۾،
ڪنهن سپني جو ساهه، ڪنهن نه ڇُهي رابيل کي!
ڏسندي ئي هرڪيو هيٺيون،
نيڻن جو ويساهه، ڪنهن نه ڇُهي رابيل کي!
هلڪيءَ جنبش سان هوا،
واسيندي وڌراهه، ڪنهن نه ڇُهي رابيل کي!
ڪنهن جو ويڻيءَ واسطي،
البيلو آتساهه، ڪنهن نه ڇُهي رابيل کي!
گونجي سرهي راڳڻي،
مُرڪي شانت آڳاهه، ڪنهن نه ڇُهي رابيل کي!

(٢)

وِڻو ڪوئي لهاري، منهنجن نيڻن پتان!

ڍير سپُن جا ساموُن، وِڻو سپ سپ کولي،
اهڙا کهڙا موتي، سپ سپ کولي ڳولي،
ساري سمنڊ ڪناري —
وِڻو ڪوئي لهاري، منهنجن نيڻن پتان!

ڏسندي ڪنهن جو مُنهنڙو، نيڻن جي گهرائي،
نظرن ۾ ايئن نکري، جنهن جي پنهنجائي،
مڏڪي هنجون هاري —
وِڻو ڪوئي نهاري، منهنجن نيڻن پتان!

ڀيڙا ڀيڙا جيوَن، جيوَن جيوَن ڀيڙا،
اوسيڙا گڏجاڻيون، گڏجاڻيون اوسيڙا،
سُن مُن تي ويچاري —
وِڻو ڪوئي نهاري، منهنجن نيڻن پتان!

# هري دلگير

## وايون

### ( ١ )

چارڻ چوريو آهي چنگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
ميرسان ڪوڪون تا سنگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
هن سان آهي ازلي انگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
ٻولي سرلي، جڻ سارنگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
موج پيري مهراڻ ملنگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
سنڌين جو آواز، امنگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
هٿ ڦهلائي هاڻ نه منگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
"حق" گهري هر ڪو ازٻنگ: سنڌي ٻولي زنده باد!
پنهنجو شوق رچيندو رنگ: سنڌي ٻولي زنده باد!

### ( ٢ )

ڪير تہ آهي!

ڪير اڪيلائيءَ ۾ مون سان پيو ڳالهائي — ڪير تہ آهي!
دُور اُفق سان ويٺو ڪير لياڪا پائي — ڪير تہ آهي!
دل جي در کي ڏيري ڏيري ٿو کڙڪائي — ڪير تہ آهي!
آڏيءَ ويلي تارن ۾ ٿو ٻين وڄائي — ڪير تہ آهي!
ڪنهن جو هٿ هن من جي وِيڻا کي جهنجهلائي؟ — ڪير تہ آهي!
چاند پيرهہ جو روز گلن سان ڪير پترائي؟ — ڪير تہ آهي!
ڪير ڪنويءَ ڪان گيت نوان ٿو روز چوائي؟ — ڪير تہ آهي!

### ( ٣ )

مان تہ چوان ٿي آءُ، سڄڻ، تون آءُ — مگر تون آنهہ ڪٿي؟

نيڻ پنهنجا ٿنهنجا ٿي پهچائي، روز ڏڪڻ جيي واءُ —
مگر تون آنهہ ڪٿي؟

# گوورڌن محبوباڻي

## گيت

### جيڪي وٽيمي، ڪر قبول

لڙڪ منهنجو جهڙڪ شبنم،
مرڪ منهنجي جهڙڪ ڦول،
اي پرين، جيڪي وٽيمي ڪر قبول!

جي وٽيمي، مان آماوَس جيان وِرهه جو غم سهان،
سرد پونم جي رات جيان چپ چاپ مان رئندي رهان،
يا چڪوري جيان رهان، اوچنڊ، ماندي ۽ ملول:
اي پرين. جيڪي وٽيمي ڪر قبول!

جي وٽيمي، ڦول جيان مان مرڪندي ڪِلندي رهان،
يا فضائن ۾ مٺي سرهاڻ جيان ٽلندي رهان؛
جي چوين، ساجن، ته سمجهان درد فرقت کي فضول:
اي پرين، جيڪي وٽيمي ڪر قبول!

جي وٽيمي، مان گهڙي سُرڪان، گهڙي روئي ڏيان،
يا وري مان مرڪندڙ شبنم، پنل مُکڙي ٿيان؛
لڙڪ اک ۾، مرڪ چپ تي، آهه الفت جو آصول:
اي پرين، جيڪي وٽيمي ڪر قبول!

### منهنجا ماضي، موٽي آءُ!

حال ڪيو آهي بيحال: منهنجا ماضي، موٽي آءُ!
سڻ مون مٺي جو سيکه سوال: منهنجا ماضي، موٽي آءُ!

اڄ نه اها جوڀن جي مستي، اڄ نه آها ٻاراڻي ٻولي؛
اڄ نه اها پونرن سان لڪچپ، اڄ نه گُلن سان آنکمچولي؛
اڄ نه آهو چولي جان؟ چال:
منهنجا ماضي، موٽي آءُ!

ملي ميلاپ جي بدران محبت کي نراسائي:
ڀلي برسات آئي، پر پرينءَ جي ياد ڇو آئي!
نڪي مينديءَ رڱيا هٿڙا، نه سيندر سينڌ سينگاري؛
جوانءَ دل جي به ڪنواري آرزو رهجي وئي ڪنواري؛
ڏني مون ڪانه ڪا ڏولي، ٻُڌي مون ڪانه شرنائي:
وري مون کي مليا آنسو، اداسي ۽ اڪيلائي!
نڪو بادل، نڪا برکا، نه ڪائي بوندڙي رهندي،
پرينءَ جي ياد پر دل جي غفا ۾ گونجندي رهندي؛
پڪارون ياد جون پيدا ڪنديون غم جا پڙاڏا ئي:
ڀلي برسات آئي، پر پرينءَ جي ياد ڇو آئي!

## توکي قسم بهار جو

سڏي ٿي سونهن، پڪاري پيار،
نه ڪر اڄ الفت کان انڪار:
او سجڻي، آءُ!
ڪريون پرچاءُ،
نه آهي وقت هينئر تڪرار جو—
توکي قسم بهار جو!

جهليندي ڪيسين سينڌي پور،
پوي ٿو پل پل مون کي پور:
رُسي جي جوڀن ويو هڪوار، نه موٽي ايندو مُنڙي مور:
اڏرندو روپ،
ٻڻي جهڙ ڌوپ،
گهڙيءَ لئه سانگ اٿئي سنسار جو—
توکي قسم بهار جو!

اکين ۾ ڪاري ڪجلي ڌار،
ڳلي ۾ پاءِ گلن جا هار،
چنبيلي، چنڊن، تيل ڦليل، وجهي تون آءُ سنواري وار:
پنيهر پاءِ،
سونهڙي لاءِ،

سمو آيو آهي سينگار جو —
توکي قسم بهار جو!
کِھليِ ٿي سِٽل سِٽل هير،
ٻٽي آهي ٻچين آکير:
ڀري آئي ڦولن سان جهول، مٺي! تنهنجي منهنجي تقدير:
لڳي ٿو واءُ،
اچي ٿو ساءُ،
حُسن جي هيج ڀريءَ هڪار جو —
توکي قسم بهار جو!
فضا ۾ ڦهلي آ سرهاڻ،
جيئن شل َ ماڻ، جواني ماڻ:
آڏامن ٽيون مکڙيون ڇوڏار، لڄارن کارن ڀونرن کاڻ:
آ بدليو رنگ،
طريقو ڍنگ،
اجوکي جيوَن جي گلزار جو —
توکي قسم بهار جو!
ساهه سان آيريا سوُ سنگيت،
چمن تي آيا چنچل گيت:
محبت جي بازيءَ ۾ ميت، نه کنهن جي هار نه کنهن جي جيت:
ڇوي ٿو پيار،
'نه کر ويچار،
ڇڏي ڏي سوچ جيت ۽ هار جو' —
توکي قسم بهار جو!
گگن ۾ روپو روپو رنگ،
چاندنيءَ اوتيو آهه آمنگ:
ستارا ڳائن ٿا جڻ راڳ، چنڊ جڻ ڇوري وڄو چنگ:
سريلو ساز،
سَلي ٿو راز،
اِلاهي عجب ڀرئي اِسرار جو —
توکي قسم بهار جو!

گلن جا نرم نشيلا نيڻ،
سهڻي ڪنڊن جا سؤ سؤ ويڻ،
چون ٿا، ’پيئڻ جيئڻ جو پاءُ، آهه مستي هستيءَ جي پيڻ:
هاڻ، بس هاڻ،
صراحي آڻ!
ته چاڙهيون چاڙهيون رنگ خمار جو؟—
توکي قسم بهار جو!

## ڳاءِ تون

آنهه ڇين غمگين ڇالاءِ تون،
ساز ڪڻ، او سڄڻ! ڳاءِ تون، ڳاءِ تون!

ٻالپڻ ۽ ٻڍاپو روئڻ لاءِ آ،
پر جواني ته خوش ٿي گذارڻ کپي؛
موت جي هڪ هچاريءَ گهڙيءَ کان ڊ ڄيي،
ڇو سڄي زندگي غم ۾ گهارڻ کپي؟
ڪال ڪان ڪين ڪڏهين ٻه گهبراءِ تون،
ساز ڪڻ، او سڄڻ! ڳاءِ تون، ڳاءِ تون!

سچ، منهنجا سڄڻ! جو ويو، سو ويو،
۽ ويل وقت واپس نه ايندو وري؛
مفت وهمن غمن ۾ وڃائين متان،
رات اڄ جي سهاڻي، ستارن ڀري:
روح چئي، راڳ سان روح ريجهاءِ تون،
ساز ڪڻ، او سڄڻ! ڳاءِ تون، ڳاءِ تون!

دل جي ڌڙڪن الڊر لئي ٻه آ، تال پي،
ساهه ۾ پڻ سمايل ڪو سنگيت آ؛
آهه سنسار سارو ٻه چڻ ساز ڪو،
هيءَ حياتي ٻه چڻ ڪو مڌر گيت آ:
پاڻ جهومي، ٻين کي ٻه جهوماءِ تون،
ساز ڪڻ، او سڄڻ! ڳاءِ تون، ڳاءِ تون!

وقت ڪنجوس، منحوس وانگيان بڻيو،
زندگيءَ جون گهڙيون ٿو ڳڻيندو رهي؛
عُمر گويا اسان کي مليل قرض آ،
آدمي ويچارو به ٿو وَهي، غم سهي:
مرڪندي مرڪندي مُور موٽاءِ تون،
ساز ڪڻ، او سڄڻ! ڳاءِ تون، ڳاءِ تون!

## ڪافي

اَڄ، اچي مل، او ميهار!
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان.

تنهنجي تار لڳي تَن مَن ۾،
سيني ۾ آ تنهنجي سار—
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان.

ساريان ويٺي ساجن توکي،
هاريان ويٺي لڙڪ هزار—
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان.

جسمُ جسمَ کان آهه جدا، پر
دل ته نه آهي دل کان ڌار—
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان.

او سائين، منهنجي تو تائين
پهچي ڪهڙيءَ ريت پڪار—
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان.

سهنديس سڀ ڏَمرَ جا ڏوراپا،
پاڙي وارن جي به پچار—
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان.

## لولي

رات سانوري! تو وٽ تارا،
مون وٽ آ مهتاب—
سانوري! مون وٽ آ مهتاب...

منهنجي گهر ۾ روز سهانئي،
تنهنجو چنڊُ سدا سودائي؛
ٻُورالي جي ٻُورن جي آ
ڪانئي حد نه حساب:
سالوري! مون وٽ آ مهتاب...

هيڙا سان مون هريت نڀائي،
ڦُورن جي مون سيج وڇائي؛
مهڪيو لال گلاب:
ساتوري! مون وٽ آ مهتاب...

بوند منجهان جو موتي ٿاتو،
سو سڪ سان سيني سان لاتو؛
آءُ سڪايل سپ سانوندي،
هيءُ گوهر ناياب:
سانوري! مون وٽ آ مهتاب...



# مولوي احمد ملاح

## غزل

●

اج ته باغن ۾ بهاريون — واه قدرت رب ڪريم!
اج هه مُلڪن ۾ مالهاريون — واه قدرت رب ڪريم!

ڇا ڏسان وڄڻ وراڪا، ڇا ٻُڌان ڪڄڪاهه ڪوڙ،
ڇا هوائون هير واريون — واه قدرت رب ڪريم!

ڪالهه ميٽيون ملڪ تي ميريون لڳيون ٿي ماڙيون،
اج سَرائون صاف ساريون — واه قدرت رب ڪريم!

ڪارَ ٻنيان ڪارَ ڪڪرن، ڪيترو ڪاهون ڪيان،
ڪَرَ اچن ڪونجون قطاريون — واه قدرت رب ڪريم!

جهڙ جهيميو، جهوري لٿي، جهانگين وَسايون جهوپڙيون،
ٻبر ٻروڪا، ڪير ٻاريون — واه قدرت رب ڪريم!

ڇا چوان ڇانڇر ڇنَن ۾، ڇا ڏسان ڇانئون ڇمر،
ڇا ٻُڌان ٻوليون ٻه-ٻاريون — واه قدرت رب ڪريم!

وس ٿئي واسي وريا، واسيا ولين وڻ ٽڻ ولهار،
ٻُوهه ٻهڪن، ٽُوهه ٽاريون — واه قدرت رب ڪريم!

واه گلڪاريون گلن جون، واه گولون، واه گاهه!
واه ساوڪ، واه ساريون — واه قدرت رب ڪريم!

واه چينگارون چڙن جون، منجهه چيلر چيها چُرن،
ڪئين ڪَڪيون، ڪُنڊيون ۽ ڪاريون — واه قدرت رب ڪريم!

چنگ چونريءَ چوريو، ويٺيون چڙهي چوٽيءَ مٿي،
هَو گهمن پٽ تي پٽاريون — واه قدرت رب ڪريم!

گاهه گوڏي ڪان لنگهي ويا، ڳيهه ڳاڳهر ۽ ڳهَڙا،
ٻَرهيون ٻهڪن ٻنڪاريون — واهه قدرت رب ڪريم!

# مولوي خير محمد نظامائي

## غزل

●

ڪنهن کي ڪنهن جي ياد آهي، آءٌ تنهنجي تات ۾،
گفتگو تنهنجي ٿي نڪري، هر گهڙي، هر بات ۾.

سوسن و سنبل ۾ تون، ۽ گل ۾ تون، گلشن ۾ تون،
تون نظر مون کي اچين ٿو، بلبلن جي لات ۾.

گرچ مخفي آهين تون، پر حسن تنهنجو بي نقاب،
سڀ ڏسڻ وارا ڏسن پيا، ڏينهن ۾ ۽ رات ۾.

تنهنجو ڏس تارا ڏين پيا، چنڊ سج تنهنجا گواهه،
تنهنجو ذڪرِ خير آهي خاڪ جي ذرّات ۾.

ڇا پرندا، ڇا چرندا، ڇا نبات ۽ ڇا جماد،
هر ڪنهن کي تنهنجو نالو، تنهنجي وائي وات ۾.

'تون ئي تون' آواز آهي، ابر جو ۽ باد جو،
تنهنجو جلوو رونما ٿيو برق ۾، برسات ۾.

شيشءِ اوصاف مان ڏسجي وجودِ پاڪ پيو،
آهه حيران ۽ پريشان فلسفي ڇو 'ذات' ۾.

هيءَ حياتي ناهه، پر هي آهه تمهيدِ حيات،
زندگي سا آهه ڪهڙي، موت جنهن جي گهات ۾!

# عبدالڪريم گدائي

## گيت

### وڇڙيل وني جا ورلاپ

سانوڻ آيو، ساجن آيا، بادل ۽ برساتيون،
نيرن ڪين ولهيءَ جون، وارثَ، مينهوڳيءَ جون راتيون.

بات انڌيري، رات پيني ۾، وڇڙيل پٽي واجهايان،
ڪنوڻ ڪيوي تي، گوڙ ڳڪن ۾ چرڪائي ٿو ڇاتيون:
سنهڙيون سنهڙيون بونديون، بنجي چڻنگون، جسم جلائن،
انگ انگ ۾ باهه لڳائن ٿڌڙيون ٿڌڙيون راتيون.

پيار محبت واريون ميٺون اهڙيون ڪي اڪايئي،
نڪري ڪين ٿيون نڪرن، ساجنَ، توجي جيءَ ۾ لاتيون:
تَريو اچن ٿيون دم دم دل تي، ٻلپل پور پڇايان،
ياد ڪري سي منڙيون منڙيون رات سهاڳ جون ڳاتيون.

جيڏيون سرتيون ڪلي ڪلي ٿيون مهڻا ڏين اوهان جا،
ڪير سهي ها سهمون، پر سپ برهه سٺايون ڳاتيون:
دير نه ڪر هڪ دم جي، دلبرَ، آءُ ڏکيءَ جي ديري،
منڙا، هاڻ ملڻ جي خاطر اڪڙيون آهن آتيون.

ڪَنَ ڪڙڪيءَ ڏي آهن، سائين، ديد ”گدائي“ در ۾،
وروڪيو واجهايان، وارثَ، جهت جهت پايان جهاتيون:
ياڳ سهاڳ جا ويلا ايندا، نيٺ وڇوڙو ويندو،
پل پر جي هيءَ آهه جدائي، ڇاڻ ڦٽيون ٻرياتيون!

نظم

# اڃا تہ رات، رات آ

ستارا زرد ٿي ويا، نہ آهہ چنڊ جو نشان،
دونهين کان داغدار ٿيو، سنڌ وطن جو آسمان:
ڪٿي جي آهہ سوجهرو، تہ برقِ حادثات آ،
سحر جي ڳالهہ ڏي ڇڏي، اڃا تہ رات رات آ!

ڪٽليو قفس جو در، غبار ويو چمن تي ڇانئجي،
ٽڙي ٽڙي تي رت سنڌي لڪير وئي وڇانئجي،
ستم جا ڏينهن ختم ٿيا، تہ غم ويو آ ڇانئجي:
هيءَ سوپ ٻي تہ هار آ، هي جيت ٻي تہ مات آ،
سحر جي ڳالهہ ڏي ڇڏي، اڃا تہ رات رات آ!

بديءَ جا يار پاڻ ۾ رفيق، همسفر بڻيا،
چنون ڪنهين ڪي راهزن، ميڻي راهبر بڻيا،
هتا جي راهہ آشنا، غبارِ رهگذر بڻيا:
غبارِ رهگذر کان دور، منزلِ حيات آ،
سحر جي ڳالهہ ڏي ڇڏي، اڃا تہ رات رات آ!

زمانو بدلجي ويو ۽ خاص، عام ٿي پيا،
شرابخور اڄ فقيہ خوش ڪلام ٿي پيا،
شهر جا ٺوٺ، صاحبِ بلند بام ٿي پيا:
هي وقت جو آ معجزو، هي قسمتن جي بات آ،
سحر جي ڳالهہ ڏي ڇڏي، اڃا تہ رات رات آ!

اٿو آ وقت، ساٿيو! شرر فشان وڌيا هلو!
ستاره بار و مهچڪان و نغمہ خوان وڌيا هلو!
قدم قدم سان، صف بصف، روان دوان وڌيان هلو!
وڌيا هلو، جو پنهنجي صف ۾ ساري ڪائنات آ:
وڌو جو باک ٿي ڦٽي، وڌو جو ختم رات آ!

گيت

## ٿي دل چري

تون نہ آئين، ڏينھڙا ميلاپ جا آيا وري —
ٿي دل چري!
اڄ وري ساونڻ اچي ڪي رنگ لايا هت وري —
ٿي دل چري!

ڪونج گل آهن جوان، تن ڪي نہ ڪنهن جي ڪاڻ آ،
پٽ جو سندن پوراڻ آ؛
سير ساونڻ جي سريون ٿي ڪيئي، سرهاڻ آ،
ڏس، مست ٿيو مهراڻ آ:
منهنجي آسن اڄ نيارا ڳيچڙا ڳايا وري —
ٿي دل چري!

جي اچين گهر مون واهيءَ جي، تنهنجا لک ٿورا مڃان،
پر تو تان مان صدقي وڃان؛
سنڌ ساري، ڏس ڀڪي موليا، نہ تون مونين آڃان،
هيٺ آسرا منهنجا آڃان:
تو لوان پرديس ۾ ڪي پيچڙا پاپا وري —
ٿي دل چري!

ڪوڪ ڪوئل جي ٻڌي منڙو مُنجهي، جيئڙو جهُري،
تو ڪاڻ ٿو هينڙو هُري؛
ويل هن ويجها هجون، هيءَ دل دعائون ٿي گهُري،
ٿو سوز رڳ رڳ ۾ سُري:
ساوري ڪڪريءَ جا من تي ڇانورا ڇايا وري —
ٿي دل چري!

ڪانگ ڪنهن سانگائتي جي ورڻ جون وايون ڪري،
ٿي پل نہ ڪاجنهن ريءَ سري؛
اس "پردا" تي آ پوري، پاس ڏج هائي پري،
شڪ، ٿو وطن ساڄن وري:
مون پانڌڙا پائي، ٻڌي هٿ، پاڳ پرمايا وري —
ٿي دل چري!

# محسن عباسي

## بيت

جهڙن جيئن ڳنڍجان کهوٽ ڪي، پاڻيان تيئن ٻري،
مرتيون، ساعت هيڪڙي، نہ سهڻل رئي مري،
ماندي ٿي مري، ”محسن“ جي ماڻ لئہ.

ڏسان آءٌ وري، ٻڪا من ٻرين جا،
هيئا منهنجا هڏ ٿيا، وڃو ماس ڳري،
”محسن“ سان مري، نباهيندس نينهڙو.

هيڪاندا جي هوت سان، مرڻ تن محال،
ويچي ٽوڙي وقت جي، ڪانهي ڪا مجال،
ماڻيو جن وصال، سي ”محسن“ مرن ڪينڪي.

ماڻهو ٻيا مرن، مرڻ لاهي ميهڻو،
ڪي جيئن ٿورا ڏينهڙا، ڪي گهڻو ٿا جيئن،
آءٌ ڪٿل وڃان اڳ ۾، ٻوء تون، ”محسن“،
ٻر جي چنين اڳ ۾، تہ آهي هي وچن،
وهنجاري لڙڪن سان، ڏئي پلڪن جو ڪفن،
اکڙين منجهہ دفن، ڪنديس تنهنجي قرب کي.

پنجڻ جا پياض، پڙهندي رهان ڪٿل، پرين!
ٻنبڻين تنهنجين تي ڏيان، سجدو ساڻ نياز،
لڙڪن منجهہ نماز، ڪريان ادا عشق جي!

## گيت

### جلد ورائي جاني واڳ

جلد ورائي جاني واڳ، اوسيڙا ٿا آس وڃائن؛
روبرو منهنجا راڳ، مون کي پيا ٿا هاڻ رئاڙن.
ازل کان پنهنجا روح سيکايل،
هڪڙي سان ٿيا جڏهن مڱايل،
نند مان جاڳيا پنهنجا ڀاڳ:
هاڻ سهيليون چوڻ ستائن ...

ٻانڌي تنهنجا ٻئي ٻچايان،
والجهڻ ڪانگل روز اڏاڻان؛
جهاتيو ٻاٻو، چنچل چاڪ،
چِٽ مان هر هر ڳاٽ آيا ڪن ...

سائين، ڪنواري ڪيسين رهنديس،
ڪيسين طعنا ميهڻا سهنديس:
آءُ سهاڳڻ، تون ني سهاڳ،
آءُ تہ سندم ارمان اڏامن ...

لائون لہ جيسين مون سان لائين،
ڪوسو لڳيئي واءُ لہ، سائين!
ساڪر ٻئي من منهنجي جاڳ،
تيسين حياتيون مانءُ وفا ڪن! ...

ٻار اڏواڏ هلڪو ٿيندءِ،
ڪلها منهنجا ڪرم ايندءِ:
سورن جا ٻوءِ سمنڊ اجهاڳ،
چوڏس پل ٻيا ڇوليون مارن ...



# ذوالفقار راشدي

## دوها

پنهنجيءَ جاءِ تي پاڻ ئي آهين سڀڪجهہ، اي انسان!
ڪنهن بہ ٻئي کان ٻاهر ڪونهي ڪوئي ٻيو ڀڳوان.

سوچ تہ سوچيون، کول تہ کوليون، ڳولهہ تہ ڳولهيون پاڻ،
پاڻ کان ٻاهر لولجهہ اجائي، پاڻ کي پڙهہ انجاڻ!

پنهنجي تنَ جو تاجي پٽو، تنهن ۾ من نُوراني،
باقي چئني پاسي ڦهليل هڪ اڻکٽ ويراني.

آهي جڳن جي جيوَن ۾ هي رلمل هڪڙو روح،
مان ئي صدين کان جيئرو آهيان، آدم ٿي يا نوح.

جيوَن کان اڳ، جيوَن کان پوءِ، سُڌ سماءُ نہ ڪائي،
سانت ازل ۾، سالت ابد ۾، سانت آهہ سچائي.

ويهي سوچ تہ ويٺو آهي تو ۾ مون ۾ سچ،
ٿانڊي مان ئي ٿيندو آهي هيڏو سارو مچ.

آهي حياتي نُور، انهيءَ جي چوڌاري اونداهي،
اڄ ٻي ڪو منصور نہ آهي، ۽ ناهي ڪا ڦاهي.

هائو، آءٌ مڃان ٿو، مون کي ناهي هڏ انڪار،
منهنجو مذهب آهہ محبّت، منهنجي پوڄا پيار.

جائي جم کان ڪوبہ سيائو ناهہ، نہ ڪو نادان،
دانائيءَ جي ڳولا ۾ آ، دلبر، سڀ جهان.

...

دل جو ديرو، دک جي سانجهي، وِرهہ کيو آ واهيرو،
اوندهہ ڪاري پوت جيان اندر ۾ آڏي ٿي آکيرو.

# غزل

●

ڪَنڌريل گهڙيون، وڇڙيل ساٿ ــ سيني تي يادن جو بار،
ننڊ سجاڳي، دل سوداءُ ــ ذهن ٽُڪي تلوار جي ڌار.

تنهائيءَ ۾ تنهنجي ياد ــ ساوڻ رُت جو جُهڙ، برسات،
جهڙي واريءَ تي ڦُڙ هار ــ هوريان، هلڪي، ڌرتيءَ ٺار.

وينس جهڙا تنهنجا انگ، راڌا جهڙا جوان امنگ،
تنهنجي جواني جرڪيدار، سرسوَتيءَ جو روپ لڪار.

مُکڙو ماهيو ڪيرَ ڪٽورو، جنهن تي ٻُرڪيل سونو ٻُورو،
لالين تي ماڪيءَ جي لار، نيڻن ۾ رنگين خمار.

مخمل جهڙو نرم ڇُهاءُ، چندن جو ڀرپور هُٻڪاءُ،
تنهنجي بدن جو نازڪ بار ــ جهوليءَ منجهہ گان جو هار.

تنهنجيون منهنجيون ڪَنَ جون ڳالهيون، معصوم
جيان ٻوليون ٻاليون،
جن ۾ سُرڪي ڀريون پيار ــ ڀنڪي ۾ ڀريلي بار.

دل ۾ هُرن ٿا سي ٿي ڪيچ، جن ۾ تنهنجي پرت جا پيچ،
آءُ تہ ڳايون مينگهہ ملهار ــ موٽ، ڪلا ۾ آڻ بهارا

## قمر شهباز

### وابون

(١)

لوڪَ ڏئي ٻَرَ ڪانڌ لٿي،
ازلي منهنجي اچ ـــ الا!

هينئڙو گهائل هرئيءَ جيئن،
روح سڙيو ٿي رچ ـــ الا،
ازلي منهنجي اچ...

تون جي هيڪر هام هڻين،
ڀاپ ٻه ٽيندم ڀچ ـــ الا،
ازلي منهنجي اچ...

تو بِن، منڙا، موتيئڙا،
ساوڻ پاڻيان سَچ ـــ الا،
ازلي منهنجي اچ...

(٢)

وَس وَس منهنجي ويراني تي،
اچ تہ ڪٿي تون وس، او يارا!

ڪنهن لہ رلو، او ڪنهن لہ رلو،
آلسن جي انساني تي ـــ
اچ تہ ڪٿي تون وس، او يارا

ڪين سَري، تون آءُ وري،
مهر ڪري مستاني تي ـــ
اچ تہ ڪٿي تون وس، او يارا!

اکڙيون ٻرين، جڻ او ساجن،
ساک ڪري ميخاني تي —
اڄ ته ڪٿي تون وس، او يارا
رات ڍُٽي، هر ڪاله رُني،
هل پير لٺ ٻروالي تي —
اڄ ته ڪٿي تون وس، او يارا!

گيت

## پريت جو پيري آهيان

وقت اُٿين، جيئن واريءَ تي
ڪنهن ٻاريءَ جي پيرن جا نشان؛
پريت اٿين، جيئن ٻوٽي تي
تتي ٻاسي کي پاڻيءَ جو گمان؛
جيوَن، جهڙو ساوڻ ۾
ڪو چنگ چُري ۽ ساهه سُري؛
موت اٿين، جيئن موتئي جي
ڪا شاخ ميري ۽ ساکَ ڪري:
مان وقت جو ويري ناهيان، پر
مان پريت جو پيري آهيان:
جيون ڏين، يا ڏيندين ڏکڙا،
مُرڪي وٺندس توکان، مٺڙا!

آزاد نظم

## مشورو

منهنجو ساٿ نه ڏيئي سگهندين،
موٽي وڃ، تون موٽي وڃ!
منهنجي پريت پپيهي جهڙي،
منهنجو چاهه چڪوري جاڻي؛
منهنجون راهون اوکيون آهن،
منهنجو پنڌ پرانهون آهي؛
منهنجو جيون جوالا آهي،

جيهن جي ٿاڻن تي ٿي منهنجي پياسي من جي آس ٽِلي:
منهنجي من ۾ ڪائي سُوري
صدين ڪان سينگاريل آهي:
منهنجو ماڳ نه پڇ تون، منڙا!
منهنجي سيج، تون موني وچ:

# آنسو

پلڪن تي آنسن جا موتي—
پيار جي ريکا،
جيون جوتي،
برهه ۾ جڻ برکا برسي،
جهومي ڪائي ٽاري،
جهلمل جهلڪي واري.

پلڪن تي آنسن جا موتي—
شعلي تي شبنم جا ٽيرا—
جڻ ڪا ليلان،
نير وهائي،
ساڻ پلائي پڇتائي،
ڪونئروءَ آڏو بيٺي آهي،
ڪنڌ جهڪائي،
هار جني، داتا ڦهلائي!

## غزل

●

اڄ پيئي تنهنجي لڏ ويڳاڻا،
هاءِ، اسان جا ليڙ لماڻا!

وقت وقت جي ڳالهه آ، پيارا،
ريت لڳ جاڻن اڄ جا راڻا.

نظرن ڪي تو هيٺ جهڪايو،
تارن جا جڻ ڏيپ آجهاڻا.

ڀٽ نہ ساوڻ سوڦي ايندو،
وسري وينديءَ کھاءِ ڀراٽا.
تنهنجي ڳوڙا ۾، او ساجن،
گھائل منهنجا گيت آڏاٽا.

●

چانڊوڪيءَ کي چاهي ڏس،
سر تان سانگو لاهي ڏس.
منهنجي جهوليءَ ڏي نہ نهار،
منهنجي دل ۾ چاهي، ڏس.
ڏيول دل کان ڀاڪ نہ چاڙ،
ڪنهن جي دل کي ٿاهي ڏس.
مون سان ايڏو ڀيار، مينا!
ڪير ڪنهين جو ناهي، ڏس.
ٻادل، ٻرڪا بند نہ ڪر،
نيڻن ساڻ نباهي ڏس.



# سروپچندر «شاد»

## وايون

(۱)

سُوري سجايو پلي پلي، سچ اسين چونداسين!

سوري آهي سيج، اسين اينداسين هنس جانءِ هلي هلي:
سچ اسين چونداسين.
ڪهڙو ڊپ مرڻ جو؟ آيا موت سان آهيون گلي ملي:
سچ اسين چونداسين.
اسين ڪُڙي جا قائل آهيون، وِهه پينداسين کِلي کِلي:
سچ اسين چونداسين.
سونهن آهي سچ، باقي باطل، سار اِها آ اسان سلي:
سچ اسين چونداسين.
سونهن-نگريءَ ڏي پنڌ هلنداسين، ٿانداڻن تي ٿِلي ٿِلي:
سچ اسين چونداسين.
سِر ڏئي سرها ٿينداسين، پرَ، ڳائينداسين ڳلي ڳلي:
سچ اسين چونداسين.
جيوَن کي جرڪائينداسين، تارن وانگي جَلي جَلي:
سچ اسين چونداسين.

(۲)

ڪِلڪِين وانگي ڪِلنديون پِڄنديون، ڪِنوڻيون ڪيجَ وڄن —
الو ميان، ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن!
ترب ڪُنن جيان ڪارا ٻادل، ڪڙڪي ڪيهون ڪن —
الو ميان، ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن!
آتر هوائون، چوريَن وانگيان، چرڪيو چالَ هڻن —
الو ميان، ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن!
پلر پيو ۽ جُهمريون پايو، ماروئڙا مُرڪن —
الو ميان، ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن!

هاڻ جنين کي آڳ اندر ۾، سي ڪيئن سُک سمهن —
الو ميان، ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن!
ميٺا ميٺا سڏي، ويرڳڻ وانگي، هاڻ ۾ ويڙ وجهن —
الو ميان، ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن!
پرديسي پريَن کي ساريو، سرتيون، نيڻ ٽيمن —
او ميان، ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن!

(٣)

سُک سمهان ڪيئن، سرتيون ڙي، ساوڻ آيو سُور ڪٺي!
ڪهڙي منڊ ماڻ جي؟ مون وٽ ناهي منهنجو سيرَ ڏٺي؛
ساوڻ آيو سور ڪٺي.
ڪارا ڪڪر ٿا گرجن، منهنجي ڏيل ڏڪني ۽ آ ڏڪٺي:
ساوڻ آيو سور ڪٺي.
گهايل ڪنوٺين ڪيڙو من آهه، ياڻ برهه جا هٺي هٺي؛
ساوڻ آيو سور ڪٺي.
ڪاري رات ۽ وحشت، ساٿ — هاءِ الا، آءٌ هڪ جٺي:
ساوڻ آيو سور ڪٺي.
ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسن ٿا ٿڌڙا، پل پل مون لئه موت بٺي:
ساوڻ آيو سور ڪٺي.

(٤)

ڪيئن سنڀالي ڪوئي، ماءُ، وڃي پئي موهن جي مُرلي!
رات جو پويون پهر، خموشي، جهيڻو جهيڻو واءُ —
وڃي پئي موهن جي مرلي...
من ۾ مچ، اکين ۾ آنسو، لڳ لڳ لنوَ لڳاءُ —
وڃي پئي موهن جي مرلي...
'رات نه اهڙي ايندي، راڌا!' چند چوي ٿو، 'آءُ' —
وڃي پئي موهن جي مرلي...
لوڪ ٽوڪ جي سڀ لڄ لاهي، راڌا آئي تلاءُ —
وڃي پئي موهن جي مرلي...
ذري ذري جي زينت ۾، ڙي، لالن جو ته لقاءُ —
وڃي پئي موهن جي مرلي...

وڃڻا وهم وجود جا وري، ڪنهن کي سُڌ سماءُ —
وڄي ٿي موهن جي مرلي...
ٻُ نڪو ذرتي ٿي ڀَڄجي، صرف آهي سوداءُ —
وڄي ٿي موهن جي مرلي...
ساري هستي ڀيني ڀامي نغمي جو درياءُ —
وڄي ٿي موهن جي مرلي...

## گيت

# رات اڄي سپنن ۾ سهڻا...

رات اڄي سپنن ۾ سُهڻا، پنهنجو پاڻ پَسائي ويا،
هاءِ، هينيون هرڪائي ويا:
تارن سان، لا، سينڌ سجائي،
پيشانيءَ تي چنڊ لڳائي،
لُڏندا آيا،
ڪُڏندا آيا،
ڦيريون پائي، گهُونگهٽ لاهي، اک سان اک ملائي ويا،
جلوا لک لُٽائي ويا:
رات اڄي سپنن ۾ سُهڻا...

جوالڙين جيان يادون سُرڪيون،
ساهه پريون سُرهاڻ جون سُرڪيون:
ڪيلي ڪيلي جو،
ڪلي مِلي جو،
ويران مندر جهڙي مَن ۾، نينهن جو ناد وڄائي ويا،
لَڳ لڳ لنوَ لڳائي ويا:
رات اڄي سپنن ۾ سُهڻا...

عشق بنا بي معني جيون،
عشق بنا آ ڇورو جوبن:
عشق عبادت،
عشق صداقت،
سؤ سؤ اهڙا راز ٻڌائي، پريت جي ريت سيکائي ويا،
دل ۾ دُود دکائي ويا:
رات اڄي سپنن ۾ سُهڻا...

# اڄ منهنجي اڱڻ ايندا...

منهنجي اڱڻ اڄ، اديون، ايندا منهنجا ڍول سڄڻ:
منهنجو تـــن،
منهنجو مـــن،
لڳندو موتيءَ جيان مُرڪڻ!

ڳهڙي ڳهڙي ريشم جي ٻوتي، سر تان پيئي سِرڪي،
پيز بـــان چانديءَ جـــي جهانجهر، ٻوليو پيئي ٻولي:
ٻـــار ٻـــار،
اڄ چندن هار،
ڇـاتـيءَ تـــي آ لـڳـــو لُڏڻ:
منهنجي اڱڻ اڄ، اديون...

رات ڏٺم سپني ۾ ڪير جون نهرون ڪَلڪَل وهندي،
صبح ڏٺو مون پريل ڳهڙن سان ٻاڻيارين کي ايندي:
ڪارو ڪانءُ،
موچارو ڪانءُ،
ڏيـڍيءَ تـــي آ لـڳـــو لنوَڻ:
منهنجي اڱڻ اڄ، اديون...

ڇهڪ ٻڌائي کين اکين ۾ ويهاريندس، اديون!
کين سندن ئي نظرن سان آءٌ ليهاريندس، اديون!
سيڪجهه واري،
ٻـاڻ وساري،
وجهنديـس آءٌ ڇـيـــڄ، سڄڻ:
منهنجي اڱڻ اڄ، اديون، ايندا منهنجا ڍول سڄڻ.

# "محسن" ڪَڪڙائي

## نظم

### معذرت

منهنجي ماحول ۾ انسان جي عزت ڪانهي،
منهنجي ماحول ۾ دولت کي ميڃن ٿا ماڻهو:
او سڄڻ، منهنجي رڳو توسان محبت ڪانهي،
گرچ ڪجهه ناهه، مگر مون کان گهرن ٿا ماڻهو.

ڇا چيئي، توکي ڀلائي مون ڇڏيو؟ آخر ڪيئن؟
مان ته خوابن ۾ به پوڄا ٿو ڪريان تنهنجي ئي:
غير کي پنهنجو بنائي مون ڇڏيو؟ آخر ڪيئن؟
شڪ نه ڪر، اڄ به تمنا ٿو رکان تنهنجي ئي.

ها، مگر وقت جي اهڙي ئي تقاضا آهي،
قابل ديد، اڪيچار شيون آهن، دوست!
تنهنجي ۽ منهنجي وچان وقت جو دريا آهي،
زندگيون غورطلب ڪوڙ پيون آهن، دوست!

ٿي سگهي ٿو ته غلط راهه ورتي ٿيان گمراهه،
ٿي سگهي ٿو ته ڏيان دادِ شجاعت ڪجهه ڪجهه،
ٿي سگهي ٿو ته سڄڻ تون به چئي ڏين 'وه واهه'،
ڏي اجازت ته ڪريان ديس جي خدمت ڪجهه ڪجهه.

'ڪالهه' جي 'اڄ' سان ڪري ڀيٽ، ڏس ڪائين چو ٿو؟
ڪيئن به هو، گذري ويا ڏينهن ۽ راتيون، منڙا!
منهنجي معصوم امنگن کي دٻائين چو ٿو؟
ضد نه ڪر، ياد نه ڪر، پيار جون باتيون، منڙا!

عشق لئه مون کي اجا ناهه اي "محسن" فرصت،
مون کي نادان سڏيو ٿا، ته مان نادان آهيان:
پيار کان مون کي مٿي آهه وطن جي خدمت،
منهنجا محبوب، مان هن وقت اوهان جو ناهيان!

## قطعا

( ١ )

ڇڏيو ٻه فڪر بزرگن جي پارسائيءَ جو،
فقيهِ شهر جو ڪاٿي ڀرم کُلي نه پوي؛
معاشرو ته هميشه گناهه ڀالي ٿو،
ڇڏيو ٻه، شيخ جو ظلم و ستم کُلي نه پوي.

( ٢ )

مجال ناهه جو هڪ پل به ڪُشتهء ناحق،
حقيقتن جي بنا تي ڪري سگهي آواز؛
معاشري جو مقدّس نقيب زنده باد،
جو پنهنجي اصل ڪان آهي وڏيڪ ڪجهه ممتاز.

( ٣ )

خلوص ڪيش، حقيقت پرست انسانن،
قدم قدم تي غلاميءَ سان چوٽ کاڌي آهه؛
خطا معاف، تقدّس جي ٺيڪيدارن ٿي،
قدم قدم تي غلاميءَ ڏي موٽ کاڌي آهه.

( ۴ )

آدميت نثار ٿي ويئي،
عزتون، عظمتون ويون لُٽجي؛
شيطنيت جي گرفت ۾، افسوس،
ڪيتريون عصمتون ويون لُٽجي.



# "وفا" ناٿنشاهي

## قطعا

(١)

اوهان مخمور نظرن مان نهاريو،
اسان جي هٿ مان پيمانا ڪري پيا:
اوهان جي ضوفشان چهري تي ٻلجي،
فضا مان ڪوڙ پروانا ڪري پيا!

(٢)

محبتن جا ذخيرا، دلين جا سرمايا،
اوهان جي بزم ۾ آيو ڪٿي ڪو نذرانا:
حقيقتون ٻه اسان جون نٿو ٻڌي ڪوئي،
هزارين فيض وٺي ويا، ٻڌائي افسانا!

(٣)

او سجڻ، ايترو اداس نه ٿي،
ڪائنات اشڪبار ٿي ويندي؛
مون کي ايترو نه ويجهو اچ،
زندگي شرمسار ٿي ويندي.

(٤)

همتِ التجا رهي ناهي،
ضبط جو حوصلو به ڪونهي ڪو؛
عشق اونداهين ۾ ٻلجي پيو،
حسن جو موجهرو به ڪونهي ڪو.

(٥)

بيڪسيءَ جي سياهه راتين ۾،
روشنيءَ جي تلاش ڪريان ٿو؛
موت جي وادين ۾ سرگردان،
زندگيءَ جي تلاش ڪريان ٿو.

( ٦ )

محبّتن جي عبادت جو دور ختم ٿيو،
مسرّتن جي عبادت جو دور ختم ٿيو؛
وفا شعار، حقيقت پسند ختم ٿيا،
حقيقتن جي عبادت جو دور ختم ٿيو.

( ٧ )

شميمِ زلفِ پريشان تلاش ڪر ويهي،
حسين ترين شبستان تلاش ڪر ويهي؛
مريضِ وقت جي هر نبض جي تحرّڪ ۾،
علاجِ گردشِ دوران تلاش ڪر ويهي.

( ٨ )

اڃ ۾ هيئن چاڪ نہ هئي خلعتِ گل،
موسمِ گل ۾ وڌي وحشتِ گل؛
شوخ و گستاخ صبا جي هٿ سان،
پرسرِ عام لٽيي عصمتِ گل.

( ٩ )

بربريّت جو دور، ڇا چئجي!
هي مسرّت جو دور، ڇا چئجي!
خون انسانُ جو آهي سستو اڄ،
آدميّت جو دور، ڇا چئجي!

( ١٠ )

موج ڪر، عزّتن جا واپاري!
آدميّت رهي، رهي نہ رهي:
تون جوانيءَ جو خون چوسي وٺ،
پياس تنهنجي لهي، لهي نہ لهي.

( ١١ )

عجيب رنگ ۾ آئي بهار گلشن ۾،
ڏسان ٿو اهلِ چمن اشڪبار گلشن ۾:
حياتي قيس گذاري خوشيءَ سان صحرا ۾،
اسين رهون ٿا سدا سوگوار گلشن ۾!

( ١٢ )

اهلِ زر جا محل نهال نهال،
مفلسن جا مڪان اداس اداس؛
ڇو وڏن جو خوشين تي قبضو آهه،
ڇو رهن ٿا جوان اداس اداس!

## غزل

●

حُسن جي بنده پروري آهي،
منهنجي دنيا ۾ روشني آهي.

خوش رهو، اي حَسين انسان!
زندگي تلخ ٿي وئي آهي.

منهنجي بربادين تي تو نه رُنو،
هونئن ته دنيا سڄي رُني آهي.

ڪو ته آهي چمن ۾ اڄ مُرڪيو،
دل جي مُکڙي ٽِڙي پئي آهي.

دل جي نادانين تي ڪِيل نه "وفا"،
دل جو ڇا آهه، دل ڇري آهي.



## "آذر" ناٿنشاهي

### نظم

# اوڏڻ

او سانوري، سادي ۽ نماڻي اوڏڻ!
محنت ۽ مشقت جي ڪهاڻي، اوڏڻ!
آڻ آريا تهذيب جي وسريل تاريخ،
هر آريا عورت کان سياڻي اوڏڻ!

ڳچيءَ جا اِهي ٽونر، سڳين جون جهوڙيون،
ٻانهن ۾ پيل عاج جون ڀوريون چوڙيون-
سڀ ٺيڪ، اِهي ڏنگ هڻن ٿيون ڏاڍا،
جي نيرڙ تي آهن تو ڪڍيون ڏينيوڙيون.

ٻرپات ڦٽي آهه، ٻسو وَس آهي،
هر ڪنهن جي اجا جسم تي آرس آهي:
تون لنڊ مان جاڳي ٿي ڪرين ڪم گهر جو،
شاباش، اِها توکي وڏي جَس آهي!

ڌرتيءَ تي ڳهَڙيون صبح جون ڇايون آهن،
ڳڏهن تي رکيون تو ٻه ڪَچايون آهن:
هر حال ۾ مزدور پتيءَ سان ساٿي،
ڇا تنهنجون سچايون ۽ صفايون آهن!

سچ آهه ته ٽَڪ تنهنجي بدن ۾ آهي،
مِٽي به ڳڏيل تنهنجي لٽن ۾ آهي،
ليڪن تون وڏي پاڪ پِري آهين زال،
تعمير جو ڪم تنهنجي هٿن ۾ آهي!

# «راز» ناڻنشاهي

## قطعا

( ۱ )

اسان جي فڪر مان سورج جي روشني نڪتي،
اوهان جون جهنُور اکيون تاب ٿي سهي نه سگهيون:
اسان جي سچ ۾ پليل جوان خيالن تي،
اوهان جي ظلم جون ڪاتيون مُڏيون وهي نه سگهيون.

( ۲ )

مان ظلم جي سيني ۾ ڪُپي پيو آهيان،
اونداهه جي ڇاتيءَ تي ٻري پيو آهيان:
ان لاءِ بغاوت جو ڏين ٿا الزام،
جو سچ جي حمايت ۾ اٿي پيو آهيان.

( ۳ )

خونريز، شرربيز آڃالن ۾ اچي،
تاريڪ اميدن کي وساري ڇڏيو:
جنهن هنڌ ڏسو آهه اندبرو جهونو،
ڪا تازه آتي شمعِ نو ٻاري ڇڏيو.

( ۴ )

ڇا چوان حالِ دردِ پنهاني،
وقت ڪوتاهه، قصو طولاني:
عيشِ دنيا ڪان دل نهي وبئي،
هي ڏسي رنگِ عالمِ فاني.

( ۵ )

آ دشوارتر سجدهٔ شوق ڪرڻو،
جبين چئي رهي آ ته مشڪل نه آهي:
لشيب و فرازِ الم ڇا بڌايان،
ڪو طوفان نه آهي، ڪو ساحل نه آهي.

گيت

## ڀاهه ٻرهه جي ڀڙڪي

ساماٽا سپ سُور سويري، ساماٽا سپ سُور.

درد ڏنو دل ۾ ڏڙڪي ڏڙڪي،
ڀاهه ٻرهه جي ڀڙڪي ڀڙڪي:
جيوَن آهي مسلسل جهوري، ڀل ڀل آهي ڀُور...

جهيرون جيءَ کي ڏنيون تو ڏاڍيون،
ساهه برابر سپ سون سانديون:
تيل جي بدلي ٻري ڏيئي ۾، نيت نيڻن جو نُور...

ڀربت ڪندين تان پاڻهي ڀڄندئي،
لوڪ ريت جون خبرون ڀوندئي:
تارا ٽوڙي ڪندا اشارا، ڪهائي وجهندئي ڪهُور...



گلن جو رنگ ۽ بو جنهن جي نظر ۾ خون لئہ تڙپاني،
اها ڪنهن باغ ۾ ٻيلي سيرن جي پيت نہ آهيان مان.

(۴)

هزارن منزلن کان پوءِ ايندي منزلِ مقصد،
اسان جو ڪاروانِ شوق ڪاهيندو وڃي جيڏي؛
هزارين زندگيون گهرجن ٽيون هڪڙي هڪڙي منزل لئہ،
اسين هڪ زندگيءَ وارا مسافرڙا وڃون ڪيڏي!

## رباعيون

(۱)

تقدير ۽ تدبير ملائي ڇڏجي،
اڄ خواب ۽ تعبير ملائي ڇڏجي؛
اڄ اڄ تہ محبت ۾ ڳاريون،
اڄ، کنڊ ۽ اڄ ڪير ملائي ڇڏجي.

(۲)

اڄ اڄ تہ غمن ساڻ خوشي پرچايون،
اڄ اڄ تہ بهاري ۽ خزان هڪ پانيون؛
اڄ ساري خدائيءَ تي وجهون ٿا پردو،
اڄ اڄ تہ ڪٿي پاڻ بہ پاڪر پايون.

(۳)

اميد جي شمعن کي جلايون وينا،
پروانا خيالن جا پچايون وينا؛
توڙي جو ڪري تيل ڇڏيون ٿا رت کي،
محفل تہ بهرحال سجايون وينا.

(۴)

طوفان آٿيو، ليٽ تہ چوليون ٽينديون،
موجون ٽيون اچن مست مگن ڏوڪينديون؛
ڪو خوف نہ ڪر، آهين سچن تون ساحل،
تنهنجائي چُمي پير ڏيون ٿي وينديون.

# عبدالڪريم پلي

## غزل

●

ڪلي ڪلي ڪي فسرده ۽ سوگوار ڏسو!
”چمن جو رنگ ڏسو، موسم بهار ڏسو!“

جيئڻ به زهر برابر ۽ خودڪشي به حرام-
حيات ڪئن نه بڻي آهه سر تي بار، ڏسو!

ڪٿين نظام ڦريا، ڪيترائي دور آيا،
بدلجي ڪو نه سگهيو پنهنجو حالِ زار، ڏسو!

زمين تي وجهه تسلي نه ٿي سگهي، يارو،
ڪري ٿو ڪهڙي عطا چند داغدار، ڏسو:

هزار ڀاڱ ڀلي سان ڀي، هماء هماء، نصيب،
ٿئي ٿي اصل ٿئي ختم ڪنهن جو پيار، ڏسو!

جهان ۾ ڪنهن کي ڀي حاصل قرار ناهي، مگر
”ڪريم“ جيان به ڪو ڏسجي ٿو بيقرار، ڏسو!

## گيت

### گيت غمن جا ڳايان

گيت غمن جا ڳايان، جيڏيون! گيت غمن جا ڳايان.

ڪنهن جي اچڻ جي آس لڳائي،
وات نهاري، ڪانگ اڏائي،
ويٺي لڙڪ وهايان، جيڏيون!— گيت غمن جا ڳايان.

هر هر نڪري آهَ اندر مان،
ڪونج ڪا وڇڙي، چڻ تہ ولر ڪان،
راهہ نہ ڪائي لڀان، جيڏيون! — گيت غمن جا ڳايان.

هرڪا پنهنجن سورن ماري،
ڪير ڏکن ۾ ڏئي دلداري،
ڪنهن کي سُورَ سڻايان، جيڏيون! — گيت غمن جا ڳايان.

درد سڄڻ جو لائي دل سان،
ڳوڙهو لڪائي لوڪ سڄي کان،
روئي لڙڪ لڪايان، جيڏيون! — گيت غمن جا ڳايان.

## ڪافي

*

ڪهڙيءَ نہ وجهہ هيئن ڳهاريون، وي — واڳ وارڻ جي وار سنڀيري.
تنهنجي فراق ۾ ٿيون سڏڪيون سهڻا، ٿيئي خوشيون ڪاريون، وي،

ڏينهن ڏکن جا لڙندي گذرن، روئندي راتيون ساريون، وي —
واڳ ورڻ جي وار سنڀيري.

لڙڪ وهن ٿا ليئڻ مان نيت، نرمل ڪريو ناريون، وي،
تو کان سوا پيو ڪير ڏکن ۾، دلبر ڏئي دلداريون، وي —
واڳ ورڻ جي وار سنڀيري.

آئي بهاري، آيون ويلون وصل ورهائڻ واريون، وي،
تو بن ڪنهن سان ڪريان، پيارا، ڳالهيون پياريون پياريون، وي —
واڳ ورڻ جي وار سنڀيري.

پنهنجو پال پلائي، "ڪريم" جون محبَ سڀئي نيزاريون، وي،
آءٌ تہ هيڪر ٿي هيڪاندا ڳوندرُ ۽ غم ٿاريون، وي —
واڳ ورڻ جي وار سنڀيري.

## ولي محمد "وفا"

### غزل

●

هو رخِ پرنُور زلفن ۾ لڪائي ويا هليا،
زندگي منهنجي سراپا غم بنائي ويا هليا.

وقتِ رخصت هٿ ملائي، مُسڪرائي ويا هليا،
آءُ روئندو ئي رهيس، هو پٺ ورائي ويا هليا.

منهنجي خسته حال تي ڳوڙها وهائي ويا هليا،
دوست آيا، دوستيءَ جو حق نڀائي ويا هليا.

خنجرِ ابرو سان قاتل دل ويا بسمل ڪري،
آزمائڻ لاءِ آيا، آزمائي ويا هليا.

تا قيامت نام تن جو رهندو زنده، اي "وفا"،
موت تائين زندگيءَ سان جي نڀائي ويا هليا.

●

راهِ الفت ۾ هزارين ٿي ويا روشن چراغ،
ٿي ويا مدت پڄاڻا جابجا روشن چراغ.

جي ڪري دل ۾ وٺين چاهت سندا روشن چراغ،
خون دل جو مون ڏئي سي ئي رکيا روشن چراغ.

دل جي تاريڪيءَ ۾ آيو فرق هڪ تِر جو به ڪونه،
جيءَ ٿيو، محفل ۾ جي آهن سدا روشن چراغ.

ياد تنهنجيءَ جي سهاري پيا گذاريون ڏينهڙا،
ياد جا هوندا سڄڻ دل ۾ سدا روشن چراغ.

ڪيڪي هُو ساٿ مون ڪي هٿ ڏيئي پنهنجو سکيا،
ڪل ٿيا وقتِ سحر مڙئي ”وفا“ روشن چراغ.

●

سامهون ايندا سيڻ سي ئي، جيءَ ۾ جن جون جهوريون،
سُور سر تي سپ سهي، ڏونگر ڏکن جا ڏوريون.

سوز سازن ۾ سمايون، پِرت جو چنگ چوريون،
ساز پنهنجي تي ٻه پنهنجو ڀاڻ ئي سر کوريون.

سُور آهن سرس ۽ خوشين جون گهڙيون ٿوريون،
سور جيڪي ساڻ آڻن، سي خوشيون ئي کوريون.

هي سڄو سنسار سوداگر سُڃي ٿو، اي سڄڻ،
آ، محبت جا، پرين، موتي اکين ۾ توريون.

ڪيڪي تن جي اندر ۾ ڪو اُجالو آهي، ياءُ،
ڇا ٿيو جي صورتون مانهن جون آهن ڪوريون.

سالڪي سائِھ جا سپاجها، سونهن ۾ ٿيا سرس، پر
درد دليا دائمي دليون انهن جون پوريون.



# عبدالجبار "شام"

## دوها

وِرهه وڇوڙو اوکو آهي، سوکو تنهنجو سنگ،
تنهنجي جوت جلي ٿي جيءَ ۾، تنهنجي آهه آمنگ.

نُور ڀريا ٻئي نيڻ اوهان جا، نُور ڀري پيشاني،
ڪهڙي ديس ڪان آيا آهيو، ناهه اوهان جو ثاني!

پريمَ پکيئڙا! تو لئه ٻڌيم، اکڙين ۾ آکيرو،
ساجنَ تو ۾ سونهن ڀري آ، منهنجو من آ ميرو.

پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڪونه ڏسي ٿو ڪير،
پاڻ ٿي ڪنهن جي هٿڙَ چورائي، پاڻ ڪٺي ٿو پير.

پل پل پل پل گهاتَ گهڙي ٿو، ناهي ٿو محلات،
ڪن ۾ اوچو گهات ڪري، ۽ ڪن ۾ ڪائي مات.

سچ جو سودو آهه اسان وٽ، سچ جي آهي وائي،
جيڪو سچ ڪي آڏو ايندو، تنهن سان آهه لڙائي.

ڏات ٻنا سڀ ڏوهه آ پيارا، ڏات ڪي آهي سلام،
پاروٿي مالي ما آهي، ڏات سواءِ ڪلام.

## وائي

لات مٺي ما لات، الا او، جنهن مان سولهن جو ساهُ اچي.

چانڊوڪيءَ جي ڪير مان وهنجي، آئي آ سوغات...
هيرن موتين جهڙا سپرين، چانڊيءَ جهڙي رات...
سُونهن مان سُرڪيون جيڪو پريندو، سو ڪٿن ٿيندو مات...
ٻوليءَ ٻوليءَ ساهُ پيو آ، ڏات ڪري ٿي لات...

# ڊاڪٽر "خادم" سدارنگاڻي

## نظم

## اڪيلو وڻ

اڪيلو، اڪيلو—
نہ سبزي نہ ٻوٽو،
نہ کُوهي نہ واهي،
نہ رستو نہ راهي:
اڪيلو آهي رڻ پٽ،
اُڀو ان ۾ هڪ وڻ،
اڇل ۽ اڀالو،
اڪيلو، اڪيلو!

ڪڏهن واءُ ورائي،
ڪڏهن سج تپائي،
ڪڏهن لوءِ ساڙي،
ڪڏهن پاٽ ماري،
نہ ڪو حال محرم،
نہ همراهہ همدم—
سنگ سڄڻ سهائي ٿو،
اڪيلو، اڪيلو!

اميدون ۽ ارمان،
ٿيا دل جا دل ۾:
سلامن پئي تہ ڪنهن سان؟
چيلاني پئي تہ ڪنهن سان؟
سمجهي ڪوئہ مون کي،
سندم ٻولي سمجهي:
اڪيلو جو آهيان،
اڪيلو، اڪيلو!

لڳي ٿو تہ جلدي
ڪڪر ڪاهي ايندا:
هوا تيز لڳندي،
۽ گجگوڙ ٿيندي:
ڇتو مينهن وسندو،
ڪڙا جام ڪرندا:
ڪنوڻ خوب ڪوندي،
وڏا ونگ وجهندي:
نسُون ست ڇڏيندو،
۽ پاڙون اُکليون:
جهري جسم پوندو،
جٽليي چار ٿيندو:
خموشي خموشي ۾
خاموش ٿيندس،
فراموش ٿيندس:
هي رڻ پٽ سڄو ئي،
ٿيي پڙپانگ پوندو:
چڙي ماٺ رهندي،
سناٽو، سناٽو!
— اڪيلو، اڪيلو!

# موتي پرڪاش

## ترائيل

ايئن سڄڻَ تنهنجون تي سيني ۾ سنڀارون آيون،
جئن آسر ويل ٽِيي اوپر ڪان اچي هيرَ سُڌير:
دل جي ويران چمن ۾ تي بهارون آيون،
ايئن سڄڻ تنهنجون تي سيني ۾ سنڀارون آيون.

جئن جهڙالي ۾ تي ڪونجن جون قطارون آيون،
ايئن سڄڻَ غمزده دل ۾ تي اچي تنهنجي آڪير:
ايئن سڄڻَ تنهنجون تي سيني ۾ سنڀارون آيون،
جئن آسر ويل ٽِيي اوپر ڪان اچي هيرَ سُڌير.

## غزل

●

نگاهون، ادائون، اشارا نہ هوندا،
حياتيءَ جا مِٺا سهارا نہ هوندا.

اِهي لهرون، طوفان هوندا برابر،
مگر بحرِ غم جا ڪنارا نہ هوندا.

حياتي هٿوراڙيون هڻندي ۽ ڪِرندي،
اوهان جا جي مِٺا سهارا نہ هوندا.

اچو، رات چوڏس جي ۽ سرد راتيون،
گذاريون، جو همڙا سيارا نہ هوندا.

اِهو وڻ، اِها رات، ۽ سي سيارا،
جي هوندا تہ ڀاسي ۾ پيارا نہ هوندا.

چِلي ٿئو، ڪريو حالِ دل، غم گهٽايو،
جو دنيا ۾ "پرڪاش" پارا نہ هوندا.

●

جيڪا سُومل، جيڪو راڻو،
هرڪنهن کي ڳشتي ڳاراڻو.

هير وٽني جي، پَر دريا جي،
ساجن، ساوڻ، سنجها ٽاڻو!

سُومل کن نه رُنا ٻني موتي،
ماڻو، هاءِ، مهانڪو ماڻو!

راتِ رڳو ڏينو نه ٻريو هو،
چندر بدن پيي هو ڪوماڻو.

ڪاڪ جي ماڙي خالي ڪندر،
سومل راڙ، ٻـڙاڏو راڻو!



# محمد علي "جوهر"

## غزل

●

ھي خزان جي آھہ جھُوڻن جو اثر،
صبحدم پي ڪانءَ ٿي منھنجي سحر.

منھنجي بربادي جي لئہ ھن آسمان،
ھوُنئي باقي ڇڏي ناھي ڪسر.

ڪيئن ڪريان دانھون نہ مان، اي ھمنشين،
آشيان تي برق ٿي آ جلوه گر!

جنھن ڪيو برباد گلشن باغبان،
پاڻ پي خانہ بدوش آ، دربدر.

بي مزي بنجي وئي ساري حيات،
تنھنڪري بھتر، ٿئي جي مختصر.

ڇا، مان سمجھان، دل جي دولت جن لُٽي،
آسمان جي تن مٿان آھي نظر؟

ھيٺ لڳن ٿيون ھر قدم تي ٺوڪرون،
ڪئن ڪبو، "جوھر"، دراز آھي سفر.

# ”گل“ سلطان کوٽي

## غزل

•

جڏهن جو زلف مشڪين ياد ان جو تابدار آيو،
سڄي ٿي رات سودا ۾ نہ اک کي ڪو قرار آيو.

ٻڌان ٿو خانہء دل ۾ سڪين آهي هميشہ هو،
نظر ڪي ڇو اچا ٻي جستجو ۾ اضطرار آيو.

نظر ۾ جي نہ آيو، تان نظر جو ٿي تصور آهي،
سندس قول و سخن تي مون کي ڪيٽي اعتبار آيو.

ڪِرن ھڪ ھڪ ٿي ٿا آنسو اکين مان هن ڪري، ڇوجو
انين فرقت جي ڏينهن جو ڪرڻ اک کي شمار آيو.

ويو سرخرو ٿي سيڪنهن جو، ڏسي قد راست سرور جو،
جڏهن بزمِ حسينان ۾ هو سروِ جوئبار آيو.

فروزان شمعِ رخ سان جي شبِ فرقت ڪري هيڪر،
چوان، مون باغ اجڙيل ۾ وري جشنِ بهار آيو.

شبِ تاريڪ ۾ ٿا ياد اچن زلف سيہ ان جا،
مہِ ڪامل ڏسي رخ ياد ان جو بار بار آيو.

دل و جان قيد ان جي زلفِ سلسل ۾ جڏهن ٿي ويا،
تنهن کان بعد سمجهيم جسمِ مضطر کي قرار آيو.

ڏسي لب لعل گلگون، چشم سنبل مست دلبر جا،
بنا ڪنهن جام و مئي جي چشم ۾ ڪيف و خمار آيو.

# ”مجذوب“ عمرڪوٽي

## غزل

●

رهنما آهه جنون باديه پيمائيءَ جو،
حوصلو ڪونه فروزان آهي سودائيءَ جو.

مرڪبِ عشق تي اڄ آهه ٿيو پابرڪاب،
جلوهٔ حسن کي ٿيو عزم خودآرائيءَ جو.

عشق آشفته سريءَ کان آهي مجبورِ فغان،
ضبط ڪريه کان تهي دست تمنائيءَ جو.

خلوتِ حسن مان جلوت ٿو ڪري زهره جبين،
مرحبا جذبهء دل، ذوق پذيرائيءَ جو.

رزم آرائي سنده چشم فسونگر جي غضب،
خود تماشو ٿي پيو عزم، تماشائيءَ جو.

ماهوشِن، اڄ سکهو مقتل ڏي تون شمشير بکف،
سر بکف عزم جوان آه ٿيو شيدائيءَ جو.

دلِ مرده ۾ تمنائون وري ٿيون زنده،
آهه ”مجذوب“ هي اعجاز مسيحائيءَ جو.

# «نشتر» ناٿنشاهي

## غزل

●

تون راهِ عشق ۾ اچي وڪڙن ورن کي ڏس،
الفت جي ساهميءَ ۾ ٿي ڪانڊن ڪسن کي ڏس.

ڪهڙو ٿو امتياز رکين ذات پات جو،
اهلِ وفا ڏسي، تون ٻرن ۽ ٻلن کي ڏس.

ڪن ٿا نيڪر خريد، وڃائي وڃائي، دوست!
نوڪي نڪي، اي يار، تون ڪوتن ڪرن کي ڏس.

سينگار عاشقن جي ٻلي قتلگاهه کي،
گردش ۾ خنجر آئي تون ڪوڙن سڄن کي ڏس.

سيڪجهه ميار مون ڏي، نه هڪڙي آ هوت ڏي،
پنهنجي عطا کي ڏس تون، نه منهنجن ڪمن کي ڏس.

«نشتر» نه آڪ جي ماڪي محبت کي جانچي،
ڏڪ جا چٽا چپين ٿا، الفت زدن کي ڏس.



# احمد خان «آصف»

## غزل

●

محبت جون ڪهاڻيون، ياد رهنديون؛
ڪهاڻيون قرب هاڻيون، ياد رهنديون.

وصال و هجر تيا معيارِ الفت،
رُساما ۽ رهاڻيون ياد رهنديون.

اکين احوالِ دل اوريو اکين سان،
اهي لظرون نماڻيون ياد رهنديون.

ڇڏيا جن عشق ۾ سڀ شوق شاهي،
اهي راڻا ۽ راڻيون ياد رهنديون.

نراليون نينهن جون ڳالهيون، اي "آصف"،
ليون تنوڙي پراڻيون، ياد رهنديون.

## قطعا

( ١ )

ماءُ هڪڙيءَ جا ڄڻيا، ڪو ٿيو شريف ۽ ڪو رذيل،
ڏس ته ساڳيءَ شاخ ۾ ڪو آهه گل، ڪو خار ٿيو؛
پرورش جو ٿو ٿئي "آصف" اثر، سيپ سَپ کي ڏس،
قطرهٔ بارش ڪو موتي، ۽ ڪو زهرِ مار ٿيو.

( ٢ )

نسل جو ڪو ڏوهه ناهي، اصل جو ڪهڙو قصور،
هرڪو پنهنجي پنهنجي فطرت کان رهي مجبور ٿو؛
خار ۽ گل هڪ ۾ ڪٿ، "آصف"، تجربو ڏس ڪري،
هُو ڏئي خوشبو ڪري خوش، هي چُڀي ڏئي سور ٿو.

( ٣ )

جنهن کي مستقبل جو ناهي فڪر ڪجهه،
ڪنهن ۾ ڪم جو ان جو ماضي، ان جو حال؛
ٻار ڏوراانديش ٿي دلو ۾ رهه،
فڪرِ فردا رکي ٿو ٿين روشن خيال.

( ٤ )

نه چڙ دامن ادب جو ڪنهن به صورت،
نه ڪنهن سان بحث ڪر ٻاگرو جوشي؛
نه جاهل کي ڏجان "آصف" ڪا ورندي،
"جوابِ جاهلان باشد خموشي."

## وائي

حال وندبان رويون ٿي عمر، پنهنجي مارو ٿن سان:
مارو ٿن سان، سانگيڙن سان.

ڪين پشم، ٻت ٻڌيو ٻايان،
لال ڏکيان لويون ٿي عمر، پنهنجي مارو ٿن سان...

لُر لوڪ، ميٺي مريڙو،
ساڳ پٽيان سويون ٿي عمر، پنهنجي مارو ٿن سان...

چيڙ ريڙ، ڪرت هنداٺا،
ڏيرَ ڪريان ڏويون ٿي عمر، پنهنجي مارو ٿن سان...

چيڪاري چيلهه کي پياريان،
آب پري اويون ٿي عمر، پنهنجي مارو ٿن سان...

ڪرنگهه ڪني ۾ چاڙهي چنيندي،
لُڙڪي ڪري لويون ٿي عمر، پنهنجي مارو ٿن سان...

"آصف" آءٌ خوشيءَ سان ڪاوان،
ڏٿ ستديون ڏويون ٿي عمر، پنهنجي مارو ٿن سان...

# احمدخان "اختر"

## ڪافي

*

مان مانَ مانجهي، سڀنا محب موتي،
آهيان آءٌ آنهن جي، ڪري توڙي ڪوتي.

اندر اونَ اُن جي، اکيون آهن آليون،
سڄڻ سي سنڀاري، سيمَن ٿي سُنواليون،
پرين پرت پاليون، نه وچ هئي وڇوتي.

ڏکن ٿي ڏکوئي، ڏکيءَ ڏيل ڏاريو،
ونهيان ڪو ولهيءَ ڏي، وصل واءُ واريو،
مينا مُٺي مَ ماريو، جا محبت مروتي.

ڪريان ڪين نه ڪيهون، وڇوڙي واڍوڙيس،
وڳرن ويڳاڻي، وڃائن ٿي ويڙيس،
مامن ۾ ٿي مُيڙيس، مَرمَ ۾ ملوتي.

الاهي امن ساڻ "اختر" آڪارج،
پرين توکي پَرَتيس، ميڻي ڪم سَڪارج،
پَري پَت پُڄايان، پَرمَ جي پَروتي.

## وائي

هاڻي هَٿَ هنيام، نه توبَ ٿيام، عمر وڃايم ويسلي.

پوئو پيش پريانِ جي، الا، آخر آهه پيام...
وِرهن ويڙهيم وَلين، الا، ڳوندر ڪس ڪيام...
ڪرم نوازي ڪا ڪَري، الا، مهر ڪرينِ مٿام...
"اختر" تي احسان ٿيو، الا، ڪلّي خانَ ڪنيام...

## سليم ڳاڙهوي

### غزل

●

منهنجو ڏک ۽ سُور ڏِس، هي منهنجو اوسيڙو تہ ڏِس!
وڃڻ، پنهنجو پيل مون تي هي اوليڙو تہ ڏِس!

سيج جي آهرڻ جو نياپو تي ويو نروار، پر
ڪيترو ڏرتيءَ تي چانيل آهہ ڪوهيڙو تہ ڏس!

هو نکٽ پريات جو جرڪي ٿو ڏاڍيءَ جوت سان،
سون ورني، پنهنجي مُنهن تي لال موهيڙو تہ ڏس!

ڏس تہ سچ جي وات تي سُچ جو سُتل راڪاس آهہ،
تو رهي مانهوءَ جي من ۾ ڪُوڙ جو ڪيڙو تہ ڏس!

ڪٿڪ بدران پڪ ۽ ڏک جا ڍير مانهن ڪي مايا،
مرس سُورن جي ڳنديءَ جو پيو لهي ليڙو تہ ڏس!

●

تنهنجوئي تنهنجو زماني ۾ سڏائي آيس،
آس تنهنجيءَ ۾ سڄي عمر پُجائي آيس!

توڪي ني توڪي پڄاريم، لہ وِساريم ڪنهن پل،
نام تنهنجي ڪي چِتا چنبد لکائي آيس.

منهنجي زخمن جي سخاوت ڪي ذرا داد ڏجان،
تنهنجي مقتل ڪي ڪلستان بنائي آيس.

ڪاڻ حاصل ڪئي قارون ڪا دولت اهڙي،
ڇا ڪيم؟ دل ڏئي ۽ درد پرائي آيس.

منهنجا محبوب، مٿان مون ڪي ڏئين ڏورايا،
تنهنجي ڳولا ۾ جگر پنهنجو وڃائي آيس.

هن زماني ڪي ڏنم، پر نہ ڏنم ڪوبہ ڏياچ،
مان تہ چارڻ ٿي چِتا چنگ وڄائي آيس.

## ”نديم“ انصاري

### غزل

●

اڄ ها نہ ڪر گلستان ۾ بهاري،
ٿي ها پريشان نہ بلبل ويچاري.
ڪري ها عداوت نہ بلبل سان مالهي،
نہ بجلي نشيمن مٿان شعلہ باري.
چمن ۾ هئو جانِ بهار آيو جنهن مہ،
گل و ياسمن ڪئي سَري شرمساري.
خدايا، هينئر شرم توبھ جو رکجان،
اٿئي آ اتر ڪانہ گهڻا ڪاري ڪاري.
هو آيو تہ دل جي چمن ۾ ٽڙيا گل،
ويو هو تہ گويا رُسي وئي بهاري.
ويو قافلو ڇو ستارن جو رکجي؟
هلي شاهِ خوبان جي شايد سواري.
ٿئي رشڪِ مہ جلوه پيرا تہ شايد،
فلڪ تي ستارن آ محفل سنواري
فلڪ جا ستارا، شڪن بستري جي،
گواهہ آ تہ مون رات ٽڙپي گذاري.
سکيو صبر ساحلَ آ منهنجي وفا کان،
سکي مون وٽان موجَ آ بيقراري.
وري ڪير آيو هي بزمِ سخن ۾،
جو هر اهلِ دل تي ٿيو وجد طاري.
بُتن جو آ ڪعبي سان جهونو تعلق،
تڏهن هُنَ جي صورت مون دل ۾ آتاري.
”نديم“ آ غمن سان اٿين لئي نهي ويو،
جئين خار سان گل حياتي گذاري.

# مولوي "ماعر" نوآبادي

قطعا

( ١ )

ساقيا! جلد کول ميخانو،
پرت جو کو پيار پيمانو؛
شمعِ الفت کي آڻ محفل ۾،
ته ڪري ان تي رقص پروانو.

( ٢ )

ساقيا! ميڪشن کي جام ڏيو،
جام هر صبح عام جام ڏيو؛
خويش و بيگانه کي پياريو خوب،
ميڪشيءَ جي صلاي عام ڏيو.

( ٣ )

ساقيا! آڻ بادهٔ گلگون،
تہ اسان جو ٿئي جنون افزون؛
جام ڏي جلد، جو تہ لاهي رهي
منهنجي هٿ ۾ عنانِ صبر و سڪون؛
مون کي لاهي خرد جي ڪانئي خبر،
منهنجي سر تي سوار آهي جنون؛
تشنگيءَ جي دفاع لڳ موکل،
مَي بانداز دجلہ و جَيحون؛
آءُ آهيان مريدِ ميخاني،
خوب ڄاڻان ٿو هيءَ حقيقت تون؛
ميڪشن تي اوهان جو آهي ڪرم،
تنهن "ماعر" آ شاکر و ممنون.

( ٤ )

اسين سڀ ميڪش و ميخوار آهيون،
اسين 'بنت‌العنب' جا يار آهيون:
چڱا آهيون خدا وٽ، پر الا چو،
نگاهِ محتسب ۾ خوار آهيون!

# حسين بخش «خادم»

## ڪافيون

*

ڪري قيد قابو وِرهه وڇو وڪوڙي،
چڙهيو جنگ تي شاهه ٿي سوار گهوڙي.

وٺي حسن جي فوج آيو آمالڪ، اچي جيڪو سامهون سو سورهيه جهلي ڏڪ:
مڃي مرد مانجهي، پڪا پير ڪوڙي.

ٽڪا تير تلوار ڀالا ۽ ڀڙچيون، ڪڙهن عشق جا روز ڪٺها ۽ ڪڙچيون:
ڀڃي ڏئي مرڻ کان نه منهن مرد موڙي.

ڪري ڪاڏ ڪنهن جي نه مهمان سازي، هتي برهه جي روڙ نٿين سر آ ٻازي:
ملائي ٿو ڪنهن کي، ۽ ڪنهن کي وڇوڙي.

جنهين نينهن لاتو، تنهن نرمل نڀايو، ڇنين ٻه تنهن "خادم" ڪي شهباز ڇايو:
حقيقت ٿي حاصل، ٻيائيءَ کي ٻوڙي.

*

ڪري دل آداسي، پيارا هليا ويا،
روئي ۽ رُئاڙي، ويچارا هليا ويا.

وجهي ڳل ڳراٽيون ٿي هر هر رلائون،
خبر ناهي ڇا ڪئون هيءَ ڇوري ڇڏيائون:
هنر ڪڏ جي ساٿي، سهارا هليا ويا...

ڪيئڙا آڏاسي هي پيرو ڇڏي ويا،
هتي جا نه هئا جن، لالڻ لڏي ويا:
جڏو جيءَ ڪري جيءَ جيارا هليا ويا...

هنن کي هيس آءُ ڏاڍي پياري،
انهن ويا ڇڏي، جوشن سمجهيائون ڌاري:
سڄڻ سونهن وارا، سولهارا هليا ويا...

حقيقت جي "خادم" صحيح سان ستايان،
هنن ڏي ۽ مون ڏي حرف ڪونہ پانيان:
ڏڪوٻل ڏڪوئي، ڏُکارا هليا ويا...

## بيت

ويهه، وچ مَ منهنجا ٻرين، منهنجي ساعت ڪانہ سري،
رهہ رات "خادم" وٽ، ڪاملَ قرب ڪري،
متان متي وري، ٻوه وڃڻ جون وايون ڪجانءِ.

ويهه، وچ مَ منهنجا ٻرين، رهہ تہ ڪريون رهاڻ،
مون کي پنهنجي هٿ سان، ميٺا ملڪ آماڻ،
پورا ٿين پرياڻ، ٻوه وڃڻ جون وايون ڪجانءِ.

ويهه، وچ مَ منهنجا ٻرين، چوري وچ نہ ڇڏي،
مون کي متيءَ ۾ گڏي، ٻوه وڃڻ جون وايون ڪجانءِ.

ويهه، وچ مَ منهنجا ٻرين، تو ۾ منهنجو ساهہ،
پورو ٿئي پساهہ، ٻوه وڃڻ جون وايون ڪجانءِ.

ويهه، وچ مَ منهنجا ٻرين، منهنجي هينئڙي ڳچ ڳري،
تنهنجي سَري سکهي ٿي، منهنجي سڄڻ ڪين سَري،
مون کي ڪنڌيءَ ڪري، ٻوه وڃڻ جون وايون ڪجانءِ.

# مولوي رحيم بخش "قمر"

## ڪافيون

*

اکين کي وڻن ووڻ، ڄگريون ۽ ڄاريون،
وڻن گل نه غنچا، نه ٽالڪز جون ٽاريون.

وڻن ٿا پڻن تي سي پاڻا پلارا،
ڪيهو، ٻوهه، ٿوهر ۽ سر، ڪالهن سارا:
ڇنيون سرخ ڪرڙن ۾ ڀاتيون پياريون.

نه حلون تي هرڪون، نه شيرن جا شائق،
ڪنهيون، لنب، لوڻڪ، ڦريون، ساڳ فائق،
ٻڪا، ٻيرون، ڀسيون، ٻني ٻيٺ پاريون.

مگر، ساڳ چولڊڻ سنگهاريون هلن ٿيون،
پرڻ تڙ تي پاڻي ڀنواريون هلن ٿيون،
نه ڪنهن ڏي نهارن، سي لڄ ليھ واريون.

وطن تي ڪيا واه وسڪار خالق،
ڪيا غنچڙا ڳاهه گلزار خالق،
آئي ڪن ورلوڙا ٻٽن تي ڀنواريون.

ڦٽا غنچڙا، ٿي ٻرن ۾ بهاري،
زمين سبز پوشاڪ پاتي پياري،
پسند دل ۽ نيڻن کي پوڪون پياريون.

جڏهن سرنهه، ڄانبي ۾ گل ڦل ٿين ٿا،
تڏهن رس مکيون، پولر، پوپٽ پين ٿا،
ڏسي خوش ٿين ڪيت سائون ۽ ساريون.

ٿين ڪيترا خوش ڏسي جوت جوهر،
جوئر، ٻاجهري ۽ جا ڪنا رشڪ گوهر،
لٽن سنگ سهڻا، ڪٽي خوب ڪاريون.

اباڻن جيي تنَ ۾ رکي تات سون کي،
عمرَ اَڄ هرگز نہ سيوات سون کي،
رهون رس پريون روز نڪرن ۾ ناريون.

اسين تنهنجا ناهيون، رکو خيالَ ڪارين،
ڪٿي ڪيترو تون ڏيہائمن ڏتارين،
ڪٿي لڄ نيهنا نہ ڪنهن ڏي نهاريون.

نہ انسانيت جو ڪلو ڪهڻ عمرَ تون،
نہ لڄ ليهہ ٻئي ڪنهن سندي لُٽ عمرَ تون،
اسين جهنگ چيڙو ڪهڙي هيت نہ گهاريون.

خدايا، ٿئي جيڪڏهن رحم تنهنجو،
ميٿي ملڪ مارن ۾ ڪر موت منهنجو،
غُسل ۽ ڪفن ڏئي دفن ڪن ڏناريون.

پون ياد ڀاڀل "قمر" قرب وارا،
الهن لئہ وهايان ٿي نيڻن مان نارا،
نہ وسرن وطن ويڙهہ واريون ولهاريون.

*

ڏوني ڀر پيان، جڏڙي جيان،
اڇن عجيب اگڻ تي!

اڇن، وچايان اکڙيون، ليلن ساڻ ليان-
جڏڙي جيان، اڇن عجيب اگڻ تي!

دل جي رنگ محل ۾، جوڙي جاہ ڏيان-
جڏڙي جيان، اڇن عجيب اگڻ تي!

"قمر" درد فراق جا، ڏوراها نہ ڏيان-
جڏڙي جيان، اڇن عجيب اگڻ تي!

# علي بخش "رضا"

## ڪافيون

*

اٿم اميدون، اگهڙ شل ايندم ـــ ملنديس ماندي محبن کي!

هلي اسان وٽ آءُ عجيبا،
تنهنجي اچڻ تي عيدون ٿينديم...

عرض ڪنديس آءٌ، ٻالهون ٻڌنديس،
هوتن سان نـ حجت هلنديم...

واءُ وصل جو ڪڏهين ورندو،
اهي آسون دم مرندي رهنديم...

سٺي صدائون ليڪ "رضا" جون،
گولي ٻانهي سي در جو ڪندم...

*

لڳي عشق آتش، متو آهي مچ،
سڻي هيءَ صدا ٿو ڏري ساهه ڪچ.
ڪريان جان قربان ڪيچين جي ڪاڻ،
ٻنهل تات تنهنجي اٿم هريم ٻرج.
پياني ٻين ڪي، لـ توڪي ٻڳائي،
رکي رمز سائين، سندم روح رچ.
ايا ساهه سالڪو ڪرين ٻيو، سڙيا!
ٻڌر تي، ٻرين لڪ ٻيو ٻهه ۽ ٻچ.
ڏکن جو مَ ڪر ڪواي سالڪو، سريرَ،
وِرهه جي وندر ڪان نہ ورچي ورچ.

# محمد خان "غني"

## بيت

( ١ )

عمرَ اباڻي ٻار ڏي، مينهن ڪيون موڪون،
چڙن جون چوڪون، چڙڪن منهنجي چت ۾.

( ٢ )

عمرَ اباڻي ٻار ڏي، ٻلر ٻلتيو آهه،
آوَسر اباڻن تان لٿو، سرن ساري ساهه،
ڏکيءَ لاهي ڏاهه، تہ ٻسان ٻاڻر واريون.

( ٣ )

عمرَ اباڻي ٻار ڏي، مينهن جون ميدون،
آنهن ڪي عيدون، ۽ آءٌ اجا بند ۾.

( ٤ )

وسون ويڙهيچن ٿيون، ويڙن سهج سري،
مارو مارن مال اڃ، وريو وس چري،
جي ٻاڻرون ٻري ويا، سي آيا ڏيت ڏري،
ڏسي ٻنهنجي ڏيهه کي، ٻيڙن نيڻ نري،
آنهن اڃ وري، ڪاهڙ ڪوهيون ڪونيون.

( ٥ )

قابو ڪڙو قلب ۾، ڪو جو ڪڙيل آهه،
بدن هيتي بند ۾، سوڳهو هتي ساهه،
جيئن مچيءَ کي ڳاهه، تيئن مون من ملير ڏيو.

( ٦ )

عمرَ آپر آزيون، سُيون تو نہ سنديام،
"الفراق اشد من الموت"، ڳوڙها هيت ڳاڙيام،
ڪارون ڪيئي ڪيام، ڀر ڪُلف ڪتيا ڪينڪي.

( ٧ )

سڳر منجهان سڏ ٿيو، سو سڏ جيئن سُڻام،
لڙي لڙڪ ڳلن تي، ڀڏري ٻت ٻيام،
هُريو سيپ هنئين تي، هو جي هُت هُنام،
واليءَ اڳيان وينتيون، ڪيئي آت ڪيام،
"غني" ٻوءِ ٿيام، ٻاڙو ٻهنوارن سان.

## ڪمل ”پياسي“

### گيت

### صدقي، سنڌو ڏارا!

ٻنگڙا پائن، ريڙهيون پائن،
تنهنجون لهرون سوڪير آهن،
تون البيلي لاڙ لوڏهلي،
تنهنجا نخرا نيارا —

صدقي، سنڌو ڏارا!

ڏيري ڏيري اڳتي وڌندي،
هلندي ساهي ڪين پٽيندي،
تيز نہ آ رفتار جي تنهنجي،
تنهنجا الٽ نہ پارا —

صدقي، سنڌو ڏارا!

گيت گيت جي راڻي آهين،
جيوَن ارپين، سماڻي آهين،
وقت منڌن ۾ ڪين وراهين،
اونهارا چيا سيارا —

صدقي، سنڌو ڏارا!

تون هن جڳ جي جنني آهين،
تون مالڪ، تون مهربن آهين،
گهولگهت تي سُگڙين جو لاهين،
ٻهڪن گل ۽ ٻارا —

صدقي، سنڌو ڏارا!

چنڊ ڪيڙيو، ٿي آهہ چاندلي،
لهرن ڇيڙي آهہ راڳڻي:
امرت سان پَٽ پَٽري آيامپا،
تنهنجا ٻئي ڪنارا —

صدقي، سنڌو ڏارا!

ڪرڻن ڪيلي آنڪ-چولي،
ڀريت هڻن جي پالي پولي:
توڙ ڇا سمجهين، ٿون ڇا ڄائين،
تن جا غيب اشارا ـــ

صدقي، سنڌو ڌارا!

ورڪان وچڙي آهه سهاڳڻ،
گهوٽ ٻنا ڪين رهي آياڳڻ:
هلندي ليٽ ڪندي ساگر ڏي،
جتي سندس سڪوارا ـــ

صدقي، سنڌو ڌارا!

تارا جنهن سان ريڙهيون پائن،
ٻوڏ ۾ بادل ٻيڪل وڃائن،
نڪشتر ڳائن گيت خوشيءَ جا،
جهانجهه وڄن توتارا ـــ

صدقي، سنڌو ڌارا!

ساحل ساني صدري پاني،
هير ڇير ڪي نند ڪراني،
ٻڪي دريا جا ٻوڙي آيا،
موجي ڏسي نظارا ـــ

صدقي، سنڌو ڌارا!

## منهنجا گيت جڙن

منهنجا جذبا ساز وڃائن،
جن سان آسون تال ملائن؛
دل جون مڙئي ڪڙڪيون ڪولي،
چاهت سان مي راس رچائن:
ڏڙڪن ٽٽي سنگيت ـــ

منهنجا جُڙن انهيءَ مان گيت.

رلڪ نئون مُڪڙين ڇوڙايو،
گلشن جڻ ڪو سانگ رچايو؛
گلن جذهن ورتي انگڙائي،
پوئنئر پنهنجي ڊوڙي آيو:
مليا اڄ جڻ ميت —
منهنجا جڙن انهيءَ مان گيت.

لهرون وِڦلي ڏيهه اُڇالڪ،
ڇند جهنڻ جو نئاهن سانگ؛
هر ڇند ڪئي ۽ لهر ڪٽي،
ڪيئن لهر وراڻي ابڏي لانگ!
واه انوکي ريت —
منهنجا جڙن انهيءَ مان گيت.

منهنجا سپنا، منهنجو جيوَن،
منهنجا آدما، دل جي ڌڙڪن،
خيالن تي جوين جي ڇاپا،
رنگ رتو آ منهنجو جيوَن:
جاڳي منهنجي پريت —
منهنجا جڙن انهيءَ مان گيت.



## قطعا

( ١ )

آهي ماحول اڄ دنيا جو اهڙو،
ستمگر جو ستم ڪنجي دليري؛
زمانو آهه ظالم جو معاون،
لٽيون ڀولو جهلي، ڪاني ڪهيري.

( ٢ )

ڇڱو ڪو ڪونه ٿو ڪنهن کي به ڄاڻي،
آهي هرهڪ جي دل ۾ ڪان ٿڏيري؛
چون علماءَ علمائن کي ڪافر،
چون جاهل به جاهل کي جبيري.

( ٣ )

نه وڻ جي ٻور ۽ ماڻهوءَ جي من جي،
ڪنهن کي ڪا خبر آهي، چون ٿا؛
مگر وڻ ڇيڙيو، ڪَلَ پنجي ويندي،
نه منجهه ماڻهوءَ جو ڇيڙڻي ۾ لهن ٿا.

( ٤ )

ڪينا ڪوجها، مگر تنهنجي ٻناري،
ڳليءَ جو ٻيءَ ڀلا ڳوليِن ڳهلا؛
مَندا ميرا، تڏهن ۾ تنهنجي در جا،
ته پڻ لاڪي جا، توڙي اوڏ آڳلا.



# قيوم ”طراز“

## غزل

●

ترس ڪجهه تون، اي غمِ جانان ذرا،
مينجي بس منهنجو غمِ دوران ذرا.

بزم تنهنجي مان سجائيندس اچي، اڄ اسان وٽ آهه پيو مهمان ذرا.
زندگي ڪهڙي طرف آ گامزن؟ ڪاش، هي رڪجي وڃي طوفان ذرا!
خواهه مخواهه مون چوٽ ڪاڏي بيخبر، سهو ٿي آهي فقط مون کان ذرا.
آه زاريءَ مان ڪٿي مشڪل ڪڍهن؟ ڏس تقاضا وقت جي نادان ذرا.
تو ورائي ساهون شيطان ڏنو، مون ڪهريو ٿي ڪو ڏسان انسان ذرا.
مان نٿو توکي سڃاڻان، اي ”طراز“، واٽ وٺ پنهنجي، نه هل مون سان ذرا.

## گيت

### ساٿي ڏُور آڏاٽا!

پنهنجي، پيڙي جا جي ساٿي، ڏُور آڏاٽا،
تن بن پنهنجا تنهائيءَ ۾ من وڳاڻا!

جن ڪي ساري هنجون هاريان، سڪ تهاڪي،
مون ڪي مارِن، ڏک ٿا ڳارِن، ياد پيا جي،
تن ڪي ڳولي ٿڪجي پيڙا نيڻ نماڻا...

غم جو ڪنهن کي حال ٻڌائي، سُور سڻائي،
ڪيئن اڪيلو من ڳهيلو وقت گذاري:
جوڙي آيا، توڙي هليا سنگ پراڻا...

ياد ڪجو، جي ياد اچان مان، ڳيچ جي ڳاٽا،
ٻٽ جون ڳنڍيون، ريشم ويڙها، لينهن جا ناتا،
سک جون گهڙيون، گڏ جي گذريا وقت آياڻا...

## تاج بلوچ

### غزل

●

هُو ڪِليو، مان ٻي ڪِلي، روئي پيس،
طرز دلبر جي ڏسي، روئي پيس.

هاءِ هيءَ چالبوڪي ۽ دورِ فراق،
دل ۾ تاريڪي پَسي، روئي پيس.

بي ثباتي باغِ عالم جي ڏسي،
ڪا جڏهن مُکڙي ٽِڙي، روئي پيس.

خونِ بلبل جو سبب ٿينديون ڪَليون،
عالمِ شبنم ڏسي، روئي پيس.

صبر جو دامن گهڻو سوگهو جهليم،
شمعِ گريان کي ڏسي، روئي پيس.

فرش تي بارِ گران منهنجو وجود،
هاءِ تنهنجي بيرخي، روئي پيس.

ڪنهن ستايل آهه شايد دانهن ڪئي،
دل کي جو آئي ڇِڪي، روئي پيس.

ياد ڪوئي ٿو پوي جانِ بهار،
ڪوڪ ڪوئل جي ٻڌي، روئي پيس.

ابرِ باران ۾ هيو هُو چشم تر،
”تاج“ کي روئندو ڏسي، روئي پيس.

●

جو منهنجي تخيل ۾ پنهان ٿيو،
برنگِ غزل سو نمايان ٿيو.

جڏهن جلوه‌گر رُوي تابان ٿيو، تڏهن شهرِ دل ۾ چراغان ٿيو.
هُتي غنچهٔ گل پريشان ٿيو، هيتي مست چاڪِ گريبان ٿيو.
ڪندو ڪين جلوه نمائي قمر، فروزان اگر داغِ هجران ٿيو.

ٻر منهنجو جڏهن رت سرد ٿئي، ۽ ٻت منهنجو بيرنگ ٿئي،
منهن موڙي وڃي سون کان جوڀن، ۽ جوت سڄي بيڍنگ ٿئي،
هن سن سوهيندڙ چلڪندڙ چهري ۾ گهب ۽ گهنج ٻون،
اي جانِ 'وفا'، مان توکي ميان، جي ٻوه نه تنهنجو سنگ ٿئي!

## غزل

●

رات ڳالهين ۾ ئي تمام ڪري،
ننڊ منهنجي ويو حرام ڪري.

دانهن منهنجي نه جي ٻڌن ويهي،
صبح ڪي ئي چڏيان مان شام ڪري.

آهي ساقيءَ جي چشمِ مست جو شان،
ورنه بيخود، ۽ هڪڙو جام ڪري؟

بيخودي، توڙي خود فراموشي،
غم نوا کي ٿي خوش ڪلام ڪري.

چو ڪرين ايترو حجاب ۽ حيا،
پانئين پنهنجو اگر غلام ڪري.

پنهنجي رحمت کي چو گهٽائي 'رحيم'،
جيڪڏهن ڪو ٿو 'رام – رام'، ڪري.

"بخت" جا تارا، چڏ ته تمڪڻ هاڻ،
هرڪو نئين صبح کي ٿو سلام ڪري.

●

اچا وصل جي آس موهوم آهي،
ستمگر فلڪ ڪيترو شوم آهي!

رهن حسرتون لڙڪ ٻنجي اکين ۾،
محبت جو ٻيو ڪهڙو مفهوم آهي؟

وفائن جو انجام آهي شهادت،
ستمگر زماني کي معلوم آهي.

محبت جي تنهن بي نيازيءَ تان صدقي،
اکيان جنهن جي حاڪم بہ محڪوم آهي.
وفائن جو جذبو، خلوص آهي دل جو،
نہ ڪو آهي خادم، نہ مخدوم آهي.
نٿو ٿـي سگهي سو ملامت جـي قابل،
عمل، جنهن جـو احساس معصوم آهي.
اگـر آهـ انسان قسمت جـو قـيـدي،
خطرناڪ ظـالـم بـہ مـظـلـوم آهـي.
اسان سان تہ، اي دل، جفا ٿي ٿئي ٿي،
ڪري ڇا، جو ان ڪان بہ محروم آهي!
خبر ناهہ، ڪنہن "بخت" آهي چريو ٿيو،
اِجهي خوش، اِجهي ڏاڍو مغموم آهي.

## گيت

## هڪ مستانو

دل ڏيئي ديوانو ٿيو، هڪ مستانو!

نينهن مـان ڪنهن سان نينهن ملائي،
سـڪ ۾ سُڌ بُڌ، سُرت وڃـائـي،
دنيا ڪـان بيگانو ٿيو ـ هڪ مستانو.

پاپ جي بستي پـريت جـي دشمن،
پـريـم پجاري پـلـپـل پـسـرن،
پر ۾ پڇي پروانو ٿيو ـ هڪ مستانو.

هـڪـڙي آس لڳـائـي ڪُـوڙي،
ويـنـو لُٽائـي مـن جـي مُـوڙي،
وِرهہ وٽي بيمانو ٿيو ـ هڪ مستانو.

ڏک نـہ سـهـي دلـڙي ڏکـيـاري،
ديـدن دلاسـي، دلـبـي مـاري،
لوڪ جي لئہ افسانو ٿيو ـ هڪ مستانو.

# رشيد "ارشد"

## غزل

●

ڪن سيبيا چاڪِ دامن،
فرزانن کِ ديوانن.

يارو، ستان مجروح ٿين، عظمتِ آدم، عصمتِ فن!
شمع ڪٿي ويندا سون آذري، عزم ڪيو آ پروانن!
دل جو نگر ويران ويران، جڳ سارو روشن روشن.
دنيا قفس آهي، ساٿي، ليڪن سمجهُوڪي سمجهن.
جشن جي خوشين ۾، "ارشد"، پُلياسين سڀ رنج ومحن.

●

حُسن مان وٺي هلي، دلڪشي، دلبري.
ٿي چڪي انتها، هر قدم رهزني!
دليون آهن، مگر، نغمهء زندگي!
دوستو! دوستو! دوستي! دوستي!
قافلو اڄ مثو، واه جي رهبري!
دين و دنيا ڳنڍڻ، ڪارِ شيشه گري!
اهڙي دل ڇا ڪجي، جا بنا روشني!
نالي اسلام جي، شيوهء آذري!
حُسن نروار ٿيو، سخت آئي گهڙي!
ڇا فرشتا ڪندا، جو ڪري آدمي!
لازمي بعدِ شب، صبح جي روشني!
منهنجو هر هر غزل،
حسنِ فن، نغمگي.

## نعيم دريشاڻي

### غزل

●

هي چنڊ جا اشارا، هي ٽڪنڊڙ ستارا،
آهن ڪٿي سي منهنجا، محبوب سونهن وارا!

اي چنڊ، ائين مُرڪي، ڇو مون کي ٿو ستائين،
ڇو ياد ٿو ڏيارين، گذري ويل نظارا.

هر ڪرڻي ڪان پڇيو مون، هر ڪُل ۾ جهاتي پاتم،
پر ڪنهن نه هي ٻڌايو، ڪٿ گم ٿيا سهارا.

ڇو چنڊ ۾ لڪي ٿي، خود روئي 'سرسوتي' اڄ،
ڪٿ ڪونجي ويا، اف، ڪيتن جا هار پيارا.

آهن پڇيون الا ڪنهن، 'ڪيوپڊ' جون نرم ٻانهون،
ساڙي ڇڏيا سندس ڪنهن، ظالم هي پرَ نيارا.

ڪٿ قرب سان اچي ٿا، ڌرتي چمن هي ڪرڻا،
ڪٿ ياد ٿا اچن سي، مهراڻ جا نظارا.

هي آپ "نعيم" ڇو ٿو، ايئن جوت-جل لٽائي،
ڪنهن جو بدن ٿا ڌوئن، هي چنڊ جا ڦهارا!

●

تمام سونهن، سراسر حجاب آهين تون،
اي منهنجي منڙي، ڪو رنگين خواب آهين تون.

گلاب مون به گهڻائي ڏٺا زماني ۾،
مگر، پرين، ڪو طلسمي گلاب آهين تون.

وري وري مون ورايا سمورا ورق، مگر
نه جيڪو سمجهي سگهيس، سو ڪتاب آهين تون.

ڪٿي ابوجهه سراسر، ڪٿي رنگي شوخي،
سڀني رنگن ۾ بڻهه، لاجواب آهين تون.

سنڌ اکين ۾ آ واسو سڄڻن سڳونن جو،
حسين، سنڌي خوشي بيحساب آهين تون.

قمر ۽ شمس تہ تنهنجين ڪرڻن جي ستر آهن،
فلڪ جي سيني تي نُورن جو آب آهين تون.

سگند تنهنجي بدن جي آ هڪڙي هرسو،
ذري ذري ۾ سٽي، بي لقاب آهين تون.

جُهي تي روح جي اوڄن کي جنهن جي موسيقي،
آهاب اهڙو ڪو ازلي رباب آهين تون.

”نعيم“ آهہ ازل کان ٿي تنهنجو پوڄاري،
سنڌس اميد جي منزل جو باب آهين تون.

نظم

## هڪ راڳ، سنڌس لاءِ

تو لئہ ڪهڙو راڳ لکان مان؟
منهنجا راڳ تہ روڳي آهن،
رنگ سگندون ڪٿان آڻيان مان!

منهنجا شبد ۽ منهنجي ڀاشا،
بيحس، بيجان، بيروح آهن:
نيٺ مان ڪئن ڳڻ ڳايان تنهنجا!

تون مينهوڳيءَ جو ٿڌڙو واءُ،
تون پٺن تي مينهن-ڦڙن جي ٽاپ،
تون بنگال جي چانڊوڪيءَ جو هُڳاءُ.

تون ڀوڻين ڀهر جي خاموشي،
تون اسر جي ٿڌڙي ماڪ،
تون بهار جي ٻهرين ٻهرين مُرڪڙي.

تون سج جو ڀريون ڀريون شعاع،
تون اسر جو جهرڪين جي چون-چان،
تون گل جو ساٿيءَ ۾ عڪس.

تون سمنڊ جي ڇولين جو آواز،
ازلي آهين، ابدي آهين،
ڪَوڙين تنهنجا رنگ ۽ راز.

تنهنجا ڪَوڙين روپ، اي سپرين،
تون اونهاري ۾ ٻَڙَ جي ڇانوَ،
تون ولهه ۾ تکڙي ڌوپ، اي سپرين.

تون مندر جي هڪ سنک جي ڦوڪ،
تون مسجد جو پوتر محراب،
تون گرجا جي گهنڊڙين جي ڪوڪ.

منهنجا شبد ۽ منهنجي ڀاشا،
بيحس، بيجان، بيروح آهن،
ليڪ مان ڪئن ڳڻ ڳايان تنهنجا!

## هيڪو

هر ڪا ساعت آئي، هڪ نئون گيان،
وقت اٿاهه فلسفي جو ڪتاب،
هر ڪلاڪ، هر منٽ، تنهنجو منهنجو امتحان.

موڙي ڪَرَ جاڳي آئي، چوڏهينءَ جي چانڊاڻ،
روح مان آدمي آيا راڳ،
وحيون آلديون تنهنجي بدن جي پڃي سرهاڻ.

منهنجي دريءَ ساهمون آيو، ٻَنَ ڇنيل وڻ،
اڪيلو، مرڪ مڙهيل، چُپ، اداس،
گوتم جيان سوچي ٿو ڇا لئه جيوڻ.

ڪَهي ويندا سون اسين، جتي ملن ڌرتي آڀ،
ڪيڏنداسون ڪَتين سان اکپوٽ راند،
ڪڏهن تہ ايندي آخر آها گهڙي شڀ.

ڪٿ سچ ڌرتي نہ هيا، ڪٿان شروع زمان،
وينو ڏسي تو ازل ڪان،
ڪيترا ڪُنجهہ چانثي تو هي نيرو آسمان.

سون پڄاڻا صديون پوہ شال ڪو اڙ ٻنگ،
منهنجا گيت پڙهي پڙهي چئي:
هن منجهہ منهنجن چپن جو پريل رنگ.



# ”پروانو“ ڀٽي

## غزل

●

مُرڪَ منهنجي درد تي ماتم ڪيو،
لُڙڪَ موتين جيان اڄ ٿي نروار ٿيا.

هيڏي جڳ ۾ مون کي تنها ڄاڻندي،
دوستن جا ظلم ٿيا، هربار ٿيا.

سُڪَ آئي هَليا، ڏسي مون کي مگن،
ڏک اچي وينا، رُنا ۽ يار ٿيا.

الامان، اي جذبهء جوشِ جنون،
بارها جيب و گريبان تار ٿيا.

تنهنجي محفل جو ڀرم رهجي اچي،
هاڻ ديوانا اچي هشيار ٿيا.

هاء هيء مايوسين جي انتها،
لڙڪ ”پرواني“ جا اڄ اشعار ٿيا.

## نظم

### منهنجا محبوب

تنهنجي زلفن جي ٿڌيء ڇانو ۾ گذري جا ڇمار،
سچ ته سي ڏينهن حياتيء جو اثاثو آهن؛
منهنجي اکڙين تي چڙهيل تنهنجي محبت جو خمار،
منهنجا غم تنهنجي ئي تهڪن جو خلاصو آهن.

تون ڪِلين ٿو تہ زمانو بہ ٿو مُرڪي مُرڪي،
تنهنجي ٽهڪن سان هلي ٿو هي نظامِ دوران؛
تنهنجي دم سان ٿو ملي بزم ۾ رندن کي سرور،
تون وڃين، هوش اُڏن، بزم ٿئي ٿي ويران.

تنهنجي اکڙين جي اشاري تي ڪجن سر قربان،
تنهنجي پيشانيءَ ۾ ڪو گهُنج پوي، ساھ وڃي؛
تون ئي منزل آهين هر راهروِ عشق سندي،
تون جي همدرد نہ ٿين، رڻ ۾ رلائي، راھ وڃي.

اي سندم شعر جا خالق، منهنجا محبوب، لہ وڃ،
تون اڃي منهنجي تخيل ۾ بناءِ جايون؛
منهنجا سڀ گيت ۽ نغما تنهنجي قدمن تان نثار،
تون جي آهين تہ آهن منهنجا بہ سڀ گيت جوان.

قطعا

( ١ )

اڄ تہ اڄ محفل مچائي، چار گهڙيون ٽهڪ ڏيون،
بزم کي لئين سر سجائي، چار گهڙيون ٽهڪ ڏيون:
پنهنجي قسمت ۾ خوشي لاهي لکيل، ڇا ٿي پيو،
لڙڪ اکين مان وهائي، چار گهڙيون ٽهڪ ڏيون.

( ٢ )

اوهان جي ذهن ۾ ڪي پلا ڏنو ڇاهي،
اسان جي فهم وسائل چراغ ٻاري ڇڏيا؛
قتيل اوهان جي زبانن سندا وتن جهُرندا،
اسان تہ مُرڪندي سينن جا داغ ٻاري ڇڏيا.

( ٣ )

ڪنهن جي جبر، تشدّد کان ڪين ڊڄنداسين،
جا دل ۾ ڳالهہ اچي وئي، ٻارَ چونداسين؛
اوهان جي رات ڇيو ڏينهن کي، جواب ڏيو،
اوهين غلط ٿا چئو، ٻار ٻار چونداسين.

... ... ...

( ١ )

ريت جا محل آڏي زندگي گهارڻ وارا!
زندگي صرف ٽڏيءَ ڇانءَ جو نالو ڪونهي:
هن ٻر جهولا ۾ اُڪون سهڻ جي طاقت ٻه ڪبي.

( ٢ )

سنڌ کي 'ماءُ ميني' چوندي نہ ٽڪجڻ وارا!
سنڌڙي صرف ڪنهن ملڪ جو نالو ڪونهي:
هن جي اولاد ٿيڻ لاءِ تہ غيرت بہ ڪبي.

( ٣ )

'شاهہ' جي عشق الدر ٻاڻ ڪَي ڳارڻ وارا!
'شاهہ' ميراثي يا ڪلوَنت جو نالو ڪونهي:
هن جي نيائي تي هلڻ لاءِ تہ همت بہ ڪبي.



# ظفر ڪاظمي

## غزل

●

مَنَ ڪان مٺڙي، تَنَ ڪان مٺڙي، مٺڙي منهنجي ٻولي،
ڪيئن وساريان، ڪيئن وساريان، امڙ ڏني جا لولي!

گهورَ وڃان، او گهورَ وڃان، مان آهيان تن جي گولي،
جن جي هڪڙيءَ گهُورَ اسان جي دل جي ڪڙڪي ڪولي.

ڪُڇڙي ڪُڇڙي ڳالهه اسان جي، ڪنهن سان ڪانه سٽيسون،
ڪوئي اسان جي پر ۾ ويهي، چٽنگ وجهي ويو چولي.

جڏهن ساريءَ دنيا تي هئي ننڊ نياڳي ڇائي،
اسان تڏهن پي جاڳي جاڳي لات لطيفي ٻولي.

هاڻ الاءِ سي ٻريون پيارا ڪڏهين رهبر ٿيندا،
جن جي ڪارڻ ”ظفر“ اسان هيءَ جندڙي رڻ ۾ رولي!

## بيت

ڪنهن کي ڪيئن نصيب ۾، ڪنهن جا کهڙا ڀاڳ،
منهنجي لاءِ جاڳ، اکين آندي اصل کان.

اکين کي آرام، ڪونهي تنهنجي قرب ۾،
ٻُور ٻچائن پرهه جا، صبح تائين شام،
محبت منجهه مدام، آتيون آهن اصل کان.

سارو عالم ننڊ ۾، منهنجا نيڻ نراس،
مَنَ ۾ تنهنجي ماجرا، تَنَ کي تنهنجي پياس،
آڏيءَ رات آداس، تنهنجي صورت سامهون.

## فتاح ملڪ

### نظم

# مون کي آءُ سڃاڻ!

ساﻥ ته آهوني تنهنجو ٻنهنجو آهيان، او اڻڄاڻ،
تنهنجا سور سنياريان ويٺو، مون کي آءُ سڃاڻ!

توتي دشمن وار ڪيو، ٻر منهنجو روح رڙيو،
تنهنجو وار ونکو کو ڏسجي، منهنجو چيت چريو.

بادل ٻنجي، روئندو رڙلدو، وڙهندن وير وتان،
طوفانن ۾، برساتن ۾، توسان ساٿ ڏيان.

ڪڏهين منڙي ننډ سماري، توکي هير ڏيان،
آپ مان آڏري، ماڪ وسائي، تنهنجا گل چمان.

ڪُوڙو چوڙو ڪاٻ نہ ٻائي، منهنجو ملڪ آهو،
ٻران وڃائي ٻنڙو ٻائي، تنهن کان موت ڀلو.

ڪيڏو درد هنڊايان ويٺو، تنهنجو ٻيار جهلي،
منهنجو سينو چهري ڦاڙي، هرَ جي ڦارَ هلي.

هيڪل هيڏي ٻرَ ۾ بيهي، تنهنجا ٻند ٻڇان،
جر ۾ جهاتي تو ٻ نہ ٻاتي، ڪنڌيون ساه ٻيڪان.

ڪنڌ ڪپي ڪو بيشڪ منهنجو، تنهنجو نانءُ ڪٿي،
باقي تنهنجي دشمن خاطر، مون وٽ هوڏ گهڻي.

موت نہ مون کي ماري سگهندو، توڙي چا ٻ ڪري،
ٻنجيون ڀالا تير وسائي، توڙي ٻاه ٻري.

چنډ اجائي چمڪي ايندو، جئن تي رات ٻوي،
تيرڪي ڪيسڪي نڪري ايندو، جهڙ مان چير ڪري!



۹۶۵/۲-۱

۵۰ر۱۵

پينگي پولڪي مَنَ جي آهي،
چنگ وسامي رڳ ٽي آهي —
وسميا ڏونهان مَن جا ميرا.

والدا ويري، والدا ماري،
ڪانَ آجايا، ٽڪي جاري —
ورندا ڪونه وري واهيرا.

هيڪل جندڙي، ڏيهه ڏهاڳي،
تند تنواري ڪينءَ ڪو راڳي —
ٽُٽي تند ۽ چرڪيا ڇيرا!

## گيت

## ڪنهن نه ٻڌو آواز

انڌي دنيا، ٻوڙي ڌرتي، گونگو آ آڪاش،
گيت رُنا ۽ ساز ٻُڏا، پر ڪنهن نه ٻڌو آواز.

هينئڙو جان ڇڏائي لڪتو، جهڙ جو روپ ڌَري،
وڄ ڪري ۽ مينهن وٺو، پر ماڻهن لئه ملهار.

ٽُورا ٻائي، ڪير ورهائي، وڃڙي جاليءَ لاءِ،
پيٽ چڙهي ويو پورنماسي، چوريءَ ڪاڻ آماس.

عشق اسان جو اهڙو هو، جيئن موتي سيپ ڇُپي،
ڦڙي ڦڙي پَرَ ساهه ڏنو، تہ به اکڙين منجهه اداس.

آءِ پرين، هي شهر ڇڏيون، هت اولڊهه ۽ الڪار،
پرک پرهه جي ڪنهن کي ناهي، هتڙي رات اراس.
— انڌي دنيا، ٻوڙي ڌرتي...

## شمشير الحيدري

### آزاد نظم

# پيشڪش

اِبتدا ۽ اِنتها جي وسعتن تي ڦهليل،
زندگيءَ جو شهر، شهرِ لا زوال،
شورشن ۽ حادثن جي سلطنت:
جنهن جي هڪڙيءَ ڪُنڊ ۾،
شورشن ۽ حادثن جي آسپاس،
دُور افتاده بلنديءَ جو مقام،
جنهن تي قائم آهه هڪ و خوشنما، حيرت جو باغ —
پُرسڪون ۽ پُرفضا، تنهائين، خاموشين جي سرزمين.

وقت جو مالهي عجيب،
ڪنهن عجب، اڻڄاڻ شهزاديءَ جي لاءِ منتظر،
دل کي اکين ۾ سمائي،
خون جا ڳوڙها بنائي،
درد جا دريا وهائي،
پيو سدا پوکي محبّت جا لوان تازا گلاب —
پيشڪش جي لاءِ خوشبو جو ثمرا

مدّتن کان پوءِ، ڪڏهين، اوچتو،
شورشن ۽ حادثن جي سلطنت جي شاهزادي،
زندگيءَ جي حُسن بانو،
وقت جي اٽڪ اميدن جي گلابن ۾ ٿئي ٿي جلوه گر:
دل ٿي دل ۾ مسڪرائي،
قرب جون ٻانهون وڌائي،
پيار سان پنهنجو بنائي،
ٿي ڪري،
درد جو تحفو قبول!

مون اڪثر پاتال مان موتي چورائي آئي پنهنجي محبوب جي نذر ڪيا آهن، جو جيتوڻيڪ رڪائيءَ مان انهن کي قبول ڪري ٿو، پر تنهن هوندي به مان نذرانو پيش ڪندي رهان ٿي؛ ڇاڪاڻ ته هو هروقت منهنجو استقبال ڪري ٿو.

رات جي خاموشين ۾ جڏهين سموري مخلوق ننڊ جي ڀاڪي ۾ آرامي هوندي آهي، تڏهن مان روئندي، ڳائيندي ۽ جاڳندي رهندي آهيان.

مان هميشه بيدار آهيان—

هاءِ، هن سجاڳيءَ مون کي برباد ڪري ڇڏيو
ليڪن مان هڪ عاشق آهيان؛ ۽ محبت جي حقيقت بيداري آهي!

هيءَ آهي منهنجي زندگي، هيءُ آهي منهنجي زندگيءَ جو فرض!

## برسات جو گيت

مان چانديءَ جون بوندون آهيان، جن کي ديوتا جنت جي بلندين تان اڇلائين ٿا، ۽ جن کي جهتي، فطرت ماترين جي آرائش ڪري ٿي.

مان 'عشروت'* جي تاج مان ڪريل موتي آهيان، جن کي 'بنت سحر' چورائي پنهنجا ڪيت سينگاري ٿي.

جڏهين مان روئان ٿي، ته ٽيلون مُرڪن ٿيون؛
جڏهين مان ڪيران ٿي، ته گل ٽڙن ٿا؛
جڏهين مان جُهڪان ٿي، ته هر شي ٻهڪيو اٿي!

بادل ۽ ٻنيون هڪٻئي کي پيارڪن ٿا؛ ۽ مان انهن ٻنهي جي وچ ۾ رحمت جي قاصد آهيان؛ پوءِ، جڏهين مان وسان ٿي ته ٻنين جي اڃ لاهيان ٿي، ۽ بادلن جو بار هلڪو ڪريان ٿي.

گجگوڙ جو نغارو ۽ وڄ جي تلوار منهنجي اچڻ جي خوشخبري ڏين ٿا، ۽ اندلٺ منهنجي ڪُوچ جو اعلان ڪري ٿي.

مان مادّي زندگيءَ مثل آهيان، جا غضبناڪ مادّي جي قدمن کان شروع ٿئي ٿي، ۽ موت جي هٿن ۾ ختم ٿئي ٿي.

مان سمنڊ جي دل مان نڪري، هوا جي پرن تي پرواز ڪريان ٿي؛ ۽ جڏهين ڪنهن خوبصورت سبزه زار مٿان لنگهان ٿي، ته ان جي گلن کي چمان ٿي، ۽ ان جي وڻن کي سيني سان لايان ٿي.

مان آهستي، پيارسان، پنهنجين نازڪ آڱرين سان درين جي شيشن کي کڙڪايان ٿي؛
۽ اهڙي وقت جيڪو نغمو پيدا ٿئي ٿو، سو ٻڌي ته هرڪو ٿو، پر سواءِ حساس دلين جي ٻيو ڪوبه ان مان لطف اندوز نٿو ٿئي.

هوا جي حرارت مون کي پيدا ڪري ٿي؛
پر مان ان جي حرارت کي ائين فنا ڪري ٿي ڇڏيان، جيئن عورت انهيءَ قوت سان مرد تي غالب پوي ٿي، جا هن مرد کان حاصل ڪئي آهي.

مان سمنڊ جو ٿڌو ساهه، آسمان جو لُڙڪ، ۽ ٻنين جي مُرڪ آهيان—
جهڙيءَ طرح محبت
جڏهن جي سمنڊ جو ٿڌوساهه، تفڪر جي آسمان جو لُڙڪ، ۽ روح جي سبزه زار جي مُرڪ آهي.

* عشروت: حسن جي ديوي.

## حسن جو گيت

مان محبت جي نشاني، روح جو شراب، ۽ دل جي غذا آهيان.

مان گلاب جو گل آهيان —
صبح جو سوير جيئن پنهنجي دل جا دروازا کوليان ٿو، ته ڪا دوشيزه پٽي ٿي، چُمي ٿي، ۽ سيني سان لائي ٿي.

مان سعادت ۽ ڪامرانيءَ جو گهر، فرحت ۽ آرام جو سرچشمو، ۽ آرام ۽ راحت جو مرڪز آهيان.

مان نوخيز حسينہ جي نازڪ لبن جي مُرڪ آهيان —
جڏهن نوجوان مون کي ڏسن ٿا ته پنهنجون تڪليفون وساري ڇڏين ٿا، ۽ سندن زندگي وڻندڙ خوابن جو تماشگاهہ بڻجي وڃي ٿي.

مان شاعرن جو رهبر، مصورن جو هادي، ۽ موسيقارن جو معلم آهيان.

مان معصوم ٻار جي اک جي نگاهہ آهيان، جنهن کي ڏسي، مهربان ماءُ سجدي ۾ ڪري پوي ٿي، دعا گهري ٿي، ۽ خدا جي حمد ۽ ثنا ڪري ٿي.

مان آدم لاءِ حوا جي جسم ۾ چمڪيس، ۽ کيس پنهنجو حلقہ بگوش بڻايم؛

مان سليمان لاءِ سندس محبوبہ جي قد ۾ ظاهر ٿيس، ۽ کيس حڪيم ۽ شاعر بڻايم؛

مان هيان ۾ مُرڪيس، ته ٽراءِ ويران ٿي ويو؛ مون قلوپطرا جي مٿي تي تاج رکيو، ته واديءَ نيل ۾ محبت عام ٿي ويئي!

مان مقدر آهيان — اڄ ناهيان ٿو، ۽ سڀان ڍاهيندس.

مان خدا آهيان — خود ئي جياريان ٿو، ۽ خود ئي ماريان ٿو.

مان بنفشي جي گل جي خوشبوءِ کان بہ وڌيڪ نازڪ آهيان؛ ليڪن طوفان کان بہ زياده قوي آهيان!

مان حقيقت آهيان، اي انسانو!
هائو، هڪ ازلي ۽ ابدي حقيقت!

## سعادت جو گيت

انسان منهنجو محبوب آهي، ۽ مان سندس محبوبہ.

مان سندس مشتاق آهيان، ۽ هو مون تي فدا آهي.

ليڪن افسوس، منهنجي هن پيار ۾ منهنجو هڪ رقيب بہ آهي، جو منهنجي بدقسمتيءَ ۽ هن جي تڪليف جو ڪارڻ آهي.

هو هڪ تشدد پسند فسادي آهي، جنهن کي دنيا مادّي جي نالي سان سڏي ٿي.

اسين جتي بہ وڃون ٿا، هو بہ اسان سان گڏ هلي ٿو، ۽ رقيب وانگر اسان کي هڪٻئي کان جدا ڪري ڇڏي ٿو.

مان پنهنجي محبوب کي جهنگل ۾، وڻن جي هيٺان، ڍنڍن جي ڪنارن تي ڳوليان ٿي، پر هو مون کي نٿو لڀي؛ ڇاڪاڻ تہ مادّو کيس ڌتاري شهر ۾ وٺي ويو آهي، جتي ماڻهن جا ميڙ آهن، فساد آهي، ۽ بدبختي آهي.

مان کيس معرفت جي درسگاهن ۽ حڪمت جي عبادتگاهن ۾ ڳوليان ٿي، پر هو مون کي نٿو لڀي؛ ڇاڪاڻ تہ مادو، جو مٽيءَ جو لباس پهري ٿو، سو کيس تڪبر جي قلعي ۾ وٺي ويو آهي، جتي ڪميڻائپ جو واسو آهي.

مان قناعت جي سبزه‌زارن ۾ کيس ڳوليان ٿي، پر نٿي ڏسان؛ ڇاڪاڻ تہ منهنجي رقيب کيس طمع ۽ حرص جي غارن ۾ قيد ڪيو آهي، جتي کيس عذاب ڏيندڙ سونن زنجيرن سان جڪڙيو ويو آهي.

---

● "شاعري هڪ باھ آهي، جيڪا انسان جي جسم اندر ڀڙڪي رهي آهي: جيڪا جلائي ٿي، گرم ڪري ٿي، ۽ روشني ڏئي ٿي." — ٽالسٽاءِ.

● "شاعري سڀني علمن جو ساهه ۽ لطيف روح آهي؛ بلڪ هڪ اهڙو سرچشمو آهي، جنهن مان علم جو چشمو ڦٽي ٿو نڪري. شاعر لاءِ ائين به چئي سگهجي ٿو، جيئن شيڪسپيئر انسان لاءِ چيو آهي، ته 'هن جون نظرون ماضيءَ ۽ مستقبل تي کتل آهن.' هو انساني فطرت جي لاءِ هڪ پهاڙ مثل آهي— هڪ حاميءَ ۽ محافظ مثل، جنهن وٽ هر هنڌ ۽ هر وقت پيار ۽ محبت موجود آهي. زمين ۽ آبهوا، ٻولين ۽ عادتن، سماجي قاعدن ۽ جذبن جي اختلاف هوندي به، شاعر، شديد جذبي ۽ علم جي وسيلي، سڄيءَ دنيا ۾ پکڙيل ۽ سڀني وقتن مان لاڳاپيل، سمورن انساني سماجن کي هڪ هنڌ اچي ٿو ڪٺو ڪري. شاعر جا فڪري مقصد هر هنڌ موجود آهن. جيتوڻيڪ انساني نظرون ۽ حواس سندس رهنمائي ڪن ٿا، پر هو جتي به پنهنجي لاءِ احساس جو ماحول ڏسي ٿو، اتي آڏامڻ لاءِ پَرَ پکيڙي ٿو. شاعري سڀني علمن ۾ پهريون ۽ آخري علم آهي، ۽ انساني دل وانگر لافاني آهي." — ورڊسورٿ.

# افسانا

"جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دور جو نئون زنده ادب نہ هوندو، تہ اسين پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان بہ ڇڄي وينداسين: جيستائين اسين ادب جي ارتقا جو هيءُ سلسلو قائم نہ رکنداسين، تيستائين اسان جو ماضيءَ جو ادب بہ اسان کان جيئن پوءِ تيئن هٽندو ۽ پري ٿيندو ويندو، تان جو آهو اسان لاءِ اجنبي ٿي ويندو — جيئن ڪنهن ٻيءَ ڌارينءَ قوم جو ادب؛ ڇو تہ اسان جي زبان بدلجندي رهي ٿي، ۽ اسان جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو نمونو، اسان جي ماحول ۽ بدلجندڙ مادّي حالتن جي دٻاءَ سبب، هروقت ۽ هرطرح بدلجندو رهي ٿو: ۽ ان حالت ۾ جيڪڏهن اسان وٽ ڪي اهڙا ماڻهو نہ آهن، جيڪي پنهنجي غير معمولي احساس ۽ شعور کي، لفظن تي غير معمولي قدرت رکندي، ظاهر ڪرڻ ۽ پختگي بخشڻ جي صلاحيت رکندڙ هجن، تہ ان صورت ۾ نہ فقط اسان جي پنهنجي اظهار جي صلاحيت، بلڪ، سواءِ ڪنهن خسيس محسوسات جي، ٻيءَ ڪنهن شي جي محسوس ڪرڻ جي طاقت بہ نستي ۽ نابود ٿي ويندي."

"شاعريءَ جو سماجي ڪارج": ٽي. ايس ايلئٽ.

”اديب اوهان ڪان مهب جو نہ، بلڪ سمجھ، جو طالبو آهي — مئجسٽريٽ يا پوليس انسپيڪٽر جي سمجھ نہ، بلڪ هڪ باشعور پڙهڻ واري جي سمجھ، هڪ اعليٰ قدرن ۾ ايمان رکڻ واري جي سمجھ، هڪ سچائيءَ جي پرستار جي سمجھ. اوهين چور کي پڪڙڻ لاءِ ڪنهن ٻئي چور جون خدمتون حاصل ڪري سگهو ٿا، ليڪن اديب کي سمجهڻ لاءِ اوهان کي پڙهڻ واري جي ڳولا ڪرڻي پوندي. سرڪاري آفيسر، جيڪي اديب ۽ ان جي حق جو فيصلو ڪن ٿا، جيڪڏهن انهن جو مطالعو فقط آفيس جي سرشتي ۽ عريضين تائين محدود آهي، ۽ انهن کي ڪڏهن هڪڙي گهڙي بہ ڪتابن جو مطالعو نصيب نہ ٿيو آهي، تہ آهي سدائين اديب کي غلط سمجهندا، ۽ ان کي حقارت سان ڏسندا. اهي آفيسر ڪڏهن بہ انهيءَ حقيقت تائين نٿا پهچي سگهن تہ جسماني سزائون، ضروري نہ آهي تہ روح لاءِ بہ عذاب ٿين — ۽ دنيا جا سمورا قانون ۽ سائنس جي سموري ترقي، ڪنهن اهڙيءَ زنجير کي دريافت ڪرڻ کان اڄ تائين قاصر رهيا آهن، جيڪا زنجير علم ۽ سچائيءَ کي جڪڙي سگهي.“ — قدرت الله شهاب.

# مقالا

”ماڻهن کي اديبن کان غفلت ۽ حقارت نہ ڪرڻ گهرجي. دراصل اسين اديب ملڪ جون جيئريون جاڳنديون يونيورسٽيون آهيون. اسان جو ڪم ان مقام تان شروع ٿو ٿئي، جتي تعليمي ادارن جو ڪم ختم ٿي وڃي ٿو. اسين ماڻهن کي فن ۽ زندگي ڏيون ٿا. جيڪڏهن اسين نہ هجون ها، تہ پوءِ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو بہ جاهل ۽ ڪورا چٽ رهجي وڃن ها.

”اسان پنهنجي قلم جي طاقت سان مختلف زمانن ۾ ڪيتريون حڪومتون بنايون آهن، ۽ ڪيتريون ڊاهيون آهن؛ ڪيترا آدرش ۽ اصول ڦهلايا آهن، ۽ ڪيترن اصولن سان ٽڪر کاڌو اٿئون. اوهين جڏهن خواب ۾ مدهوش هوندا آهيو، تڏهن اسين مٽيءَ جي ڏيئن کي روشن ڪري، اوهان لاءِ لکندا آهيون. اسان جو فن ۽ ادب اوهان جي زندگيءَ جو رفيق ۽ ساٿي ثابت ٿيندو آهي.

”اوهين اسان کان غفلت نہ ڪريو: اسان جو اعزاز، وطن جي اعزاز جي برابر آهي! وڏيون وڏيون رياستون تباهہ ٿي وڃن ٿيون، سياسي ليڊر تاريخ جي ورقن ۾ گمنام ٿي وڃن ٿا، پر اسين اديب ئي آهيون، جي هردور ۾ زنده رهون ٿا.“ (ڪَوِي جسيم الدين: ”پاڪستان رائٽرس گلڊ“ جو پهريون ڪنوينشن، ٢٩-٣١- جنوري، ١٩٥٩ع، ڪراچي.)

تصور جي جيڪا ذات ڪيس ملهل آهي، تنهن جي مدد سان هو خود انهيءَ ماحول کي به پنهنجي دلي اميدن امنگن جي چٽيل نقشي پٽاندر بدلائي سگهي. چنانچه، ارتقائي تاريخ جي انهيءَ سطح تي، جتي انسان جي عقلي قوت داخل ٿئي ٿي، بقا لاءِ فقط جدوجهد نه، پر باهمي امداد ۽ تعاون جي قوتن کي وڏي اهميت حاصل رهي ٿي. ڊارون پاڻ پنهنجيءَ تصنيف "انسان جو نزول" (The Descent of Man) ۾ ڏيکاريو ته ڪيئن نه ڪيترن ئي حيواني معاشرن ۾، بقا جي ذريعن لاءِ فردن ۾ جنگ ۽ جهيڙي جي بجاءِ باهمي تعاون پيدا ٿي ٿو ۽ انهيءَ تبديليءَ جي برڪت سان دماغي ۽ اخلاقي قوتون اسرڻ لڳن ٿيون، جنهن جي نتيجي طور لطيف جذبن جو اوپرڻ مختلف نسلن جي بقا ۽ وجود جي تحفظ لاءِ بهترين وسيلي جي حيثيت اختيار ڪري ٿو. شهزادي ڪروپاٽڪن پنهنجي ڪتاب "باهمي امداد" ۾ انهيءَ حقيقت جو وڏيڪ تسلي بخش ثبوت پيش ڪيو آهي. انسان جي گهڻين ئي حياتياتي ۽ سماجي حقيقتن جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ هن ثابت ڪيو ته انسان جي اخلاقي احساس جي تدريجي واڌاري لاءِ "مقابلو ۽ چٽاڀيٽي" نه، پر "باهمي تعاون" ئي ذميوار رهيو آهي. سندس چوڻ مطابق، "آهو ضمير آهي— جيڪو پيو نالو آهي انهيءَ قوت جي لاشعوري شناس جو، جيڪا هر انسان باهمي تعاون جي عمل ۽ دستور کان سکي ٿو ۽ حاصل ڪري ٿو؛ انهيءَ حقيقت جي لاشعوري شناس جو، ته هر انسان جي خوشيءَ جو ٻين سيني انسانن جي خوشيءَ تي نهايت قريبي آڌار آهي؛ ۽ جيڪو پيو نالو آهي— حق ۽ انصاف جي خالص احساس جو، جنهن جي وسيلي هڪ ماڻهو هر ٻئي ماڻهوءَ جي حقن کي پنهنجن حقن جي برابر سمجهڻ لڳي ٿو. انهيءَ ئي وسيع ۽ لازمي بنياد تي پوءِ تنهان ئي وڏيڪ بلنداخلاقيءَ جي جذبن جي ترقي ۽ اوسر ٿئي ٿي." فقط اهڙا (جاندار) پنهنجيءَ بقا لاءِ ٻين سيني کان وڏيڪ موزون نه آهن، جن جا، هابس (Hobbes) جي مشهور استعاري مطابق، ڏند ۽ چنبا هميشه رت ۾ ٻاڙها نظر ايندا هجن، پر آهي ئي بقا لاءِ سيني کان وڏيڪ موزون آهن، جي پاڻ کي وسيع تر اجتماعيت ۾ منظم ڪن ٿا— ته جيئن منجهن زياده کان زياده يڪجهتي ۽ اتحاد پيدا ٿئي، ۽ ان وسيلي هو ساڳين ساڳين ڳالهين سر ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ پنهنجون قوتون ضايع نه ڪن، پر هڪ اجتماع ۾ رهي، ٿوري ۾ ٿوريءَ قوت جي خرچ سان، زندگيءَ جي بقا لاءِ گهڻي ۾ گهڻي رعايت حاصل ڪري سگهن.

انسالذات پاڻ کي ڪٽنب، سماج ۽ مملڪت جهڙين اعليٰ صورتن ۾ منظم ڪيو آهي، جاڪاڻ ته جذهن انسان جي تنگ انفراديت وڏيڪ وسيع تنظيم ۾ جذب ٿئي ٿي، تڏهن ئي منجهس سمايل بهترين جوهر ڪي پنهنجي جلوي ڏيکارڻ جو گهربل موقعو ملي ٿو. هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ڪنهن به ٽولي يا جماعت جا فرد جيئن جيئن وڏيڪ مضبوطيءَ سان هڪٻئي سان ڳنڍجن ٿا، تيئن تيئن اها جماعت وڏيڪ طاقتور ٿئي ٿي. انهيءَ دعوا جو درست هئڻ، هلندڙ دور جي هڪ وڏي ۾ وڏي رياضيدان-فيلسوف، پروفيسر اي. اين. وائيٽهيڊ (A. N. Whitehead) جي ڏنل شاهديءَ مان ثابت ٿئي ٿو، جو انساني ارتقا جي راهه ۽ رخ تي ويچار ڪندي چوي ٿو:

پس منظر کان قطع نظر، پنهنجن محدود قومي مفادن کان بالاتر ٿيڻ لاءِ تيار آهن ۽ ان جي منجهون اهليت پڻ آهي. انهيءَ تجربي جي نتيجي طور، بين الاقوامي سياست ۾ ”ڪم سان ڪم“ وارو اصول رائج ٿيو — جنهن اصول جي روشنيءَ ۾ بين الاقوامي سياست جي دائري ۾ اڄ جي تاريخ جي بنيادي مسئلي جي حل لاءِ بين الاقوامي تعاون کي نئي مشعل راهه تصور ڪيو وڃي ٿو. ۽ تاريخ جو اهو بنيادي مسئلو هي آهي ته قومي خودمختاريءَ جي نظريي ۽ بين الاقوامي انساني جماعت جي نظريي جي وچ ۾ ڪيتريءَ حد تائين ۽ ڪهڙيءَ طرح ميلاپ آندو وڃي.

اقوام متحده جي چارٽر ۾ جنهن بين الاقوامي برادريءَ جو تصور رکيو ويو آهي، تنهن جا مقصد تلهي ليکي هي آهن:

(الف) بين الاقوامي امن ۽ سلامتيءَ کي برقرار رکڻ؛

(ب) قومن جي مساوي حقن ۽ خوداختياريءَ جي اصولن جي بنيادن تي، مختلف قومن درميان دوستانه تعلقات وڌائڻ؛

(ج) انساني، ثقافتي، سماجي ۽ اقتصادي قسم جي بين الاقوامي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي تعاون حاصل ڪرڻ؛ ۽

(د) نسل، جنس، ٻوليءَ ۽ مذهب جي امتياز کان سواءِ، انساني حقن ۽ هرڪس وناڪس لاءِ بنيادي آزادين جو احترام ڪرڻ ۽ انهن جي همت افزائي ڪرڻ.

اهي مقصد تڏهن حاصل ٿي سگهن ٿا، جڏهن سڀئي قومون پاڻ ۾ هم آهنگ ٿي، ان لاءِ گڏجي ڪوشش ڪنديون. چنانچه، جيڪڏهن بين الاقوامي برادريءَ کي افراتفريءَ ۽ عام بدنظميءَ کان بچائڻو آهي، ته ان کي باهمي تعاون جي اصول تي ڪم ڪرڻو ئي پوندو. گڏيل قومن جا ڪيئي ادارا ۽ مخصوص ايجنسيون باهمي تعاون ۽ ڪوشش سان چارٽر جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن، ۽ جڏهن قومون باهمي تعاون سان ڪم ڪنديون، تڏهن ئي چئي سگهبو ته انهن اقوام متحده جي چارٽر کي تسليم ڪرڻ سان پنهنجين خودمختارين مٿان جيڪي پابنديون قبول ڪيون هيون، تن سان اهي سچيون ۽ وفادار ثابت ٿي رهيون آهن.

انهيءَ نقطءِ نظر کان، اقوام متحده جي خلاف اڪثر طور عائد ٿيندڙ هن الزام جو جواب ڏيڻ آسان آهي ته اقوام متحده ناڪام ثابت ٿي رهي آهي. ”اقوام متحده جي ناڪامي“ دراصل لفظن جو هڪ تضاد آهي: جيسين قومون چارٽر جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان متحد آهن ۽ ان ۾ بيان ڪيل اصولن موجب هلن ٿيون، تيسين ناممڪن آهي جو اهي ڪڏهن به ناڪامياب ٿين. ياد رکڻ گهرجي ته اقوام متحده کي، سندس چارٽر جي بنيادي اصولن مطابق، قومن کي مخالف ۽ دشمن گروهن ۾ شامل ٿيڻ کان روڪڻ جو فرض ڪونه سونپيو ويو هو: دراصل، ان جي ڪارڪردگيءَ لاءِ اندازو اهو لڳو هو ته ان جا پنج مستقل وڏا ميمبر ملڪ عالمي امن ۽ سلامتيءَ کي قائم رکڻ لاءِ هڪٻئي سان گڏجي ڪم ڪندا. اقوام متحده جنگ

وڏيون طاقتون ان کي امن برقرار رکڻ ڏين ۽ ان جي حمايت ۾ پنهنجي پوري قوت استعمال ڪن، جيئن، مثال طور، روس ۽ آمريڪا سن ١٩٥٦ع ۾ سئيز واري بحران وقت ڪيو هو جيتوڻيڪ انهن مان هرهڪ پنهنجن پنهنجن ،مخصوص سببن لاءِ ئي ائين ڪيو هو.

هن وقت سرد جنگ جو منطق اهو آهي ته مخالف بلاڪن ۽ فلسفن سان وابسته ٿيل قومي-مملڪتون، اقوام متحده طرفان مهيا ڪيل مرڪز کي هڪ اهڙي اصول جي حمايت لاءِ غلط نموني ۾ استعمال ڪري رهيون آهن، جنهن کي اڄ جي بوليءَ ۾ "باهمي بقا" جو اصول چيو وڃي ٿو. سوويٽ يونين هن وقت تائين هڪ سؤ کان به وڌيڪ ڀيرا "ويٽو" استعمال ڪري چڪي آهي، ۽ آمريڪا جي رڪارڊ کي ايچ. رابرٽس (H. Roberts) هڪ ئي جملي ۾ هن طرح سمايو آهي: "هر ڪنهن حالت ۾ اختلاف جو روح، آمريڪا طرفان اقوام متحده جو وسيلو وٺي، سوويٽ روس ۽ بين ڪميونسٽن جي ڦهلاءَ، يا جنگ کان پوءِ ڪميونسٽ بنايل علائقن ۾ استحڪام آڻڻ جي مخالف هو." (ڏسو "باهمي بقا" تي رپورٽ) بين الاقوامي سياست جي ميدان ۾ پُرامن چنايتيءَ جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ، هن تقسيم ٿيل دنيا ۾ ممڪنات جو فن ٿي سگهي ٿو، پر هن حقيقت کي يقيناً نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ته اقوام متحده جديد دور جي تاريخ ۾ انهيءَ باب جو پنهنجي پاران اضافو ڪيو آهي. جيڪڏهن ائين فرض ڪجي ته مختلف قومون، اين سيني قومن جي درميان، محض پنهنجي وجود جي سلامتيءَ تي اڪتفا ڪنديون (بجاءِ ان جي، جو اهي اقوام متحده جي "چارٽر" جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ تعاون ڪن)، ته پوءِ اهي پنهنجن مخالف نظرين لاءِ، يا جن کي هو پنهنجا "زندگيءَ جا طريقا" سڏين ٿيون تن لاءِ، حمايت حاصل ڪرڻ جي چنايتيءَ ۾ مصروف رهنديون. انهيءَ عمل جو هن دليل سان بيشڪ بچاءُ ڪري سگهجي ٿو ته اهو واضح قومي مفادن حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي، پر ائين يقيناً نٿو چئي سگهجي ته سندن اهي سرگرميون "چارٽر" جي ظاهري صورت توڙي اصل روح سان مطابقت رکن ٿيون، جنهن تي عمل ڪرڻ جو انهن وعدو ڪيو آهي.

اقوام متحده فقط پنهنجن ضابطن جي تاجي-پيٽي اندر ئي انهيءَ قسم جي سياسي حقيقت تي غور ڪري سگهي ٿي، جيڪا سندس ايوان جي حدن کان ٻاهر موجود آهي. سياسي حقيقت ۽ 'چارٽر' پاران قائم ڪيل قانوني ضابطن جي درميان، جن جي مطابق ميمبر-قومن کي هڪٻئي سان معامليبازي ڪرڻي آهي، اختلاف کي تسليم ڪندي، اقوام متحده پنهنجي نمبر تي بهترين ڪم رکو اهڙي قسم جي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪرڻ سان ڪري سگهي ٿي، جيڪا مٿس الهيءَ تڪرار ۽ اختلاف جي قاعدن طرفان مڙهي وڃي ٿي، جنهن جي شرطن پٺاندر "سياسي حقيقت" کي هلائڻو آهي. اقوام متحده جي اصلوڪي ڪردار تي پهل انهيءَ پابنديءَ جو احساس ئي هو، جنهن ڊئگ هئمرشولڊ (Dag Hammarskjold) کي 'روڪيندڙ حڪمت عملي' (preventive diplomacy) جي نظريي ايجاد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو (يعني اها

تي زور ڏيڻ جي ضرورت آهي: دنيا جي عوام کي سندن تاريخي ڪردار کان باخبر بڻائڻو آهي، جنهن موجب هو پنهنجين حڪومتن تي اهڙيءَ طرح اثر وجهن جو اهي اقوام متحده جي 'چارٽر' ۾ ڄاڻايل مقصدن ۽ انهن جي روح سان هم آهنگ ٿي وڃن. جڏهن جنگيون ڇڙن ٿيون، جڏهن اهڙيءَ هر شي جي تباهي ۽ بربادي ٿئي ٿي، جيڪا قيمتي ۽ ڪمائتي آهي، تڏهن جن کي لقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو، سي قومن وارا خيالي دائرا نه، پر جيئرا جاڳندا عوام هوندا آهن — انفرادي حيثيت ۾ مرد ۽ عورتون، ۽ سندن ٻار. سڀ کان وڌيڪ اهي بدنما زخم، جن سان نسل ڪشيءَ جي جنگين ذريعي انسانذات کي ڇيڇلا ڪرڻ، بدحواس ۽ اپاهج بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، سي دراصل انسانيت جي ئي چهري کي داغدار ٿا بنائين!

انسانذات، قومن جي وجود ۾ اچڻ کان به اڳ ۾ موجود هئي — ۽ انهن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ به موجود رهڻي آهي.

"انسانذات"، فرد کان بالاتر قوت هجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي طاقت اڳي ئي محسوس ڪرائڻ لڳي آهي: قومي-رياستن بدران، جي مخالف بلاڪن سان هڪ جون اتحادي ۽ ٻئي جون دشمن آهن، اڄ هر هنڌ هيءُ احساس گهر ڪندو پيو وڃي ته ڪوبه ماڻهو تيستائين پاڻ کي سلامت نٿو رکي سگهي، جيستائين هو شعوري طور سڄيءَ انسانذات سان لاڳاپيل نه رهندو ۽ ان لاءِ محنت نه ڪندو. لازمي آهي ته انهيءَ خيال تي گهڻي کان گهڻو زور ڏنو وڃي. هيءَ ڳالهه فراموش نه ڪرڻ گهرجي ته اقوام متحده جي چارٽر جي مهاڳ ۾ جن متعدد مقصدن جو ذڪر ڪيل آهي — اهي مقصد، جن اقوام متحده جي بانيڪارن ۾ اتساهه جاڳايو — سڀني کان وڌيڪ اهم مقصد اهو آهي، جيڪو اقوام متحده جي عوام طرفان هيءُ عزم ٿو ظاهر ڪري ته "ايندڙ نسلن کي جنگ جي تباهيءَ کان بچايو وڃي، جنهن اسان جي زندگيءَ ۾ ٻه دفعا انسانذات لاءِ بي انداز مصيبت آندي آهي." "جنگ کي ٽارڻ" جو وعدو سڄيءَ انسانذات کي "بي انداز مصيبت" پوکڻ کان بچائڻ جي غرض سان ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري، سموري انسانذات ئي آهي، جنهن لاءِ امن برقرار رکڻو آهي. ظاهر آهي ته چارٽر جي انهيءَ سڌي سادي بيان پٺيان جيڪو "عام فلسفو" آهي، تنهن کي ڦهلائڻ جي ضرورت آهي: ۽ خدا جي مخلوق هجڻ سبب، انسانذات هڪ آهي، جيئن قرآن (شريف) فرمائي ٿو "ڪنفس" واحدةٌ"، جڻ ته اهو هڪ ئي نفس آهي — انهيءَ احساس جي عدم موجودگيءَ جي حالت ۾، ڪوبه اثرائتو ۽ جٽادار بين الاقوامي تعاون، ڪنهن به مقصد لاءِ ممڪن ٿي نه سگهندو — انسانذات جي ڀلائيءَ ۽ امن حاصل ڪرڻ جا عظيم مقصد ته پري رهيا.

باربرا وارڊ (Barbara Ward)، هاڻوڪي دور جي وڏيڪ وسيع چئلينج جو ذڪر ڪندي، جنهن جي روشنيءَ ۾ اقتصادي ترقيءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻو آهي، مٿينءَ حقيقت کي اقتصادي

وڌيڪ واضح ٿي رهي آهي ته پنهنجي نفس کي مطمئن رکڻ جو نظريو، يا هيءَ خيال ته مستقبل فقط انهن لاءِ مخصوص آهي جن ”نفسانفسيءَ“ جي انتهائي خود غرضانه اصول تي هلڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، سو غلط ۽ فطرت جي بالڪل خلاف آهي. ”ڪابه هڪڙي شي، ٻين سڀني کان جدا ۽ ٻين سڀني جي مدد بنا، پنهنجي سر ڇُٽي به ڪانه ٿي سگهي. مستقبل رڳو چند خاص الخاص يا چونڊ ماڻهن لاءِ ناهي، جنهن ۾ ٻين سڀني جو ڪوبه حصو نه هجي؛ بلڪ مستقل جي راهه سڀني جي پيشقدميءَ لاءِ کايل آهي، جنهن تي سڀ گڏجي هڪ اهڙي رخ تي وک وڌائي سگهن ٿا، جنهن ۾ سمورا انسان متحد ٿي هن زمين تي نئين روحاني زندگيءَ جي تڪميل ڪري سگهندا......“ اڄ هيءَ سڄي ڌرتي انسان جو گهر آهي، جنهن ۾ هو انسانذات جي هڪ هجڻ وارن اعليٰ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري سگهي ٿو، پوءِ پل ته هو دنيا جي ڪهڙي به حصي ۾ هجي. هيءَ ڌرتي هرهنڌ سندس خير مقدم ڪري رهي آهي؛ اڄ جيڪا خوراڪ هو واپرائي رهيو آهي، سا دنيا جي مختلف حصن مان اچي ٿي؛ ۽ اهي نظريا ۽ خيال، جن تي سندس ذهني زندگيءَ جي اوسر جو دارومدار آهي، سي اهڙن مفڪرن طرفان مهيا ٿي رهيا آهن، جي دنيا جي مختلف حصن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. ”اڄ اسان مان هرهڪ جي پالنا لاءِ ڪا هڪڙي نئي رواجي ٻني ڪافي نه آهي، پل ته اها ڪيتري نه قدر وڏي چونه هجي، بلڪ ان لاءِ سموري ڌرتي گهربل آهي. جيڪڏهن لفظ ڪا معنيٰ رکن ٿا، ته پوءِ ڇا ان جو مثال ڪنهن اهڙيءَ هستيءَ جيان ناهي، جيڪا جنم وٺي رهي آهي — پنهنجن عضون سميت، پنهنجي تنتي سرشتي سميت، پنهنجن سڀني جسن رکندڙ حواسن ۽ حافظي سميت — انهيءَ عظيم هستيءَ جي جسم جيان، جيڪا بيدار ٿيل تمنائن کي پوري ڪرڻ لاءِ اچي رهي آهي، ۽ جيڪا هڪ اهڙي فڪري هستي آهي، جنهن هي نئون شعور حاصل ڪيو آهي ته هوءَ ارتقا جي مڙني مرحلن جي ’ڪثرت‘ جي وحدت آهي، ۽ ان ڏانهن نئي جوابدار آهي.“ (ڏسو سندس ڪتاب Phenamenon of Man)

جديد دور جي انسانن جو مثالي نظريو، اِن ڪري، بني نوع انسان جي تعمير ڪرڻ آهي. جيڪڏهن هو پاڻ کي هڪ اهڙي وسيع جوڙجڪ جو ڪارائتو پرزو تصور ڪري، جو انسانذات جي مجموعي زندگيءَ کان سواءِ پيو ناهي، ته پوءِ هو ان جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ پنهنجي طرفان گهڻو ڪجهه پيش ڪري سگهي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اسان کي ’تاريخ‘ ۾ ’خدائيءَ‘ کي محسوس ڪرڻو ۽ ’ڌرتيءَ تي آسماني بادشاهت‘ قائم ڪرڻي آهي. جيستائين انهيءَ فلسفي جو اعلان نه ڪيو ويو آهي، ۽ ان جا ضروري جزا جمع نه ڪيا ويا آهن، بلڪ انهن کي جديد انسان جي زندگي بخشيندڙ رت جو جزو نه بڻايو ويو آهي، تيستائين هن ڌرتيءَ تي امن قائم ڪرڻ جو مسئلو حل ٿي نه سگهندو.

راج محمد ٻَٽليي

# صوفي صادق فقير

[تصوف جي نظرياتي ۽ علمي ارتقا جي تاريخ ۾ حضرت شاهه شهيد عليہ الرحمة جو نظريہ تصوف هڪ انفرادي حيثيت رکي ٿو. صوفياءِ ڪرام جي متقدمين ۽ متاخرين بزرگن ۾ "وحدت الوجود" ۽ "وحدت الشهود" ٻہ اهڃا مڪتب فڪر آهن، جن تي اهل تصوف عمل ۽ اخلاق جو بنياد رکيو آهي. تزڪيہ نفس ۽ تقويٰ شعاري تصوف جو روح آهي. اهڙي طرح، ترڪ دنيا ۽ زهد، خلوت گزيني ۽ قطع تعلقات، دنيا جي معاملات کان تبتّل ۽ تنفر بہ اهل تصوف جو شعار رهندو آيو آهي. باوجود ان جي، انهن "صوفي" لقب سان پاڻ نہ سڏايو آهي، جيئن جهوڪ وارن کي 'صوفي' سڏجي ٿو.

تصوف جي تاريخي ارتقا ۾ "صوفي" لفظ جي تحقيق ۽ اشتقاق جي لفظي موشگافين کي نظر انداز ڪري ڏسبو، تہ "صوفي" لفظ، مشرب ۽ مسلڪ جي لحاظ سان، توڙي روح ۽ معنيٰ جي لحاظ سان، توڙي نظريي ۽ عمل جي لحاظ سان، فقط جهوڪ شريف جي بزرگن استعمال ڪيو آهي. ان سلسلي ۾، جهوڪ وارن صاحبن جي ڪمالات ۽ مقامات عاليہ جو ايترو تہ بلند مقام آهي جو لفظ "صوفي" چوڻ سان، توجهہ ۽ خيال جهوڪ وارن بزرگن ڏانهن وڃي ٿو. لطيف بہ سندن ان خصوصيت کان متاثر ٿي چيو آهي:

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوني ورق وجود جو.

اني لطيف جو اشارو جهوڪ جي صاحبن، شاهہ عنايت شهيد ۽ سائين سلام الله شاهہ ڏانهن آهي، جنهن سان سندس روح رهاڻ ٿي آهي.

تصوف جي تاريخ ۾ جهوڪ جي صاحبن جو باب هڪ زرين ۽ منفرد باب آهي، جنهن ڏانهن اسان جي عالمن ۽ اديبن جو گهٽ توجهہ ويو آهي.

ضرورت اها آهي تہ ان متعلق تحقيق ڪئي وڃي تہ "صوفيءَ" جي وجهہ تسميہ جهوڪ وارن لاءِ ڪهڙي آهي؟ 'صوفي' چوائڻ کان پوءِ، جهوڪ جي مڪتب فڪر وارن وٽ تصوف جي آداب ۽ اشغال ۾ ڪهڙو انقلاب آيو آهي، سندن مريدن ۽ معتقدن ۾ ان تصوف ڪهڙي قسم جي نظرياتي وسعت ۽ عملي انفراديت پيدا ڪئي آهي، جا ٻين خانوادن کان هن مشرب ۽ مسلڪ کي امتياز بخشي ٿي؟ ان طرح ايران ۽ عرب، هند ۽ سنڌ ۾ فقط هي هڪ ئي صوفيانہ مشرب آهي، جنهن سان وابستہ رهڻ وارن کي "صوفي" سڏيو وڃي ٿو، حالانڪ ٻيا سڀ سلسلا ۽ سندن پيرانِ طريقت، متوسلين ۽ معتقدين بہ حقيقي طرح سان اهل تصوف ئي آهن، جي پنهنجي مسلڪ جي لحاظ سان قادري، سهروردي، چشتي، ۽ نقشبندي سڏجن ٿا. ان طرح متقدمين ۾ ٻيا بہ گهڻا ئي مسلڪ آهن، جهڙوڪ جنيديہ، شطاريہ، جلاليہ وغيرہ. افسوس اهو آهي تہ هند ۽ سنڌ جي ڪنهن بہ محقق ۽ مورخ جهوڪ وارن بزرگن جي ان خصوصي نسبت ۽ مقام تصوف ڏانهن توجهہ نہ ڪيو آهي. خدا ڪري تہ ان سلسلي ۾ ڪو ان مسلڪ سان وابستہ بزرگ ان موضوع تي روشني وجهي ۽ ٻڌائي تہ هن مشرب وارن کي "صوفي" ڇو ٿو سڏيو وڃي.

جهوڪ شريف ۾، ۽ پيو سنجهوري طرف، لغاري بلوچن ۾ آهي. اهي ٻڌجن ته پيا ته آني آهن، پر انهن جو ملڻ گهڻو مشڪل آهي. سنجهوري وارن لغارين ڪي جناب ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جي چوڻ تي خط لکيا ويا آهن، پر اڃا تائين ڪو جواب ڪو نه مليو آهي. جيستائين فقيرصاحب جي ڪلام جو ڪو مڪمل نسخو هٿ اچي، تيستائين فقيرصاحب جي ڪلام جي اشاعت جو ڪم 'اداره نواي ادب' وارن مهمل رکيو آهي.

فقير صاحب جي حياتيءَ بابت جيڪي روايتون معلوم ٿي سگهيون آهن، تن کي ترتيب ڏيڻي رهيو هوس، ته ٣٠-مئي ١٩٦٥ع تي، محترم مولانا گرامي صاحب ۽ محترم شيخ علي محمد صاحب (ايڊيٽر روزانه "عبرت") جن غريبخاني تي، ڳوٺ خانصاحب عطا محمد ٻلي (مرحوم) ۾، مهرباني فرمائي تشريف فرما ٿيا. مولانا گرامي صاحب، حسب دستور فرمايو ته "ابا، صديق فقير وارو ڪم ڪهڙن مرحلن ۾ آهي؟" مون جواب ۾ مقالو سندن ملاحظي لاءِ حاضر ڪيو، جنهن کي پاڻ پسند ڪندي، "مهراڻ" جي حق ۾ ضبط ڪيائون، ۽ چيائون ته في الحال جهڙيءَ حالت ۾ مقالو آهي، "مهراڻ" ۾ ڏيون ٿا، ۽ اَئندي جيڪا بہ تحقيق ٿيندي رهندي، اها بہ "مهراڻ" ۾ ڏينداسين. مولانا موصوف هميشه کان منهنجي ان سلسلي ۾ همت افزائي ڪندا آيا آهن، تنهن لاءِ آءٌ سندن بيحد شڪرگذار آهيان.

هن مقالي لاءِ مختصر گذارش هيءَ آهي فقير صاحب جي حياتيءَ جي احوال بابت ڪوبہ ڪتاب سندس خاندان ۾ موجود نہ آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ فقير صاحب جي حياتيءَ جو مڪمل احوال لکي سگهجي؛ تنهنڪري فقير صاحب جي احوال جا في الحال هيٺيان سرچشما آهن، جن جي ذريعي هيءُ مقالو تيار ڪيو ويو آهي:

(١) عام سڱهڙ ۽ وڏيءَ چمار وارا فقير (جن جي نالن جي لسٽ بعد ۾ ڏني ويندي)

(٢) تذڪره شعراي عمرڪوٽ (غير مطبوع)

(٣) نوٽبڪ بعنوان "گلدستہ"، از فقير ڏاتار بخش سومرو — جنهن تان ڪجهہ بيتن ۽ هڪ-ٻن عام روايتن جي تصديق ٿي.

(٣) نوٽبڪ، "تلقين العاشقين"، مملوڪ فقير قاسم علي ڪورائي صوفي القادري، از فقير روشن الدين "روشن" صوفي — جنهن مان فقير صديق جي پيشنگوئيءَ جا چند بيت ۽ ان واقعي جو احوال فقير روشن جو لکايل هٿ آيو، جيڪو بلڪل عام روايتن وانگر هو.

(٤) ڇپيل ڪتابن مان ڪوبہ خاص قابل ذڪر ذخيرو نہ ملي سگهيو آهي.

(٥) صديق فقير جو جن سنڌي ڪتابن ۾ ذڪر آهي، انهن ۾ گهڻوڪري محترم مصنفن، فقير صاحب متعلق ڪا وڌيڪ معلومات نہ هٿ ڪري، ساڳيون ساڳيون مشهور روايتون ورجايون آهن. هيٺيان ڪتاب خاص طرح "صادقيات" ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا، جن ۾ ٿورو يا گهڻو فقير صاحب جو ڪلام يا سندن حياتيءَ جي ڪنهن واقعي ڏانهن اشارو موجود آهي:

١- سنڌي ادب جي تاريخ، جلد اول (خانبهادر محمدصديق ميمڻ مرحوم)
٢- تذڪره لطفي، جلد ٻيو (لطف الله بدوي صاحب)
٣- ڪيڏارو (مخدوم محمد صالح ڀٽي مرحوم)
٤- جنت السند ـــ بلڪل مختصر احوال (مولائي شيدائي صاحب)
٥- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ـــ احوال چند سٽون (آنجهاني ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي)
٦- سنڌي ادب ـــ مختصر احوال (سيد حسام الدين راشدي صاحب)
٧- وڻجارن وايون (عبدالڪريم ٻلي صاحب)
٨- روزانه "مهراڻ"، سالگرهه نمبر، ١٩٦٢ع
٩- ماهوار "نئين زندگي"، ڪراچي، شاهه شهيد نمبر، ١٩٥٥ع
١٠- انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي مرحوم، ١٩٣٠ع)

سنڌ ۾ صوفي تحريڪ تي هن مفصل ڪتاب، "انيس المساڪين"، جو تعارف جناب سيد حسام الدين راشدي صاحب ماهوار "نئين زندگي"، ڪراچي (آگست ١٩٦٢ع)، ۾ ڪرايو آهي، جنهن جي پڙهڻ مان معلوم ٿيو ته مذڪور ڪتاب جي باب ٽئين ۾ چهين ۾ صديق فقير جو احوال آيل آهي. احوال ڪيتريقدر درست آهي، سا ڪابه خبر راشدي صاحب جي مقالي مان پئجي نه سگهي. ان ڪان سواءِ، صوفين جي تجل شريف واريءَ تاريخ (غير مطبوع) ۾ به صديق فقير جو احوال خصوصيت سان آيل آهي (ڏسو "ديوان بيدل"، مقدمو، ميان عبدالحسين موسوي صاحب، ص ١٩). مٿي ذڪر ڪيل سنڌي اديب ۽ عالم خاص شڪريي جا مستحق آهن، جن پنهنجي تذڪرن ۾ فقير صديق رحه جو ڪجهه نه ڪجهه ذڪر آندو آهي. ٻيو ته مٿي ذڪر ڪيل ڇپيل سنڌي ڪتابن جي جملي صفحن کي جيڪڏهن گڏي جوڙ ڪبو، ته انهن جو تعداد ٢٥-٣٠ صفحن ڪان ڪڏهن به وڌيڪ ڪونه ٿي سگهندو. جڏهن ته مٿيان مصنف ٻري جا آهن، تنهنڪري يقيناً مقامي معلومات حاصل ڪري نه سگهيا هوندا، ان حالت ۾ مٿن ڪو حرف رکي نٿو سگهجي، ورنه انهن ڪن روايتن کي لکندي غلطيون ڪيون آهن. مثلاً، هڪ ٻن جاين تي فقير جي ولادت جو ڳوٺ، صوفي فقير، تعلقي عمرڪوٽ ۾ لکيو ويو آهي، جو صريحاً فقير صاحب جي خانداني روايتن جي خلاف ۽ غلط آهي. اهڙيءَ طرح انهن مڙني غلط روايتن جي بحث لاءِ هڪ جدا مضمون جي ضرورت آهي، جيڪو حياتي آهي ته هن ڪان پوءِ پيش ڪندس.

هن مقالي جي تيار ڪرڻ ۾ جن دوستن مدد ڪئي آهي، انهن جو تعدا تمام گهڻو آهي، تنهنڪري سندن گڏيل شڪريو ادا ڪجي ٿو، ۽ ان سلسلي ۾ هيٺين صاحبن جو نمايان شڪريو ضروري سمجهان ٿو: (١) برادرم عبدالڪريم ٻلي صاحب، جيڪو ان ڪم جو محرڪ به آهي ۽ منهنجو ادبي معاون به، جنهن جي مشورن ۽ ڪوشش سان هي ڪم هن مرحلي تي پهتو. (٢) معمور يوسفاني صاحب، جنهن فقير صديق تي پنهنجو غير مطبوع ڪتاب پڙهڻ ۽ استفادي

فقير محمد صديق فرمايس تہ 'هندو فقير، اوري اچي ويهو.' آخر ڪيس پنهنجي ڪنولي جي پاڻي سان وهڻ جو حڪم ڪيائون. گهڻي مدت فقير بيدل سندن خدمت ۾ ويٺل هو. فقير محمد صديق جو شيوو هوندو هو جو بعضي بعضي مٽي آسمان ڏي منهن ڪري ڳالهائيندو هو؛ پر اهو ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. ان وقت بہ مٽي ڪنڌ ڪري ڳالهايائون. جڏهن بيدل فقير ڪانئن رخصت وٺي اٿيو، تہ ميان غلام علي شاهہ بہ اٿيو. ٻاهر اچي بيدل فقير کان پڇيائين تہ 'توهان کي هندو ڪري ڇو سڏيائون؟ ۽ مٿي ڪنڌ ڪري ڇا ڳالهايائون؟' پاڻ جواب ڏنائون تہ 'مون هڪ هندو ڇوڪر، ڪرمچند روهڙائيءَ ۾ فنا ڪاڏي آهي، تڏهن هندو ڪري سڏيو اٿن؛ ۽ مٿي ڪنڌ ڪري رب العالمين سان ڳالهيون ٿي ڪيائون.' (صفحو ١٩)

## جهوڪ جي گادي ۽ صادق فقير.

صادق فقير جي فقراءَ ۾ هيءَ روايت پڻ مشهور آهي تہ جهوڪ شريف جي اها گادي فقير صادق وٺي ڏني هئي. انهيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ جهوڪ شريف جي موجوده سجاده نشين جا وڏا، تجل شريف (خيرپور رياست) ۾، حضرت شاهہ عنايت شهيد صوفي نور الله مرقده جي وڏي صاحبزادي سلام الله شاهہ عليہ رحمة جا متولي (مجاور) هئا، ۽ جهوڪ شريف وارن بزرگن کي سندن سڱ ڏنل هئا (مخدوم فضل شاهہ قلندر جي شادي انهن سان ٿيل هئي). شاهہ قلندر جي وفات صادق فقير جي حياتيءَ ۾ ٿي، ۽ سندن فرزند، ابراهيم شاهہ، جي لائق ٿيڻ تي پنهنجي مرشدزادي جي شاديءَ جو بندوبست بہ صادق فقير کي ڪرڻو پيو. ان سلسلي ۾، پاڻ ابراهيم شاهہ لاءِ سڱ وٺڻ خاطر تجل شريف وارن بزرگن ڏانهن ويا، ڇو تہ اهي ابراهيم شاهہ جا ناناڻا بہ هئا ۽ جهوڪ وارن بزرگن کي سڱ ڏيڻ جو رستو اڳ ۾ ئي انهن سان هو. پر صادق فقير جڏهين هنن سان سڱ وٺڻ جون ڳالهيون ڪيون، تڏهن انهن بزرگن مان ڪن فردن انهيءَ سڱابنديءَ تي اعتراض ورتا، جنهن جي جواب ۾ معترضن کي صادق فقير چيو تہ "بندو اوهان کان ابراهيم لاءِ سڱ گهرڻ ڪونہ آيو آهي، پر جهوڪ شريف جي گادي اوهان کي ڏيڻ آيو آهي." آخر ابراهيم شاهہ جي شادي تجل شريف وارن بزرگن سان ٿي. قدرت خدا جي جو ابراهيم شاهہ کي اولاد ڪونہ ٿيو، ۽ هن صادق فقير جي حياتيءَ ۾ لاولد لاڏاڻو ڪيو. ابراهيم شاهہ جي وفات کان پوءِ، جيئن تہ سندن اصل رشتيدارن مان ڪو رهيو ئي ڪونہ هو، تنهنڪري جهوڪ شريف جي فقرا جماعت وارن فيصلو ڪيو تہ صادق فقير سيني جهوڪ شريف جي موجوده فقيرن ۾ وڏيڪ ڪامل ۽ لائق انسان آهي، ۽ علاوه انهيءَ جي، مخدوم فضل الله جو بہ 'خليفہ اڪبر' ۽ سندس فرزند جو مرشد آهي، تنهنڪري ڪيس جهوڪ شريف جي گاديءَ تي ويهاريو وڃي؛ پر فقير صاحب جماعت جي انهيءَ فيصلي سان اتفاق نہ ڪيو، ۽ پاڻ حضرت ابراهيم شاهہ جي مامي ميان عبدالستار اول رحہ کي

جهوڪ شريف جو گادي نشين مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪري، انهيءَ پير صاحب ڪي جهوڪ جي ڀڳ ڀڏارايائون. انهيءَ فيصلي سان ٻـوءِ ساريءَ جماعت ٻه اتفاق ڪيو. فقير صادق، ميان عبدالستار اول کي جهوڪ شريف جي گاديءَ تي ويهاري، واپس ڳوٺ آيا ۽ اتي اچي جلد وفات ڪيائون.

ميان عبدالستار اول رحہ صادق فقير جي فرزند نظام الدين کان گهڻو فيض حاصل ڪيو ۽ سندس مريد ٻه ٿيو. انهيءَ ڪري، ميان عبدالستار اول جي زماني کان وٺي، هڪ تہ صادق فقير جي مٿس مهربانيءَ ۽ روحاني ڪمالات ۾ ابراهيم شاهہ جي مرشد هئڻ ڪري، ۽ ٻيو صوفي نظام الدين، جنهن جو هن کي فيض هـو ۽ ميان صاحب صوفي صاحب جـو مريد هـو. تنهنڪري، جهوڪ شريف ۾ اعزازي طور نظام الدين جي اولاد (جيڪو صادق جو سجاده نشين رهندو ٿو اچي) کي فقير صادق جي ڪپڙ هيٺ ڪٽ رکي، ان مٿي ويهڻ جي اجازت اڄ تائين حاصل رهي آهي، جتي ٻيا فقير ۽ ٻين درگاهن جا سجاده نشين پٽ تي ويهندا آهن.

## شاديون ۽ اولاد.

مٿي ذڪر ٿي آيو آهي تہ فقير صادق سڀ کان پهرين شادي، پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾، سندن مائٽاڻي ڳوٺ ڏوڏاري ۾، پنهنجن عزيزن مان ڪئي، جنهن شاديءَ مان فقير صاحب کي ٻہ فرزند، صوفي ابوالحسن فقير ۽ صوفي بايزيد فقير، جهوڪ شريف ۾ تولد ٿيا. ٻي شادي، جهوڪ شريف مان اهر شريف (موجوده صوفي فقير، عمرڪوٽ) ۾ هجرت ڪري اچڻ وقت، پنهنجي هڪ ذات واري عزيز، نظام الدين سومري جي گهران ڪيائون، جنهن مان فقط هڪ فرزند صوفي نظام الدين فقير تولد ٿيو. آخري حياتيءَ ۾ فقير، ڳوٺ مينهڙي تعلقي عمرڪوٽ مان، سرطان سوڍن (هندن) مان ٽي شادي بہ ڪئي. انهيءَ شادي ڪرڻ مان فقير صاحب جي مرشد، شاهہ قلندر، جي اها پيشنگوئي بہ پوري ٿي تہ "بندو تنهنجون ٽي شاديون پيو ڏسي." آخري شاديءَ مان فقير صاحب جن کي ٻہ فرزند، صوفي شهاب الدين فقير ۽ صوفي عبدالعلي فقير ڄاوا.

فقير صاحب جا فرزند وقت جا مشهور اهل دل درويش ٿي گذريا آهن، جن مان صوفي بايزيد فقير ۽ صوفي شهاب الدين فقير جو شعر بہ هٿ اچي ٿو، جن صادق فقير کان پوءِ هن درگاهہ تي صوفياڻي شعر-شاعريءَ جو سلسلو جاري رکيو. صادق فقير جا فرزند هڪٻئي کان وڌيڪ صاحب صدق و صفا هئا. سندن حالات پڙهندي، چوڻو پوندو تہ "اين خانہ همہ آفتاب است." اسين هيٺ مختصر طور فقير صاحب جي فرزندن جي سوانح جا هٿ آيل واقعات ڏيون ٿا.

(ا) صوفي بايزيد فقير رحہ: "صوفي بايزيد، ١٢٢٦ هجري ڌاري، جهوڪ شريف (ميرانپور) ۾ تولد ٿيا. پاڻ صوفي ابن صوفي ۽ شاعر ابن شاعر هئا. ڪين گهڻو ڪري "بايزيد" جي بجاءِ "باجيد شاهہ" جي نالي سان سڏيندا هئا. ڪين ظاهري تعليم سان گڏ باطني

(٣) حضرت صوفي نظام الدين رحہ: حضرت صوفي فقير نظام الدين جي ولادت باسعادت ڳوٺ اهر شريف جي اپرندي (هاڻوڪي صوفي فقير) ۾ ٿي. پاڻ فقير صاحب صادق شاهہ جو ٽيون نمبر فرزند دلبند هئا. فقير صادق جو سڀني فرزندن کان هن سان گهڻو پيار هو ۽ هر وقت کين خوش ۽ آرام سان رکڻ پسند ڪندا هئا، تنهنڪري ظاهر آهي تہ شفقت پدري جي بارش هن فقير تي گهڻي وئي. ذڪر ۽ فڪر جي تلقين ۽ هدايت بہ پنهنجي والد بزرگوار کان هين. سندن دل، بنسبت ٻين ڀائرن جي، فقيريءَ ڏانهن گهڻو مائل هوندي هئي. اهو سندن والد بزرگوار جي خاص محبت ۽ لظر ڪيميا اثر جوئي نتيجو هو. نظام الدين کي ظاهري تعليم قرآن شريف ۽ معمولي سنڌيءَ تائين هئي، پر باطني علم ۽ عرفان جي مٿن ججهي پالوت ٿيل هئي. هي فقير هڪ صاندل صوفي، عارف ۽ وسيع النظر انسان هو. ان سان گڏ وقت جو واصل باالله بزرگ ۽ هزارن مريدن جو مرشد بہ هو. جهوڪ شريف جي موجوده سجاده نشين، جناب حضرت ارشاد عباس "رند"، جي پڙ ڏاڏي ميان عبدالستار جو مرشد بہ حضرت صوفي نظام الدين صاحب هو. فقير صاحب صادق جي وڏن فرزندن، ابوالحسن (جنهن صادق فقير جي حياتيءَ ۾ وفات ڪئي) ۽ صوفي بايزيد فقير (جنهن جو وصال فقير صادق جي رحلت کان ڇهہ مهينا پوءِ ٿيو)، جي راهہ رباني وٺڻ کان پوءِ، صوفي نظام الدين پنهنجي والد جي گاديءَ تي ويٺو. اڄ تائين سندن اولاد، فقير صادق جو سجاده نشين آهي. نظام الدين صوفيءَ متعلق پڌجي ٿو تہ پاڻ شاعر هئا، پر سندن شعر جو نمونو اڃا هٿ اچي ڪونہ سگهيو آهي. فقير صاحب نظام الدين کي ٽي فرزند هئا: فقير علي بخش، فقير صوفي سليمان، ۽ فقير حاجي محمد رحہ. فقير نظام الدين جي وفات ڳوٺ صوفي فقير ۾ ٿي. سندن مزار صوفي صادق جي روضي جي سامهون تعمير ٿيل تجر شريف ۾ آهي.

(٤) صوفي شهاب الدين: جناب حضرت مرحوم صوفي شهاب الدين، صوفي صادق جو چوٿون فرزند هو. پاڻ سال ١٢٤٤ هجريءَ ۾، اهر شريف ۾ تولد ٿيا ۽ ١٣٠٨ هجريءَ ۾ وفات ڪيائون. سندن مزار مبارڪ سندن آبائي مقام، "صوفي صادق فقير" ۾ آهي. کين ذڪر پنهنجي والد ماجد کان مليل هو، ۽ شاعري ۽ درويشي کين ورثي ۾ مليون. سندن اولاد مان صوفي جلال محمد پنهنجي وقت جا مشهور شخص ٿي گذريا آهن. هن وقت سندن اولاد مان صوفي غلام محمد ۽ صوفي طالع محمد "ناز"، هن وقت جا باوقار زميندار آهن. سندن ڪلام تمام ٿوري انداز ۾ پڌجي ٿو. سندن دستياب ٿيل ڪلام جو نمونو هي آهي:

(١)

درد بنا آهي ڪوڙي بات: ذات نہ جاڻان ڪير آءُ آهيان!
پاڙي اسان جي پهاجيون، ڪَر بہ اسان سان چات...
اوکي ويل اسان سان مرشد، هجي هميشه سات...
هادي ويل هلڻ جي، مون کان ڪلمو چوائڻ وات...
"شهاب الدين" ڪرين سو ڪري وٺ، ڦُٽڻ تي آ پريات...

## مريد ۽ طالب.

حضرت صوفي صادق (رحہ) جي مريدن ۽ معتقدن، خليفن ۽ طالبن جو تعداد سون ۽ هزارن کان بہ مٿي ٿيندو. ڪئين حق جا طالب هن آهُر جي آديسيءَ کان فيض پرائي، پنهنجي روحاني زندگيءَ کي تابندہ ۽ درخشندہ ڪري، دنيا ۽ عقبيٰ جي ڀلائي ۽ بهتري حاصل ڪري ويا، جن جو پورو ڪاٿو ڪڻ نہ رڳو مشڪل مسئلو آهي، بلڪ محال بہ آهي. ان سان گڏ سندن سمورن خليفن ۽ طالبن جو احوال قلمبند ڪرڻ تہ ان کان بہ محال تر آهي. صوفي صادق جي طالبن ۽ مريدن ۾ ڪي اهڙا فقير بہ هئا، جيڪي روشن ضمير درويش هجڻ سان گڏ، مٿي معيار جا صوفي شاعر بہ هئا: جهڙوڪ (١) سندن مرشد زادو ۽ مريد صوفي ابراهيم شاهہ (٢) فقير ڪرم علي ڪورڪاڻي، (٣) صوفي سرهو حجام، (٤) ڀڳت رامچند، (٥) مراد فقير ڪنڊڙيءَ وارو (٦). انهن فقيرن ۽ شاعرن کان سواءِ (١) نانگو شاهہ (لاڙ طرف)، (٢) اجيلو ماڇي (٣) فقير اميد علي جروار، ۽ (٤) هرياڻي ڀڳتياڻي وغيرہ بہ صوفي صادق جي مشهور اهل دل طالبن مان ٿي گذريا آهن. هنن جو شعر ڪونہ ٿو لڀجي، شايد شاعريءَ ڏانهن سندن توجهہ ڪونہ هو. فقير اميدعلي جروار ۽ نانگي شاهہ لاڙ واري جو احوال هٿ ڪونہ ٿو اچي، باقي مٿي ذڪر ڪيل صادق فقير جي طالبن ۽ مريدن جو دستياب ٿيل احوال اختصار سان هيٺ پيش ڪجي ٿو.

(۱) صوفي ابراهيم شاهہ فقير: حضرت صوفي ابراهيم شاهہ ابن مخدوم صوفي فضل شاهہ عرف شاهہ قلندر (رحہ) جو شمار صادق فقير جي وڏن خليفن ۽ طالبن ۾ ٿئي ٿو. هي فقير صادق جو مرشدزادو بہ هو تہ مريد بہ. صوفي ابراهيم جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون ۽ سال معلوم ٿي ڪين سگهيون آهن. صوفي ابراهيم شاهہ اجا عمر جو ننڍو هو تہ سندس والد، مخدوم فضل شاهہ قلندر جو انتقال ٿي ويو، تنهنڪري ذڪر ۽ فڪر جي هدايت ۽ اجازت صادق فقير پنهنجي مرشدزادي کي عنايت ڪئي. صوفي ابراهيم شاهہ صادق فقير کي، پنهنجي مرشد هئڻ ڪري، والد جي جاءِ تي سمجهندو هو. صادق فقير پنهنجي مرشدزادي جي ذهني ۽ روحاني، ديني ۽ دنياوي پرورش ۽ پالنا هڪ لائق ۽ فائق استاد ۽ مرشد، بلڪ والد وانگر ڪئي. دنيوي ۽ اخروي زندگيءَ جي هرڪنهن ڏکئي مرحلي ۾ صادق فقير، ابراهيم شاهہ جي رهنمائي ۽ رهبري ڪندو رهيو. صوفي ابراهيم شاهہ جي شادي بہ صادق فقير تجل شريف وارن بزرگن سان ڪرائي، پر افسوس تہ ابراهيم شاهہ صادق فقير جي حياتيءَ ۾ بي‌اولاد وفات ڪري ويو. ابراهيم شاهہ جي وفات صادق فقير جي حياتيءَ جو جانڪاهہ ۽ خون چڪان حادثو هو. هڪ طرف هي پنهنجي محبوب مريد ۽ مرشدزادي کان محروم ٿي ويو تہ ٻئي طرف هن وفات حسرت آيات سان سندن مرشد فضل شاهہ قلندر جي نسل جو سلسلو هميشه لاءِ دنيا ۾ ختم ٿي ويو، ۽ جهوڪ شريف، جيڪا سنڌ ۽ هند ۾ روحانيت ۽ تصوف جو مرڪز هئي، تنهن جي عارفاڻي گادي

والده وٽ انهيءَ اجازت جي تصديق لاءِ ويا، ۽ وڃي ڪانئس پڇيائون. مائيءَ جواب ۾ چيو تہ "سائين، مون پنهنجي پٽڙي کي خوشيءَ سان قرباني ڏيڻ جي موڪل ڏني آهي." اتان کان فقير صاحب صادق جن سڌو اوتاري ۾ آيا، ۽ حاضر فقراءَ کي ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنائون، ۽ اجيو ساڌ اتر-ڏکڻ منھُ ڪري ۽ پير ڪري، منهن اولهہ طرف ڦيري، چادر اوڍي، سمهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ وڏي آواز سان ڪلمو پڙهيائين، ۽ سندس روح پرواز ڪري ويو.

رب پاڪ جي قدرت، جو ان قربانيءَ کان پوءِ بيماري ملڪ تان ٽري ويئي! اجيي ساڌ جو آستان فقير خيرمحمد صوفيءَ جي اوطاق وٽ هو، جو پوءِ فقيرن ميدان ڪرائي ڇڏيو: هينئر اتي ڪوبہ نسان ڪونهي. هن ساڌ جو شعر-شاعريءَ ڏانهن توجهہ ڪونہ هو.

(٦) هري باني پڳتياڻي: هيءَ نيڪ صفت عورت، صادق فقير جي مريدياڻي ۽ راڄچندر پڳت جي ننهن هئي. صوفي صادق فقير جن وٽ جيڪو بہ هندو فقراءُ ايندو هو، انهيءَ جي کاڌي پيتي جو انتظام هن مائيءَ جي حوالي هوندو هو. چون ٿا تہ هن عورت جي طبيعت ننڍپڻ کان ئي پڳتيءَ ۽ فقيريءَ ڏانهن مائل هئي: ويتر جو فقيرن ۽ صوفين جو صحبتون ۽ مرشد جي مهر ٿي، تنهن تہ هيڪاري رڱي ريتو ڪري ڇڏيس. پڳتياڻي صاحبہ جو معمول هوندو هو تہ سڄي رات ويهي ذڪر ۽ فڪر ۽ مراقبي ۾ جاڳي گذاريندي هئي، ۽ اسر مهل فقير صاحب صادق جا ڏهر ڏيندي هئي، ۽ اولاد کي هميشه رات جو جاڳڻ جي هدايت ڪندي هئي ۽ چوندي هئي تہ "آبا، سڄيون راتيون سمهيو، هيرن ۽ جواهرن جو واپار وڃايو ڇڏيو، ۽ رڳو ڏينهن جو ڪوڏين ۽ دمڙين جي واپار تي مٿا پيا آهيو، جيڪو رڳو ڪوڙ ۽ فاني آهي." هيءَ پاڪ پري پڳتياڻي، سؤ سالن جي عمر مائي، ١٧٧٩ع ۾ پرلوڪ پڌاري.

## وصال

فقير صوفي صادق جن، ٩٥ سالن جي طبعي عمر شريف کي رسي، ١١- رمضان المبارڪ ١٢٦٥هہ، مطابق ١٨٤٨ع ۾، وچينءَ نماز مهل وصال فرمايو--- انا لله و انا اليه راجعون.

سندن رحلت پنهنجي ڳوٺ اهر شريف ۾ ٿي. فقير صاحب جي جسم خاڪيءَ کي، سندن وصيت موجب، انهيءَ ڳوٺ ۾، سندن فرزند ابوالحسن فقير جي مزار جي پير ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، جنهن جي مٿان پوءِ ڪن هندو مريدن روضو تعمير ڪرايو. قبر جي اڏاوت سٺي آهي، ۽ هن وقت منجهس ٽي مزارون آهن. فقير صاحب جي درگاهہ عمرڪوٽ شهر کان ٽيهارو ميلن جي مفاصلي تي، اولهہ طرف آهي. ميرپورخاص کان هيءَ درگاهہ، اوپر طرف، ٽيٽيهن ميلن جي فاصلي تي ٿيندي، ۽ ڊورو نارو ريلوي اسٽيشن ۽ شهر هتان کان ڇٽن-پنجن ميلن جي پند تي، اتر طرف واقع آهي. فقير صاحب جي وصال کي هن وقت (١٩٦٥ع ۾) ١١٧ سال ٿي چڪا آهن، پر سندس درگاهہ اڄ تائين مرجع خلائق آهي. مخدوم گرهوڙي صاحب سچ فرمايو آهي تہ "مرد مرن ڪينڪي، مرن مردودا."

جو هڪ واضح ثبوت صادق فقير جي ڪلام جو شايع نہ ٿيڻ بہ آهي. صادق صوفي شعر-شاعريءَ جي لحاظ سان جنهن قدر جو لائق آهي، افسوس تہ سنڌيدانن سندس قدر اوترو ۽ ڄاڻايو نہ ڪيو آهي. وري بہ صد آفرين آهي چند انهن تذڪري نويسن کي، جن پنهنجيءَ سر ڪوشش وٺندي ڪجهہ نہ ڪجهہ فقير صاحب جي حياتيءَ جا احوال ۽ ڪلام جو انتخاب ۽ ڪلام تي ٿورو گهڻو تبصرو پنهنجن تذڪرن ۾ ڏنو آهي. جيتوڻيڪ صحت ۽ جامعيت جي لحاظ سان اهو بہ مستند نہ آهي، تہ بہ غنيمت آهي. وري بہ جس جڳائي "بزم ادب صوفي" کي، جنهن ٿورن سالن کان فقير صاحب جي ميلي وارن ڏينهن ۾ هڪ محدود ادبي محفل منعقد ڪرائي صادق فقير جي ورسي ملهائڻ جو اهتمام ڪيو آهي، جنهن ۾ مقامي شاعر ۽ اديب، سگهڙ ۽ راڳيندڙ شريڪ ٿيندا آهن، ۽ صادق صوفيءَ جي حياتيءَ ۽ پيغام تي مقالا ۽ شعر پڙهيا ويندا آهن، ۽ راڳ جي رهاڻ ۾ پڻ سٺو رنگ ۽ رس پيدا ٿيندو آهي، جنهن ۾ صادق صوفي ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام ڳايو ويندو آهي. ضرورت آهي تہ صادق جي يوم وصال کي سندن شايان شان ۽ وسيع پيماني تي ادبي رنگ ۾ ملهايو وڃي. انهيءَ موقعي تي ٻاهرين شهرن کان شاعر، اديب، سگهڙ ۽ موسيقار گهرايا وڃن، تہ جيئن ڪين صادق فقير کي سمجهڻ ۽ مطالع ڪرڻ جو موقعو ميسر ٿئي.

## صادق صوفيءَ جي شخصيت

حضرت محمد صديق "صادق" صوفي رحہ جي شخصيت هر لحاظ کان همہ گير ۽ گوناگون، حڪيمانہ ۽ فقيرانہ صفات جي جامع ۽ عارفانہ ڪمالات جي حامل آهي. سندن شخصيت جي مطالعي کان سواءِ سندن شعر جو صحيح مطالعو ڪري نٿو سگهجي. هرڪو ڪلام پنهنجي صاحب الڪلام جي تصوير هوندو آهي، تنهنڪري ان جو صحيح نموني مطالعو شخصيت جي مطالعي سان ئي ڪري سگهجي ٿو. صادق صوفيءَ جا حالات جيڪي مٿي لکجي آيا آهن، انهن مان سندن شخصيت تي ڪافي روشني پئي ٿي. سندن ڪلام، سندن شخصيت جو آئينو آهي.

صادق هڪ ئي وقت مريد بہ آهي تہ مرشد بہ، طالب بہ آهي تہ مطلوب بہ، هڪ بيمثال ۽ وڏي شاعر هئڻ سان گڏ، صوفي باصفا ۽ روشن دل عارف ۽ مرد مومن بہ آهي. سندن معتقد مسلمان بہ آهن، تہ هندو حبدارن ۽ مريدن جو حلقو بہ وسيع آهي. صادق جي صحبت، هدايت ۽ مجلس ۾ هندو ۽ مسلمان يڪسان رهيا. هونئن بہ، اوليائن ۽ عارفن لاءِ مشهور آهي تہ "عاشقان را مذهب و ملت خدا است." يا "شاهہ" جي لفظن ۾: "سامين کي سين پرين، روح ۾ رهيو رب." معرفت الاهيءَ جي عاشقن ۽ سروڇ صوفين ۽ عارفن جو مذهب ۽ ملت ڇا آهي، ۽ محبوب جي مشتاقن جي سنّت ڇا آهي؟— فقط 'دل'، جا خدا جي جلوہ گاهہ آهي، تنهن کي سڀ شي کان خالي ۽ صاف رکڻ! بقول شيخ سعدي رحہ:

مذهبِ عشاق چيست، سنتِ مشتاق چيست؟
دل که نظر گاهہ اوست، از همه پرداختن!

صادق فقير، هڪ سچي مومن ۽ پڪي مسلمان جي حيثيت ۾، شريعت شريف جا ادب ۽ احترام ڪندڙ ۽ سختيءَ سان شريعت جا پابند هئا. پاڻ اهل سنت جماعت جا پيروڪار هئا. غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني بغدادي جي طريقي سان، جهوڪ شريف جي عارفن سان منسلڪ هئڻ ڪري، وابسته هئا، ان ڪري پاڻ 'صوفي القادري' هئا. ان سان گڏ آل رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن سان سندن والهانه محبت ۽ عقيدت ۽ فدايانه عشق ۽ الفت جو داستان "سر ڪيڏاري" ۾ موجود آهي. ان طرح، مذهبي فرقيبنديءَ ۽ اختلافن کان دور رهندا هئا.

فقير صاحب جن فطرتاً ۽ طبعاً سنجيدا، مدبر، نهٺا، وسيع القلب ۽ رحمدل انسان هئا. مردانگي ۽ شجاعت، غيرت ۽ حميت جي ڪري، لله ڪارڻ ڪنهن لاتِ سان لڙڻ کين ورثي ۾ مليل هو. انهيءَ سان گڏ، زياده نيڪ ۽ حساس طبع هئڻ ڪري، غريب عوام خواه اوڙي پاڙي تي ڪو غيرواجبي ۽ غيرانساني ظلم نازل ٿيندو ڏسي، کين گهڻو صدمو رسندو هو، ۽ پاڻ اهڙن ظالمن جي ڪارروائيءَ تي سخت رنج ۽ برانگيخته ٿيندا هئا. اهڙن موقعن تي کين جوش ۽ جلال پيدا اٿيندو هو. پر اها ڪيفيت تمام ٿورو وقت قائم رهندي هئي، ڇو ته سندن نيڪ فطرت ۽ ساديءَ طبيعت ۾ عفو ۽ درگذر، صبر ۽ شڪر جو مادو ججهو سمايل هو.

'چڱاين لاءِ چوڻ' ۽ عوام الناس کي 'برابن کان روڪڻ' سندن ساراهڻ جهڙا، فقيرانه ۽ مومنانه اصول رهيا. انهيءَ فرض کان سبڪدوش ٿيڻ لاءِ پاڻ وقت جي حاڪمن کان به نه مڙيا. هرڪنهن جي خيرخواهي، سڀڪنهن سان همدردي، اوڙي پاڙي ۽ راڄ-پاڳ جي عزت ۽ غيرت کي پنهنجي غيرت ۽ عزت سمجهڻ ۽ سندن ادب ۽ احترام ۽ سنڀال ڪرڻ، مهمان نوازي ۽ فقراء پروري فقير صاحب ۾ گهٽي هئي. وقت جي ديني عالمن ۽ مذهبي پيشوائن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ، فرقيوارانه تنازعن ۽ آويزشن کان بيزاري، ۽ هندو-مسلم اتحاد واري صوفيانه اصول کي به وٽن گهڻو فروغ حاصل ٿيو. انهيءَ طرف اشارو ڪندي، هڪ ڪلام ۾ چون ٿا:

هندو، تُرڪ تون نہ آهين-آهين خاص خدائي.

فقير صاحب جي بزرگانه ڪمالات ۽ ڪرامتن جون ڪئين حڪايتون ۽ روايتون مشهور آهن. اهي روايتون ڪيتريقدر حقيقت آميز آهن، اها خبر خدا کي؛ باقي سندن پيشنگويون، دعائون ۽ بددعائون ته سج وانگر روشن آهن. فقير صاحب جيئن زبان مان چيو، ائين ٿيو.

جهوڪ شريف جي خليفن ۾ فقير صاحب وڏو خليفو ليکيو آهي. صادق فقير جهوڪ شريف جو نه رڳو خليفو ۽ مريد آهي، بلڪ پنهنجي مرشد زادي، ابراهيم شاهه فقير بن مخدوم فضل شاهه جو مرشد به آهي، جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. جهوڪ شريف جي موجوده سجاده نشين جي وڏن کي جهوڪ شريف جي گادي به صادق فقير ولي ڏني هئي، جيڪو سندن عظيم ڪارنامو آهي.

مير حڪمران صادق فقير جا تمام گهڻا معتقد ۽ سندن ادب ۽ احترام ڪندڙ رهيا. فقير جي زبان وٽان هر طرح مقبول هئي، پر فقير صاحب هنن اميرن جي معتقديءَ ۾ ڪڏهن به ذاتي لالچ ۽ غرض نه رکيو، ۽ هميشه کين سندن ظلم جهڙيءَ روش تي بيڌڙڪ خبردار ڪندا آيا (جنهن جو ثبوت سندن دعا ۽ بد دعا وارا بيت آهن.) پاڻ ڪڏهن به ڪا ناجائز راءِ يا سفارش ميرن کي ڪانه ڪيائون.

اهي سندن فقيرانه استغنيٰ، حق پرستيءَ ۽ بلندڪرداريءَ جا زنده مثال آهن. سندن نظر ايض مان هزارين هندو ۽ مسلمان رچي لعل ٿيا، ۽ ڪيترن ئي سلوڪ ۽ تصوف جي راهگيرن جي فقير صاحب رهنمائي ۽ رهبري ڪئي. مختصر ته فقير صاحب جو وجود نيڪين ۽ برڪتن جو پنڊار هو. سندن شخصيت ۽ ڪردار جي بلندي ۽ عظمت سندن پاڪيزه حياتيءَ جي هر ڪنهن پهلوءَ مان نمايان آهي. سندن روحاني ڪمالات جو هڪ سندن همعصر ۽ مريد هن طرح اعتراف ڪيو آهي، جنهن ۾ نه رڳو عقيدت آهي، بلڪ حقيقت به سمايل آهي:

آپ تتو، پـون تـامـڙي، اتـي بيهي ڪير،
وڙهيا، واڳيا، واپريا، "صادق" جهڙا شير،
ان پونءَ سندي پير، ڪي ڪي قليل ڪاهڙي.
(ڪرم علي فقير)

## صادق جي شاعريءَ تي شاهه جو اثر.

شاعرن جي سرتاج، لاکيڻي "لطيف" جي شاهاڻي شعر کان، ڪهڙو سنڌي شاعر آهي، جو متاثر نه ٿيو هجي؟ سندن عارفانه عبارت، فاضلانه فڪر ۽ بزرگانه بيتن کان سندن همعصر متاثر ٿيا، پوين به تمام گهڻو اثر ورتو؛ هن وقت به سنڌي شعر سندن زير اثر آهي، ۽ آئيندي به سندن اثر سنڌي شعر ۽ ادب تي قائم ۽ دائم رهندو. فقير صوفي صادق تي لطيف جي فن ۽ فڪر، شعر ۽ رسالي جي ادب جو اثر، فني توڙي معنوي لحاظ سان، بلڪل نمايان آهي. سنڌي ادب جي چند تذڪره نويس صاحبن جي به اهڙي ئي راءِ آهي، جيڪا بلڪل قرين قياس آهي. سلطان العارفين حضرت شاهه عبداللطيف جن جي وفات (١١٦٥هه: ١٧٥٢ع) کان پورا پنج سال پوءِ (١١٧٠هه: ١٧٥٦ع) صادق فقير تولد ٿيا، ۽ پنجانوي سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون. روايتن موجب، فقير صادق پنجويهن سالن جي عمر ۾ فقيري اختيار ڪئي ۽ شاعر به ٿيا. سندن حياتيءَ جي انهن پنجويهن - چوويهن سالن لاءِ ته ڪجهه به چئي نٿو سگهجي، جو ته سندن اهو دور چورين، ڌاڙيلن ۽ خراب ماڻهن جي صحبتن ۾ گذريو. انهيءَ دور ۾ لطيفي رهاڻ حاصل ٿيس يا نه، پر باقي حياتيءَ ۾ فقير کي لطيفي رهاڻين ۽ صوفياڻي صحبتن ۽ مجلسن ۽ سماع سرود جي محفلن ۾ 'لطيفي لاٽ' ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ هنڊائڻ جا ڪافي موقعا ميسر ٿيا

جو مجموعو ڪنهن به حالت ۾ سڏي نه سگهبو. هن عارف ۽ قادرالڪلام شاعر پنهنجي طرفان ڪافي مسلم الثبوت ادبي ۽ علمي جدتون ۽ نيرنگيون پيدا ڪيون آهن، جنهن ۾ شاعر جي معنيٰ خيز تجربن، گهرين بصيرتن، بلند تخيل، حقيقي ۽ سچن مشاهدن، گڏجي، فن ۽ فڪر کي معراج تي رسايو آهي، جنهن ۾ شاعر جي شاعرانه جذبات ۽ احساسات، قلبي واردات ۽ مشاهدات، داخلي ۽ خارجي اثرات ۽ ڪيفيات جو عڪس آهي. ان کان سواءِ سنڌي ادب ۾ "ڪيڏارو" صديق فقير جو ئي آهي، جو فني حيثيت سان رقت انگيز ۽ رجزيه انداز کي نباهي سگهيو آهي. سندس مقابلي ۾ ٻين شاعرن جا ڪيڏارا ڪابه فني حيثيت نٿا رکن. شعر ۾ نوان خيال ۽ نوان تصور، پڪا ۽ پختا مشاهدا، نوان لفظ، نوان محاورا، نوان قافيا ۽ نئون ۽ نرالو فڪر، حسن بيان، وسيع نظري ۽ بلند خيالي، واقع نگاري ۽ منظرڪشي، 'محاڪات' ۽ بلند پروازي، جوش ۽ درد، رواني ۽ سلاست، سوز ۽ گداز انداز بيان جي بلاغت، وغيره، صادق فقير جي شاعرانه شعور جي عظمت ۽ فطري صلاحيتن جي ڪمال، فني قابليت، معنوي ڄاڻ ۽ علمي واقفيت ساک ڀرين ٿا. اهو ٻلاري پٽ ڏئيءَ سان مقابلو ۽ موازنو ته ڪنهن به حالت ۾ نه آهي، پر اهو به سچ آهي ته اهو لطيفي فيض ئي آهي، جنهن سنڌي صوفيائي شاعريءَ ۾ اهي رنگ رچايا آهن. پر جتي شعر ۾ جدت ۽ ندرت پيدا ڪرڻ لاءِ نون خيالن کي نين طرزن، نون اسلوبن ۽ نون پيراين ۾ پيش ڪرڻ جو سوال آهي، اتي اهو چئي سگهجي ٿو ته صادق فقير ۾ ان قسم جو فني اجتهاد جام آهي. اڳوڻا ۽ ورجايل خيال به، نون اسلوبن ۽ نمونن، پيراين ۽ رنگن ۽ ڍنگن سان پيش ڪرڻ به شاعريءَ ۾ داخل آهي، جنهن کي ڪنهن به حالت ۾ شعر جي دنيا مان خارج ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ لحاظ سان، صادق فقير به اڳيان ورجايل خيال ورجايا آهن، پر انهن ۾ اسلوب ۽ نگارش جي نواڻ ۽ ندرت به آهي، ۽ پنهنجي حال ۽ قال جي انفراد يت به.

ٻولين جي مختلف گروهن ۽ سندن اصلي ماءُ جي وچ ۾ قائم آهن، يا ڪم از ڪم ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري. ائين ڪرڻ سان هُو هڪ ٻوليءَ جي ايءَ ٻولي سان تاريخي ۽ پيدائشي حيثيت معلوم ڪرڻ لاءِ ۽ ٻاهجي يا اجنبي اثرن پروڙڻ لاءِ، ٻاڻ کي لائق بڻائي سگهي ٿو. هن طريقي سان، بعض اوقات، جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي اصلي ماءُ (mother tongue) وجود ۾ نه آهي ته ان کي هو مڪرر ترتيب ڏيئي سگهي ٿو.

## ٻولين جي ماءُ.

اهو نظريو ته "ٻوري انسانيت آدم ۽ حوّا (عليهما السلام) جي ٿي نسل مان آهي"، ڪنهن وقت اهل ڪليسا جي اثر ڪري مقبول عام هو؛ مگر هن وقت انهيءَ کي گوشهء گمناميءَ ۾ اڇلايو ويو آهي.

تاريخي شهادتن مان هيءَ حقيقت واضح آهي ته زمين تي انسانن جا ڪيترائي مختلف نسل آباد آهن — مثلاً آريائي، سامي، حبشي، ۽ چيني نسل. دنيا جي ڪشادن ڪندن ۾ پکڙجي وڃڻ کان اڳ، انهن مان هر هڪ نسل کي هڪ مقرر حد هوندي هئي، جتي اهو نسل ڪنهن وقت آباد هوندو هو، ۽ آتان لڏڻ جا به ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. ماهر اقتصاديات جي زبان ۾، 'مانيءَ ۽ مکڻ' جي گهرلا به انهن مان هڪ سبب ٿي سگهي ٿو، يا وري ماهرِ فلسفه جي نقطهءِ نظر کان، 'تجسس جي پياس' به هڪ سبب هجي. خير، سبب ڪهڙو به ڪٿي هجي، مگر انهيءَ ۾ ته ڪو به شڪ ناهي ته هر نسل پنهنجا خيال ۽ فڪر بالڪل اهڙي قدرتي نموني ۾ ظاهر ڪندو هو، جيئن ان جا افراد پنهنجون خواهشون ۽ نطري ضرورتون پوريون ڪندا هئا. ليڪن جيئن ئي هو ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا ته زندگيءَ جي مختلف خارجي حالتن، مثلاً آبهوا، طرز زندگي، ۽ ٻين نسلي اثرن سبب، انهن ۾ تبديل اچي ويئي. مختصر طور، ائين ڪٿي چئجي ته عمل ۽ ردّ عمل (action and reaction) جو سلسلو شروع ٿي ويو، ۽ اهڙيءَ طرح سندن زبان به پنهنجي اصلي صورت وڃائڻ شروع ڪري ڏني.

انهيءَ ڪري، جنهن به نسل يا آکهه ٻين نين آبادين ڏانهن لڏي وڃڻ ۽ ٻين نسلن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ وقت جنهن ٻوليءَ جو استعمال ڪيو هوندو، ان کي "ٻولين جي ماءُ" سڏيو وڃي ٿو.

## سامي.

لفظ "سامي" (semltlo) "سام" (shem) مان نڪتل آهي، جو حضرت نوح عليه السلام جي پٽ جو نالو هو. هي لفظ ڪيترن ئي اصطلاحن ۾ ڪتب ٿيندو آهي، مثلاً سامي نسل، سامي ٻوليون، سامي تهذيب، وغيره. آيشهورن (Elchhorn) پهرين اهو لفظ انهن

۽ "جوهر" اصل فارسي لفظ "گوهر" کان ورتل آهي، يا سنسڪرت لفظ "گوترا" کان ورتل آهي. ساڳيءَ طرح، "مسڪ" به معرب آهي. سن ڀنجين هجريءَ ۾ ابو منصور الجواليقيءَ اهڙن لفظن متعلق هڪ ڪتاب لکيو ۽ ان جو نالو "ڪتاب المعرب" رکيائين. جوهريءَ جي خيال مطابق، "المعرب" جي تعريف هن طرح آهي:

"تعريب الاسم العجمي ان تتفوه به العرب علي منهاجها."

(٢) المولد: معنيٰ لئون پيدا ڪيل لفظ. هن اصطلاح مان اهي لفظ مراد آهن، جن جو عربي زبان ۾ ڪو وجود ڪين ناهي، پر پوءِ ان ۾ نئين سر پيدا ٿيا آهن، مثلاً "تجبه" ۽ "تحرير".

(٣) الدخيل: هن اصطلاح جي دائري ۾ سڀ غير عربي الفاظ اچي وڃن ٿا. هن قسم جي لفظن کي عربي شڪل ڏجي يا نه، ٻنهي حالتن ۾ ڪو به تفاوت نه ٿيندو.

(٤) الاعجمي: هن دائري ۾ به غير عربي الفاظ اچن ٿا. هي اصطلاح اهڙن سامي لفظن لاءِ آهي، جيڪي عربي زبان ۾ مستعمل ناهن، پر انهن کي عربي عبارت کي سهڻي بنائڻ خاطر اڌاري طور آندو وڃي، مثلاً "مور" ۽ "لور".

(٥) الفصيح: اهو لفظ، جيڪو نه ڪنن کي ناگوار لڳي ۽ نه اچارڻ ۾ ڳرو محسوس ٿئي، نه غير مشهور هجي ۽ نه رواج جي خلاف هجي. الفصيح جو تنقيدي معيار هي آهي ته ان جو استعمال گهڻو ۽ متواتر (لڳو لڳ) هجي. جيڪڏهن ڪو لفظ "اقل فصيح" آهي ته ان کي "منڪر"، ۽ جي "غير فصيح" آهي ته ان کي "ضعيف" چيو وڃي ٿو.

(٦) المشترڪ: ٻن معنائن وارو لفظ، جيڪي معنائون هڪٻئي جي خلاف نه هجن. مثلاً "عين" لفظ جي معنيٰ "اک"، ۽ ان جي ٻي معني "چشمو" آهي.

(٧) الاَضْداد: هي اصطلاح انهن لفظن لاءِ آهي، جيڪي هڪٻئي کان معنيٰ جي لحاظ کان بلڪل مختلف هوندا آهن، يعني ساڳئي لفظ جون ٻه معنائون هونديون آهن، جي ٻئي هڪٻئي جو ضد هونديون آهن: مثلاً لفظ "جون"، ڪاري ۽ اڇي، ٻنهي معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي. ساڳيءَ طرح، لفظ "غابر"، گذريل زماني خواه حال، ٻنهي معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي.

(٨) المترادف: هي اصطلاح "هم معنيٰ" لفظن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. مثلاً "السيف" ۽ "الصارم" ٻئي ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ آهن، ٻنهي جي معنيٰ آهي "تلوار". "المترادف" ۽ "التوڪيد"، انهن ٻنهي اصطلاحن ۾ هي فرق آهي ته پهريون مفهوم بيان ڪري ٿو ۽ ٻيو ان جي شرح ڪري ٿو. ساڳيءَ طرح "مترادف" ۽ "تابع" ۾ هي فرق آهي ته پهرئين کي پنهنجو ذاتي مفهوم آهي، ۽ اڪيلي سر به استعمال ٿي ٿو سگهي، برخلاف تابع جي. ان کي اڪا پنهنجي ڪا معنيٰ آهي ۽ نه اڪيلي سر به استعمال ٿي سگهي ٿو. مثلاً، "عطشان و نطشان": هن ترڪيب ۾ عطشان لفظ جي معنيٰ آهي اڃايل، مگر "نطشان" لفظ، جيڪو "عطشان" جو

تابع آهي، ان کي بذات خود ڪا بہ معنيٰ نہ آهي، ۽ نہ وري ان کي "عطشان" کان سواءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

(۹) المستعمل و المهمل: "المستعمل" جو اصطلاح ان لفظ لاءِ آهي، جيڪو روزمره جي استعمال ۾ اچي ٿو، ۽ "المهمل" جو اصطلاح ان لفظ لاءِ آهي، جيڪو هيٺين سببن ڪري استعمال ۾ نٿو اچي: (الف) لفظ ۾ اچارن ۽ آوازن جو غير متوافق هجڻ؛ (ب) لفظ جو عربن وٽ استعمال ۾ نہ هجڻ، مثلاً "عضنج"؛ ۽ (ت) اهي خماسي حرف جيڪي 'حروف الذلق' يا 'حروف الاطباق' سان نہ هجن.

(۱۰) الوحشي: هي اصطلاح ان لفظ لاءِ آهي، جيڪو ڪنن کي نہ وڻي. ابن رشيق پنهنجي ڪتاب "العمدة" ۾ هن اصطلاح جي تعريف هن طرح ڪري ٿو: "الوحشي من الکلام ما نفر عن السمع."

(۱۱) الغريب: اهو لفظ جو ڪنهن ٻوليءَ ۾ استعمال ٿئي، مگر سندس معنيٰ عام فهم نہ هجي، ۽ عالم کان سواءِ هر ماڻهو ان جي معنيٰ نہ سمجهي. مثلاً "البرت" جي معنيٰ آهي "الرجل الذليل".

(۱۲) النادر: هن اصطلاح جو مفهوم بہ "الغريب" جهڙو ئي آهي. النادر جي تعريف آهي "اقل من القليل"، يعني گهٽ ۾ گهٽ ورلي.

(۱۳) المتروڪ: هي اصطلاح ان لفظ لاءِ استعمال ٿئي ٿو، جيڪو قديم يا بلڪل شاذ هوندو آهي.

(۱۴) المصنوع: هي اصلاح اهڙن لفظن لاءِ استعمال ٿئي ٿو، جيڪي ساڳئي مفهوم کي ظاهر ڪن ٿا. "المصنوع" ۽ "المولد" ۾ ڪافي فرق آهي. پهريون فصيح آهي، ۽ ٻيون غير فصيح.

عالمن ۽ ماهرن، لفظن جي مختلف نمونن ۽ معنائن جي مطالعي ڪرڻ بعد مٿين تقسيم ڪئي آهي. ڪين مطالعي جي دوران ۾ اهڙا الفاظ بہ نظر آيا، جن جي قرآة (پڙهڻي) مختلف هئي، مثلاً "صقر" کي "سقر" ۽ "زقر" جي شڪلين ۾ پڻ لکيو ويندو آهي. اهڙا الفاظ عموماً هر ٻوليءَ ۾ موجود آهن، ۽ جن جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. مثلاً لفظ کي ڪنهن مشهور شاعر هڪ خاص انداز ۾ استعمال ڪيو، ۽ اهو شاعر عوام جي هڪ گروهہ ۾ پسنديده آهي، تہ لازمي طرح اهو گروهہ ان لفظ کي سندس محبوب شاعر وانگر ئي استعمال ڪري ٿو. يا ڪو لفظ ڪنهن اهڙي علائقي ۾ اچي استعمال ٿئي، جنهن جا باشندا آن لفظ جو اصلي اچار ڪري نہ سگهن؛ يا هي بہ سبب ٿي سگهي ٿو تہ ڪن ماڻهن اهڙا الفاظ پيدا هجن، ۽ پڻ جي غلط فهميءَ سبب، استعمال ۾ غلط رائج ٿي ويا هجن. اهڙن لفظن کي لسانيات جي ماهرن "تداخل اللغات" جي نظريي هيٺ آندو آهي. انهيءَ کان سواءِ هڪ ٻيو بہ نظريو آهي، جنهن کي بعد جي ماهرن ايجاد ڪيو آهي. مگر اهو نظريو حڪمت تي ٻڌل نہ آهي، ان ڪري عالمن

طرفان ان کي تسليم نہ ڪيو ويو. هن نظريي جو نالو ”اشتقاق ڪبير“، يعني ”وڏو اشتقاق“ آهي. ابوعلي فارسيءَ (٢٨٨-٣٧٧هه) وٽان ان جو آغاز ٿيو. پر سندس شاگرد رشيد ابوالفتح عثمان جنّي (٣٣٠-٣٩٢هه)، پنهنجيءَ تصنيف ”الخصائص“ جي ٻهرئين حصي ۾، صفحي ٥٢٥-٥٢٦ تي، لکي ٿو تہ ”ماهرين لساليات مان ابوعلي کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ صاحب اشتقاق ڪبير جي نظريي جو سهارو نہ ورتو آهي. جڏهن اشتقاق صغير کيس ڪاڪار بنائيندو هو، تہ اُن مان مدد وٺندو هو. ان تي اعتماد رکڻ جي باوجود، هو اهو فقط ضرورت وقت استعمال ڪندو هو، ۽ لاچاريءَ ۾ پاڻ کي ان سان وندرائيندو هو.“ مطلب تہ لسانيت جي ماهرن طرفان هن نظريي کي تسليم نہ ڪيو ويو آهي، ۽ نہ وري اهو نظريو اسان جي گهريءَ توجهہ لائق آهي. هتي انهيءَ کي فقط پڙهندڙن جي معلومات خاطر آندو ويو آهي.



● "بيصبريءَ ۽ بيقراريءَ سان تقدير نٿي بدلجي." — حضرت علي ع.
● "جو شخص نيڪ سلوڪيءَ سان درست نٿو ٿئي، اهو بدسلوڪيءَ سان ڪيئن درست ٿيندو؟" — حضرت علي ع.
● "برائي ڪندڙ جي شڪرگذاري ڪرڻ، شڪرگذاري نه، پر حماقت آهي." — حضرت علي ع.
● "زاهد ماڻهن کان پري ڀڄي ته ان جي تلاش ڪريو، پر جي زاهد ماڻهن جي تلاش ۾ هلندو وتي ته ان کان دور رهو." — حضرت علي ع
● "خوشامدي ماڻهو، تڪبر جو ٻج ڇٽين ٿا." جعفر صادق ع
● "اوهان جا سڀ کان وڏا دشمن آهن، اوهان جا بدڪار دوست." — غوث اعظم رح.
● "پيٽ ڀرڻ لاءِ ماني، بت ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو، سر لڪائڻ لاءِ اجهي کي دنيا نه سمجهڻ گهرجي: دنيا آهي، دنيا ڏانهن منهن ڪرڻ ۽ حق تعاليٰ ڏانهن پٺي ڪرڻ." — غوث اعظم رح.
● "اگر مخلوق سان توهان ادب سان نٿو هلين، ته پوءِ حق تعاليٰ سان ادب جي دعوا نه ڪرڻ جڳائي." — غوث اعظم رح.
● "چاليهه سال عمر، زندگيءَ جي ڪتاب جو اصل مضمون آهي، باقي عمر ان جي تشريح آهي." — شوپنهائر
● "حقيقي زندگي اها آهي، جا اسين پاڻ گذاري نٿا سگهون." — آسڪروائلڊ.
● "موت سان سڀني مصيبتن جو ۽ شاديءَ سان سڀني خوشين جو خاتمو ٿي وڃي ٿو." — بائرن.
● "زندگي ڄڻ هڪ غير ملڪي زبان آهي، جنهن جو اچار هرڪو غلط ٿو ڪري." — مارلو.
● "زندگي ناڪافي واقعن مان ڪافي نتيجن ڪڍڻ جي فن جو نالو آهي." — بٽلر.



ڪانئس مدد پهچندي هني سا ڪندو هو. ان جو مثال هيءُ آهي ته پاڻ "رد عيسائيت" نالي ڪتاب، جنهن جو مضمون هو 'اسلام تي اعتراض ۽ انهن جا جواب'، ١٩٦٢ع ۾ ڇپائي، مفت تقسيم ڪرايائين. "رد عيسائيت" جو ٻيو ڪتاب ١٩٦٤ع ۾ ڇپائي، مفت ورهايائين. وري ٽيون ڪتاب، "فرزندانِ اسلام کي غيرت ايمانيءَ جي پڪار"، به ڇپائي مفت ورڇيائين.

تعليم سان سدائين سندس اُنس رهندو آيو. ١٩٤٧ع ۾ جيئن ٽنڊوالهيار ۾ لڏي باعيال اچي رهيو، ته هڪدم پريم لنگر ۾ پرائمري اسڪول جي برانچ کولرايائين، جنهن ۾ ٽي سؤ ڇوڪرا بروقت موجود ڪيائين، ۽ ٽن سالن تائين اسڪول جي جڳهه جي مسواڙ پنهنجي هٿان ڀريندو رهيو. ميونسپل اسڪول جو درجو مڊل مان وڌائي هاءِ اسڪول ڪرائڻ لاءِ بنيادي ڪوشش ورتائين. ان لاءِ هڪ هاسٽل پڻ قائم ڪرائي هئائين. ٽنڊوالهيار ۾ ٻيو، ايس.ايم. مڊل اسڪول برپا ڪيائين، جنهن کي وڌائي جلد ئي هاءِ اسڪول ڪيو ويو. ان کي هڪ لئبرري، سائنس ڪلاس، هاسٽل ۽ راندين جو ميدان مُهيا ڪري ڏنائين. سندس تعليمي ڪوششون اتي ئي ختم نه ٿيون، بلڪ هاءِاسڪول سان ملحق، ايس. ايم. آرٽس ڪاليج به سندس ئي ڪامياب ڪوشش جي نتيجي ۾ قائم ٿيو. ان طرح ڪيترن شاگردن کي روزانو مسافريءَ جي تڪليف وڃڻ کان نجات حاصل ٿي.

حاجي محمدصادق مرحوم جهڙي هڪ مخلص ۽ معتبر بزرگ، قومي ۽ سماجي ۽ ديني درد رکندڙ مجاهد، علم دوست ۽ تعليمي سرپرست، زنده‌دل ۽ يارويس، سادگيءَ ۽ نهٺائيءَ جي مجسمي انسان جي ياد، سندس سمورن سچائو حلقن ۾ هميشه قائم رهندي. رب پاڪ کيس غريقِ رحمت ڪري، ۽ سندس عيال ۽ احباب کي صبر جي توفيق عطا فرمائي!

— و. م. طاهرزادو



# تبصرا

**ميين شاھ عنات جو ڪلام.** مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان؛ صفحا ٢٢٩+٤=٢٣١، ڊبل ڪرائون سائيز؛ جلد پڪو، پنو عمدو، ٿلهو، ڪارٽيج پيپر؛ ڪورَ تي لصرپوري ڪيس جي نفيس ڊزائين؛ ڇپائي ۽ گيٽ اپ معياري؛ قيمت ١٢ رپيا، ٥٠ پئسا؛ ڇپائيندڙ ”سنڌي ادبي بورڊ“، ٣-سول لائينز، حيدرآباد سنڌ.

”ميين شاھ عنات رضوي نصرپوريءَ جو ڪلام“ سنڌيءَ جي برک اديب، جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب، صدر شعبهء تعليمات، سنڌ يونيورسٽي، جي علمي تحقيق ۽ ادبي ڇنڊڇاڻ جو شاهڪار آهي. هيءَ علمي چيز، ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي روايتي اشاعتي معيار جو سهڻو نمونو آهي.

هن ڪتاب جي جمع و ترتيب جي سلسلي ۾ ائين چوڻ ڪافي آهي تہ هيءَ علمي ۽ معياري تحقيق، قديم ۽ جديد ايڊٽ جي اصولن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي مواد جي تقسيم هن طرح ڪيل آهي: سڀ ڪان اول مهاڳ آهي، جو اوڻيهن صفحن تي مشتمل آهي؛ ان ڪان پوءِ مقدمو آهي، جو ٢١ ڪان ١٠٩ صفحن تائين آهي؛ ان ڪان پوءِ ميين شاھ عنات جي ڪلام جو متن، ڪل ٢٣٦ صفحا آهي؛ ۽ سڀ ڪان آخر ۾ مختصر اشارا، ٢٣٨ ڪان ٢٩٩ صفحن تائين آهن؛ ان ڪان علاوه، ڇهن صفحن تي مشتمل، مختصر طرح سان انگريزي زبان ۾ تعارف آهي.

ميين شاھ عنات جي شخصيت ۽ سندس ڪلام، پنهنجي، تاريخي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ اهم مقام رکن ٿا. خاص طرح سان سنڌي شاعريءَ جي ارتقائي تاريخ ۾، هڪ قادرالڪلام ۽ پيشرو شاعر جي حيثيت سان، ميين صاحب جي منزلت گهڻو مٿي آهي.

اسان جي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾، تصوف ۽ دينيات جي تبليغ ۽ ترجمانيءَ جي حيثيت سان، ٺٽي جي عالمن جي، ديني رسالن ”نورنامي“ ڪان وٺي ”مقدمہ صلواة“ تائين، بنيادي حيثيت آهي. ان دور جي زبان ۽ انداز بيان ساده ۽ دلنشين آهي، پر شاعرانہ نڪتہ سنجيءَ ۽ عاشقانہ واردات جي بيان لاءِ ناڪافي آهي. پراڻي دور ۾ ’الف اشباع‘ جو آڌي، بيقاعده قافيہ سازي ڪري، ديني رسالا لکيا ويا آهن، ان طريقي کي سنڌي شاعريءَ جي نمائنده حيثيت ڏيئي نٿي سگهجي.

ان سلسلي ۾ قاضي قاضن، مخدوم نوح رحہ ۽ شاھ ڪريم جي بيتن ۽ ڏوهيڙن کي هڪ نمائنده اسلوب جي حيثيت ضرور ڏيئي سگهجي ٿي. ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ان دور کي

ممکن آهي تہ ڪي اهل ذوق ميين عنات کي لطيف جي "فني پيشرو" جي حيثيت سان تسليم نہ ڪن، تاهم ڊاڪٽر صاحب جي مهاڳ ۽ مقدمي کي غور سان مطالع ڪرڻ کان پوءِ اهو ضرور مڃڻو پوندو تہ لطيف هن عمر رسيده ۽ قادرالڪلام شاعر جي صحبت ۽ رهاڻ کان استفادو ضرور ڪيو آهي. ان استفادي جي اثر کي لطيف جي فن ۾ تسليم نہ ڪرڻ لاءِ ڪوبہ واجبي سبب نظر نٿو اچي.

ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ، عرقريزي ۽ ڪاوش، مهاڳ ۽ مقدمي جي هر عنوان مان ظاهر آهي. مهاڳ ۾ چند ذيلي عنوان هي آهن: تحقيق جي ابتدا، ڪلام ۽ سوانح جا سرچشما، قلمي ذخيرو، خانداني روايتون، سگهڙن جون صدري روايتون، ڪلام جا قلمي نسخا، نسخن جي پيٽ، ڪلام جي ترتيب، سرن جي اندروني مواد جي ترتيب، ڪلام جي تحقيق ۽ تصحيح، شامل ڪلام جو تفصيل، وغيره. هرعنوان هيٺ نهايت باريڪ بينيءَ ۽ ناقدانہ نگاهہ سان بحث ڪيو ويو آهي. ان طرح، مقدمي ۾ سوانح حيات، ولادت ۽ بلوغت، شادبون ۽ شغل، فقيريءَ ڏانهن لاڙو، پيريءَ جو دور، شاهہ عنات جو اولاد، اولاد مان شاعر (سوانح ۽ ڪلام)، انهن بابن کي جنهن تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، اهو ڊاڪٽر صاحب جي فني ڪارڪردگيءَ جي مهارت جي ساک پيري ٿو. انهن بابن ۾ هڪ دور جي پوري تاريخ ۽ تهذيب سمايل آهي.

مقدمي جي آخر ۾ "ميين شاهہ عنات جي شاعريءَ" تي مفصل بحث ڪيو ويو آهي. ميين عنات جي شخصيت متعلق ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

"ميون شاهہ عنات هڪ خود خيال ۽ آزاد طبع شخص هو. جوانيءَ ۾ شاد يون ڪيائين، ۽ وڏي اهل اولاد وارو ٿيو..."

ميين عنات جي شاعرانہ تاريخي ڪڙيءَ لاءِ ڊاڪٽر صاحب خوب تحقيق ڪئي آهي. لکي ٿو:

"شاهہ ڪريم وفات ڪئي (١٠٣٠هہ) تہ ميون شاهہ عنات ڄائو، ۽ ميين شاهہ عنات وفات ڪئي (١١٢٠-١١٢٥هہ) تہ ڀٽائي صاحب جوان ٿيو. سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جي سلسلي ۾، ميون شاهہ عنات جڻ شاهہ ڪريم ۽ ڀٽائي صاحب جي وچ واري عرصي جي تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو، ۽ سنڌي شاعريءَ جي مقدار توڙي اقدار جي لحاظ سان، هو انهيءَ وچ واري دور جو نامور اڳواڻ ۽ علمبردار هو."

اڳتي ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي:

"مقدار جي لحاظ سان، ميين شاهہ عنات کان اڳ سنڌي شاعريءَ جو سرمايو البت محدود هو. قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم پنهنجي دورجا وڏا شاعر شمار ڪري سگهجن ٿا، مگر قاضي قادن جا فقط ٧ بيت محفوظ رهيا آهن. ميين شاهہ ڪريم جي ملفوظات ("بيان العارفين") سربستي موجود آهي، ۽ ان ۾ سندس جملي ٩٣ بيت شامل آهن.

”سنڌي زبان جو ڪامل شاعر ٿي گذريو آهي، ۽ سندس بيت معرفت جي صاحبن جي زبان جو ورد آهن، ۽ يقين جي حقيقتن کان واقف ڪندڙ آهن.“

ڊاڪٽر صاحب جن لکن ٿا:

”حقيقت ۾ ميين شاهه عنات جو ڪلام عالمن توڙي عوام ۾ مقبول پيو، ۽ نه صرف آڳاٽي راويءَ، سانوڻ فقير کي ياد هو، پر ان بعد پڻ، صدري روايتن ذريعي، ان جو ذوق عام رهيو، ۽ ويندي هن موجوده دور تائين سنڌ جي سگهڙن وٽ ان جي ريجهه رهاڻ باقي آهي.“

بهرحال، ميين عنات جو ڪلام سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي تاريخ ۾ هڪ معياري ۽ پائيدار ڪَڙي آهي، جنهن کي جمع ڪري، ڊاڪٽر صاحب هڪ تاريخي خدمت ڪئي آهي.

ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي فاضلاڻ ۽ عالمانه مهاڳ ۽ مقدمي ۾، حضرت شاهه عنايت شهيد جهوڪ وارن متعلق شاهه عنات جو بيت پڻ پيش ڪيو آهي، ۽ ان سلسلي ۾ شاهه بلال جو پڻ بيت آندل آهي. ان جي تشريح ۽ تائيد ۾ تاريخي واقعا به ڏنا ويا آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهو هڪ گمشده ورق هو، جو ڊاڪٽر صاحب احتياط ۽ احترام سان پيش ڪيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب ميين عنات جي شاعرانه اوّليات ۾ هيٺيون خصوصيتون بيان ڪيون آهن:

(۱) بيتن ۾ بيان جي وسعت — نعت ۽ مدح جي مضمونن ۾ بيان جي رواني ۽ رنگيني پيدا ٿي؛ (۲) بيتن ۾ مجازي رنگ — مجازي حسن جي تعريف ۾ نئين باب جو اضافو ٿيو؛ (۳) سنڌي وائيءَ جي سٽا جي تڪميل — سنڌي وائي مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان اوج تي پهتي؛ (۴) راڳ جي چاڻ — وائيءَ جي لفظن کي وائيءَ جي لَي سان هم آهنگ ڪيو ويو.

بهرحال، هي ڪتاب پنهنجي فني افاديت جي لحاظ کان هڪ مثالي شاهڪار آهي. ڪاش، ان سٽا کي اڳيان رکي، سنڌيءَ جي ٻين بزرگ شاعرن لاءِ پڻ لکيو وڃي! (غ.م.گ.)

**پاڪستان: ”ايڪ قصر دَر لَڪ“** (اصل جرمني ٻوليءَ ۾ لکيل). مصنف ڊاڪٽر انيمري شميل؛ صفحا ۲۷۸، ڊيمي سائز، جلد پڪو، ۲۵ تصويرون، عمدي آرٽ پني تي؛ قيمت ۲۴٫۸۰ جرمن مارڪ؛ ڇپائيندڙ: اوريل فُسلي، زيورچ (سئٽزرلئنڊ).

“*PAKISTAN, Ein Schloss Mit Tausend Toren*”, Annemarie Schimmel.

هي ڪتاب جرمني ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، جنهن جي مصنف محترمه پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شميل آهي، جا هن وقت مغربي جرمنيءَ جي بان (Bonn) يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي. هن کان اڳ محترمه انقره يونيورسٽي (ترڪي) ۾ اسلاميات جي پروفيسر هئي. ان کان پوءِ، ڪجهه وقت، ماربُرگ يونيورسٽي (مغربي جرمني) ۾ پڙهايائين. اسلامي مذهب، تهذيب ۽ تمدن جو خاص مطالعو ڪيو اٿس. علم تصوف ۽ صوفين جي تاريخ ۾ کيس گهڻي مهارت آهي، ۽ ان موضوع تي ڪتاب پڻ لکيا اٿس. چوٿين صدي هجريءَ (ڏهين صدي عيسويءَ) جي مشهور صوفيءَ، ابن خفيف شيرازيءَ تي جرمني ٻوليءَ ۾ سندس خاص تحقيقي ڪتاب لکيل آهي. علامه اقبال جي سوانح ۽ تصنيفات تي انگريزيءَ ۾ بهترين ڪتاب Gabriel's Wing (بال جبريل) جي




ٻاهريون دروازو



مکيه عمارت، جنهن ۾ بورڊ جي هيڊ آفيس، بڪ اسٽال ۽ مهراڻ رسالي جي آفيس آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس، بنگلو نمبر ۳، سول لائينس، حيدرآباد